ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر ڀهرين ڊسمبر 2025ع 09 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (108)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

غيرقانوني حراست، گرفتاري، ظلم، بربريت ۽ عدالت کان مٿانهان قتل آئين جي ڀڃڪڙي آهن: سپريم ڪورٽ

آئين رياست تي هر شهري جي جان جي تحفظ جي ذميواري وجهي ٿو تشدد، غير انساني يا توهين آميز سلوڪ، جيڪو انساني وقار جي تذليل ڪري ڪنهن به حال ۾ جائز نٿو ٿي سگهي

ڪڏهن ڪڏهن پوليس جو تشدد عدالت کان مٿانهين قتل جو سبب بڻجي ٿو ڇوته ڪجهه اهلڪار ڇوٽ جي مفروضن هيٺ پنهنجي طريقي سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن

ان رجحان کي روڪڻ لاءِ پوليس تي موثر مخصوص ۽ ٻاهرين نگراني لازمي آهي. زندگي جو حق سڀني انساني حقن مان اعليٰ ترين آهي. رياست شهرين جي زندگين جو تحفظ ڪري

پوليس کي گرفتاري جو حق ضرور آهي، پر اهو قدم آئين ۽ قانون جي مڪمل تابعداري سان کڻڻ لازمي آهي. غيرقانوني گرفتاري، تشدد يا بدسلوڪي ڏوهي عمل ۽ بدانتظامي آهي

عدالت پنجاب پوليس جي اهلڪار مٿان زرياب خان نالي شخص کي غيرقانوني حراست ۾ رکڻ، بدسلوڪي ۽ تشدد جا الزام ثابت ٿيڻ تي نوڪري مان برطرف ڪرڻ جو حڪم برقرار رکندي اپيلون خارج ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ پوليس حراست دوران تشدد ۽ عدالت کان مٿانهين قتل بابت اهم فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته تشدد، غير انساني يا توهين آميز سلوڪ، جيڪو انساني وقار جي تذليل ڪري ڪنهن به بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

تيل جي اگهن ۾ لاٿ، پيٽرول 2 رپيا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل في ليٽر 4.79 رپيا سستو

حڪومت حڪومت اوگرا جي سفارش تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ نظرثاني ڪئي

اسلام آباد (م د) پيٽروليم ڊويزن پاران بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جو 58 هون يوم تاسيس، 100 کان وڌيڪ ضلعن ۾ هڪ ئي وقت چيئرمين جو وڊيو خطاب نشر

صوبن جي اختيارن ۽ آئيني ضمانتن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٻاهه سان کيڏڻ برابر آهي: بلاول ڀٽو

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خبردار ڪيو ته 18 هين آئيني ترميم تحت صوبن کي ڏنل اختيارن ۽ آئيني ضمانتن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو اهو باهه سان کيڏڻ برابر آهي

حڪمران پارٽي مسلم ليگ (ن) قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ تحت صوبن جي مالي حقن ۾ ترميمون پڻ تجويز ڪيون هيون، جن کي پيپلز پارٽي رد ڪري ڇڏيو آهن

ملڪ ۾ ڪيترائي مسئلا انهن ۾ جڙيل هئا ۽ اڄا به آهن ماضي ۾. پيپلز پارٽي صوبن کي انهن جا حق ۽ نمائندگي ڏني ۽ جمهوريت بحال ڪري مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

هندستاني دفاع وارو وزير سنڌ بابت جارحاڻا بيان ڏئي پيو ۽ افغان سرحد تي تڪرار وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن قوم متحد آهي ته اها هر دشمن ۽ هر قسم جي سازشن جو مقابلو ڪري سگهي ٿي

آئيني ترميمن بابت عدالت يا ڪنهن جج کي فيصلو ڪرڻ جو اختيار ئي ناهي ۽ اسان ڪنهن ٻئي اداري کي پارليامينٽ جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين

پيپلز پارٽي صوبن جي مالي حصي جي آئيني ضمانت جو تحفظ ڪيو آهي اسان پاڪستان جي اندروني مسئلن کي ختم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪنداسين جيئن ڪا به طاقت فائدو نه وٺي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس تي عوام جي حقن جي تحفظ، وفاق کي مضبوط ڪرڻ ۽ قومي سلامتي ۾ پنهنجي مڪمل ڪردار کي ورجايو آهي ۽ چيو آهي ته هو ڪنهن به اهڙي حڪومتي قدم جي حمايت نه ڪندو جيڪو وفاق کي ڪمزور ڪرڻ ۽ صوبن جي حقن تي قبضو ڪرڻ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس واري جلسي ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري اسٽيج تي ويٺل آهن

آمريت خلاف مزاحمت ۽ عوامي حقن جي بحالي پيپلز پارٽي جو تاريخي ڪارنامو آهي: آصف زرداري

شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي جدوجهد ۽ قربانين پاڪستان ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪيو

1973ع جو گڏيل آئين شهيد ڀٽو جو تاريخي تحفو آهي. ته ملڪ جي ايٽمي پروگرام جو بنياد پيپلز پارٽي رکيو

پيپلز پارٽي هميشه مزدور، هاري، عورتن ۽ اقليتن جو آواز رهي آهي: يوم تاسيس تي پيغام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر آصف علي زرداري پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس تي پنهنجي پيغام ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو کي به خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته صدر چيو ته پيپلز پارٽي جي جدوجهد پاڪستان ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪيو آمريت جي خلاف مزاحمت ۽ عوامي حقن جي بحالي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي غريبن جو آواز، نوجوانن ۽ هارين جي ضامن آهي: مراد علي شاهه

شهيد ڀٽو جي شهادت کان پوءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي به اسان کان الڳ ڪيو ويو

چيئرمين دنيا جو سڀ کان وڏو منصوبو ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهر ناهڻ آهي جيڪا ڪنهن جي سوچ ۾ به نه هئي

شهيد ڀٽو غريبن، هارين، شاگردن، صحافين، ڏتڙيل طبقي جي رهنمائي ڪئي، عوام پهرين ڏينهن کان پوئلڳ آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي طرفان پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي تقريب شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميونسپل اسٽيڊيم لاڙڪاڻو ۾ منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته شهيد بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران سڄي سنڌ ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

ڪراچي (اي پي پي) موسميات کاتي سنڌ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام عمري جي سعادت حاصل ڪئي، ملڪ ۽ قوم جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون

مڪه مڪرمه (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس واري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان گڏيل قومن جي انساني حقن واري هاءِ ڪمشنر جو 27هين ترميم بابت بيان رد ڪري ڇڏيو

قانون سازي ۽ آئين ۾ ڪنهن به ترميم جو اختيار صرف عوام جي چونڊيل نمائندن جي اختيار ۾ اچي ٿو

پارليامينٽ طرفان منظور ڪيل آئيني ترميم مڪمل طور تي پاڪستان جي آئين طريقيڪار موجب ٿي آهي

هاءِ ڪمشنر پاڪستان جي پارليامينٽ جي خودمختيار فيصلن جو احترام ڪري ۽ اهڙن بيانن کان پاسو ڪري

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر جي آفيس پاران بي بنياد بيان کي رد ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پارليامينٽ جي ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان منظور ڪيل 27هين آئيني ترميم بابت گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر جي بي بنياد خدشن تي ڳڻتي جو اظهار بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس ڪيس جي ٻڌڻي اڄ کان شروع ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس ڪيس جي ٻڌڻي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم يوٿ اسپورٽس هنٽ پروگرام، 4 ڊسمبر کان اسلام آباد ۾ ڪرڪيٽ مقابلن جي شروعات ٿيندي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: يونيورسٽي آف فيصل آباد جي سالياني ڪنووڪيشن ۾ ڊگريون حاصل ڪندڙ شاگردياڻيون حلف کڻي رهيون آهن

آمريڪا پاران سنگين ڏوهن ۾ ملوث افغانين جون تصويرون جاري، ملڪ بدر ڪرڻ جو اعلان

اڳوڻي صدر جو بائيڊن جي دور ۾ آمريڪا ايندڙ ڪيترن ئي افغان شهرين سنگين ڏوهه ڪيا

هوم لينڊ سيڪيورٽي کاتي ڏوهن ۾ ملوث افغان شهرين جون تصويرون ۽ ڄاڻ به جاري ڪري ڇڏي

جيڪي ماڻهو عوامي سلامتي لاءِ خطرو آهن، انهن کي ملڪ مان ڪڍيو ويندو: اختياريون

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) آمريڪا جي هوم لينڊ سيڪيورٽي کاتي چيو آهي ته اڳوڻي صدر جو بائيڊن جي حڪومتي دور ۾ آمريڪا ۾ داخل ٿيندڙ ڪيترن ئي افغان شهرين سنگين ڏوهه ڪيا. هوم لينڊ سيڪيورٽي کاتي سنگين ڏوهن ۾ ملوث افغان شهرين جون تصويرون ۽ ڄاڻ به جاري ڪري ڇڏي کاتي موجب اهي افغان شهري قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن تي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: ريسڪيو 1122 جو اهلڪار حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان کي طبي امداد ڏيندي

عوامي ڀلائي ۽ سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: دانيال چوڌري

چڪلالا ۾ گئس پائيپ لائين وڇائڻ سميت ٻيا ترقياتي منصوبا انهي عزم جو عملي ثبوت آهن

هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته علائقي جي عوام کي بنيادي مسئلن کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

راولپنڊي (اي پي پي) سنڌ سماءَ واري وفاقي پارليامانی سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري سان چڪلالا اسڪيم 3 ۽ ولايت خان ڪالوني جي عوامي نمائندن ۽ اڳواڻن ملاقات ڪئي ۽ علائقي ۾ ترقياتي ڪم بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حڪومت ٻوڏ متاثر عوام جي بحالي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي: قيصر شيخ

چنيوٽ جي ڏورانهن ۽ ٻوڏ سبب متاثر ٿيل ٻهراڙين ۾ ميڊيڪل ڪيمپس لڳايون ويون آهن

عوام جي خيرداري جي سکهه ۽ زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي

چنيوٽ (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چنيوٽ جي ڏورانهن ۽ هاٺوڪي ٻوڏ سبب متاثر علائقن جي دوري دوران بحالي جي ڪم جو جائزو ورتو ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي هميشه عوامي حقن ۽ جمهوريت جي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: وڏو وزير

پارٽي جو يوم تاسيس جمهوريت، مساوات ۽ سماجي انصاف جي جدوجهد واري تحريڪ جو جشن آهي

قائد عوام شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو تاريخي جدوجهد ڪندي عوام خاطر جانين جون قربانيون ڏنيون

صدر آصف زرداري جي قيادت صوبائي خودمختياري ۽ مفاهمت، جمهوري تسلسل جي لاءِ قدمن کي ممڪن بڻايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوامي حقن ۽ جمهوريت جي لاءِ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان مشڪل وقت ۾ انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ سان گڏ بيٺل آهي: صدر زرداري

شديد ٻوڏ سبب ٿيل وڏي جاني نقصان ۽ لکين ماڻهن جي بي دخلي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

علائقائي شراڪتدارن ۽ عالمي ادارن سان رابطو ڪري متاثر ملڪن جي مدد تي غور ڪنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ شديد ٻوڏ سبب ٿيل وڏي پيماني تي جاني نقصان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سينيٽر مشاهد حسين ايشيا يورپ پوليٽيڪل فورم جو چيئرمين چونڊجي ويو

يوريشيائي رابطا ڪاري کي همٿائي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي عزم جو ورجاءُ

يوڪرين جنگ وارو بي مقصد ۽ بنا جواز تڪرار ڳالهين ذريعي ختم ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد 30 نومبر (اي پي پي) سينيٽر مشاهد حسين سيد کي ايشيا-يورپ پوليٽيڪل فورم (اي اي پي ايف) جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي موسمياتي خطرن کان بچائڻ لاءِ سائنسي منصوبابندي اٽل آهي: مصدق ملڪ

تبديل ٿيندڙ موسمياتي رجحان گهٽ آمدني واري طبقي لاءِ سڀ کان وڏا چئلينج بڻجندا پيا وڃن

پاڪستان حڪومت انساني، معاشي ۽ ماحولياتي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻي رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران ڪرايل ٻارن جي لطيف ميلي ۾ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حڪمراني واري حق لاءِ آواز بلند ڪيو آهي: سينيٽر روبينه خالد

پارٽي جو منشور اڄ به اهڙو ئي مضبوط عزم ۽ عوامي خدمت جي عڪاسي ڪري ٿو

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ملڪ جي غريب گهراڻن لاءِ اميد آهي: پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئر پرسن روبينه خالد پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ جاري منصوبن جي وقت سر پڄاڻي لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا وڃن: محسن نقوي

وفاقي گاديءَ واري شهر جا ٻه وڏا انفرا اسٽرڪچر منصوبا تيزي سان پڄاڻي طرف وڌي رهيا آهن

روڊن جي منصوبن جي پڄاڻي سان ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ رش ۾ گهٽتائي ايندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گاديءَ واري شهر اسلام آباد جا ٻه وڏا انفرا اسٽرڪچر منصوبا ڪي چوڪ فلائي اوور، شاهين چوڪ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

مصر جي پرڏيهي وزير جي اسحاق ڊار سان ملاقات، لاڳاپا مضبوط بڻائڻ جو عزم

پرڏيهي وزارت ۾ مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان وفد جي سطح تي ڳالهيون ٿيون

واپار سيڙپڪاري، صحت، تعليم، ثقافت ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه پرڏيهي وزارت ۾ مصر جي پرڏيهي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

چاغي ضلعي ۾ پناهگير ڪئمپ مڪمل طور تي خالي، سمورا افغاني واپس روانا

انتظاميا ڪئمپ ۾ موجود گهرن ۽ دڪانن کي ڊاهڻ جو عمل به شروع ڪري ڇڏيو

گردي جنگل پناهگير ڪئمپ ۾ لڳ ڀڳ 70 هزار افغان پناهگير رهائش پذير هئا

چاغي (اي پي پي) چاغي ضلعي انتظاميه ۽ دالبندين رائفل گردي جنگل پناهگير ڪئمپ ۾ موجود سمورن افغان پناهگيرن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ ايف آءِ اي هٿان 296.5 ملين رپيا فراڊ ڪيس ۾ 20 جوابدار گرفتار

اينٽي ڪرپشن سرڪل هڪ وڏي ڪرپشن ڪيس ۾ 71 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو

جوابدارن تي جعلي چالان فارم ذريعي قومي ناڻي کي وڏو مالي نقصان پهچائڻ جو الزام آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي تحقيقاتي ايجنسي (ايف آءِ اي) اينٽي ڪرپشن سرڪل اسلام آباد هڪ وڏي ڪرپشن ڪيس ۾ 71 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي جن تي جعلي 32 TR-چالان فارم ذريعي قومي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي صرف سياست نه پر رت سان لکيل جدوجهد جو نالو آهي: ناصر شاهه

شهيد ذوالفقار ڀٽو پاڪستان جي سياست کي وقار، همت ۽ سچائي جا نوان ڏِگ ڏنا

شهيد بينظير ڀٽو جون جمهوري لاءِ قربانيون تاريخ ۾ سونهري حرفن سان لکيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير بلدياتي، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهه پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انتهائي بيدردي سان قتل ڪيل شخص جو ٻوري مان اڌ ڌڙ هٿ آيو

گلشن اقبال مان ٻوري ۾ ٻڌل انساني ڌڙ مليو، ٻئي ٽنگون ۽ جسم جو مٿيون حصو غائب

مقتول جي جسم کي آري يا تيز اوزار سان ڪٽيو ويو هو، پوليس پاران جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن اقبال بلاڪ 5 پوسٽ آفيس اسٽريٽ ۾ ٻوري ۾ ٻڌل انسان جو اڌ ڌڙ مليو. پوليس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عوامي صحت لاءِ ايڊز جهڙن وڏن خطرن جو خاتمو ڪنداسين: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ ۾ سامونڊي طوفان سبب جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مصر جو پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ مصر وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي سطح جا رابطا وڌيڪ فعال بڻايا ويندا: صدر زرداري

مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي ملاقات ڪندي مصري صدر جو خصوصي پيغام پهچايو

مختلف شعبن ۾ وڌندڙ موقعن مان فائدو کڻڻ لاءِ مصر جي سيڙپڪاري کي همٿائي ۽ وڌائڻ جي حوصلا افزائي ڪئي

ٻنهي ملڪن کي گهرجي ته هو انهن لاڳاپن کي وڌيڪ منظم ۽ مستقبل تي ٻڌل تعاون ۾ تبديل ڪن: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري سان مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي ملاقات ڪئي ۽ ٻطرفن لاڳاپن، اقتصادي تعاون، علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

مصر جو پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي اسلام آباد ۾ پرڏيهي وزارت پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) مصر جو پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي پرڏيهي وزارت بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سعودي ۾ ايوي ايشن سيڪيورٽي قدمن سبب ايئر لائينز جا 51 جهاز متاثر

يورپي ڪمپني "ايئر بس" طرفان لاڳو ڪيل هنگامي قدمن سبب جهاز متاثر ٿيا

شديد شمسي تابڪاري فلائيٽ ڪنٽرول سسٽمز لاءِ اهم ڊيٽا کي خراب ڪري سگهي ٿي

رياض (اي پي پي) ايوي ايشن سيڪيورٽي قدمن سبب سعودي ايئر لائينز جا 51 جهاز متاثر ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي گروپ جي ڪارپوريٽ ڪميونيڪيشن جي ڊائريڪٽر جنرل انجنيئر عبدالله الشهراني بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام جي آل ڪشمير نيوز پيپر سوسائٽي جي نئين چونڊيل صدر کي مبارڪ

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جون ڌمڪيون قبول ناهن، پنهنجي هوائي حدن جو دفاع ڪنداسين: وينزويلا

ٽرمپ جو بيان لاطيني آمريڪا خلاف نو آبادياتي رجحان ظاهر ڪري ٿو: پرڏيهي وزارت

اهو اسان جي هوائي حدن جي خودمختياري کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ان بيان جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ هن وينزويلا بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي بربريت غزه کي انسانيت ۽ عالمي ضمير جو قبرستان بڻائي ڇڏيو آهي: اسحاق ڊار

عالمي قانون مطابق اسرائيل طرفان ڪيل جنگي ڏوهه ۽ نسل ڪشي تي جوابدهي اٽل آهي

فلسطيني عوام نسلن کان بي دخلي، جارحيت ۽ تشدد ۽ تباهه ڪندڙ محرومين کي منهن ڏنو آهي

پاڪستان فلسطينين جي خودارادیت واري حق، وقار ۽ آزادي لاءِ پختي سفارتي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته اڄ جڏهن عالمي برادري فلسطيني عوام سان يڪجهتي جو عالمي ڏهاڙو ملهائي رهي آهي، پاڪستان پنهنجي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ نوجوان فوت، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ٽرالر بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ميڪسيڪو ۾ بار ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 7 ڄڻا فوت

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو جي وچ شهر ٽولا ۾ واقع هڪ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

قاهره: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان جي ايٽ ملڪن جي وزارتي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اچي رهيو آهي

چيف آف دي ڊفينس فورسز جي مقرري بابت غير ضروري قياس آرايون پکيڙيون پيون وڃن: خواجه آصف

ان حوالي سان واضح ڪيو وڃي ٿو ته مقرري جو باقاعده عمل پهرين ئي شروع ٿي چڪو آهي

وزيراعظم جي وطن واپسي کانپوءِ چيف آف دي ڊفينس فورسز جو نوٽيفڪيشن مقرر وقت تي جاري ڪيو ويندو

هن معاملي تي بنا جواز قياس آرائيون يا بي بنياد تبصرن جي ڪا به گنجائش ناهي: بچاءُ وارو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) بچاءُ واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته چيف آف دي ڊفينس فورسز (CDF) جي مقرري بابت غير ضروري ۽ غير ذميوارانه قياس آرايون بنا جواز پکيڙيون پيون وڃن. گڏريل بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا ۾ 2 ننڍا جهاز فضا ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويا، پائليٽ فوت

سڊني (اي پي پي) آسٽريليا ۾ 2 ننڍا بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

يورپي ملڪ فن لينڊ پاران پاڪستان ۾ پنهنجو سفارتخانو بند ڪرڻ جو اعلان

آپريشنل ۽ اسٽريٽجڪ سببن جي بنياد تي سفارتخانو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد سميت ڪابل ۽ يانگون ۾ قائم سفارتخانا 2026 ۾ بند ڪيا ويندا: پرڏيهي وزارت

هيلسنڪي (م د) يورپي ملڪ فن لينڊ پاڪستان ۾ پنهنجو سفارتخانو بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. فن لينڊ آپريشنل ۽ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪرسمس جي آجيان لاءِ مسيحي برادري پاران نڪتل ريلي ۾ ڳاڏيون ۽ اٺ شريڪ آهن

عمران خان جون ڀيڻون پارٽي چينلن تي وڃي ملڪ کي بدنام ڪري رهيون آهن: عطاءالله تارڙ

پي ٽي آءِ باني جون ٽئي ڀيڻون 9 مئي تي به ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ موجود هيون، شاهديون موجود آهن

اهي ان ڪري بچيل آهن ته وري عمران خان روئيندو ته منهنجي ڀيڻن کي اندر ڪيو ويو آهي

سندن ڀارت ۽ افغانستان جي چينلن تي انٽرويوز ڏيڻ سان ملڪ دشمن عنصرن سان ڳٺ جوڙ واضح ٿيو آهي

لاهور (م د) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني جون ڀيڻون پارٽي چينلن تي وڃي ملڪ کي بدنام ڪري رهيون آهن. ڪين ٻڌي مرڻ گهرجي صحافين سان ڳالهائيندي عطاءالله تارڙ چيو ته امن امان جي صورتحال خراب ڪري ڪنهن سان ملاقات نٿي ٿي سگهي پي ٽي آءِ جا سمورا سوشل ميڊيا اڪائونٽ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير جام ڪمال خان چوڏهين ڊي 8 واپار واري وزيرن جي ڪائونسل ۾ شرڪت لاءِ قاهره پهچي ويو

قاهره (اي پي پي) واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان چوڏهين ڊي 8 واپار واري بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، فائرنگ جي واقعن ۾ عورت ۽ مرد زخمي

گڏاپ ويجهو ڪيٽل ڪالوني مان 55 سالن جي شخص جو ڪجهه لاش مليو

سلطانا آباد پل ويجهو 60 سالن جي شخص جو لاش هٿ آيو سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن الڳ الڳ 2 لاش مليا آهن جڏهن ته 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. گڏاپ سٽي ٿاڻي جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلي سنڌ ۾ انساني حقن لاءِ چئلينج بڻجي چڪي آهي: آغا فخر حسين

انهي تبديليءَ جا اثر زندگي، صحت، خوراڪ، پاڻي، تعليم ۽ رهائش جهڙن بنيادي حقن تائين پهچن ٿا

ماحولياتي پاليسين ۾ انساني حقن کي مرڪزي حيثيت ڏيڻ لازمي ٿي چڪو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي (ڊائريڪٽوريٽ هيومن رائٽس) پاران هڪ مقامي هوٽل ۾ ماحولياتي تبديليءَ جي حوالي سان هڪ اعليٰ سطحي گول ميز اجلاس جو انتظام بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پاڪستان آفريڪا اڪنامڪ ڪائونسل پاران محمد مرتضيٰ نور اسلام آباد ريجن لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان آفريڪا اڪنامڪ ڪائونسل (PAEC) محمد بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لکي غلام شاهه لڳ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو 86 لک 10 هزار ڏنڊ مقرر

وزيرآباد ۾ مهر هائوس تي الحاج غوث بخش خان مهر جي سرپرستيءَ ۾ ٻنهي ڌرين جو نبيرو ڪيو ويو

حافظ طارق بلوچ ڌر تي مجموعي طور تي ٿيل نقصان جو ڇهاسي لک ڏهه هزار ڏنڊ مقرر ڪيو ويو

لکي غلام شاهه (رپورٽ عبدالرزاق مهر) لکي غلام شاهه لڳ وزيرآباد ۾ مهر هائوس تي مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ فيصلو ڪيو ويو فيصلي ۾ سابق ايم اين اي الحاج غوث بخش خان مهر جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي، ڪوٽ غلام محمد، عمرڪوٽ، ٽنڊو محمد خان ۽ حيدرآباد ۾ پ پ جا سينئر اڳواڻ يوم تاسيس جا ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن
PAKISTAN
PEOPLES FOUNDATION
PPP 58 FOUNDATION DAY
CONGRATULATION PPP
PAKISTAN PEOPLES PARTY
UMERKOT

بقايا 1 سستو

جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، حڪومت آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي سفارش جي بنياد تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ نظرثاني ڪئي آهي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته پيٽروليم شين جون نيون قيمتون 1 ڊسمبر 2025 کان ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ لاڳو ٿينديون حڪومت پيٽرول جي قيمت ۾ 2 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي آهي جنهن کان پوءِ پيٽرول جي في ليٽر قيمت 265.45 رپين کان گهٽجي 263.45 رپيا ٿي وئي آهي نوٽيفڪيشن موجب، هاءِ اسپيڊ ڊيزل في ليٽر جي قيمت ۾ 4.79 رپيا گهٽتائي ڪئي وئي آهي ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر جي نئين قيمت 279.65 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته پراڻي قيمت 284.44 رپيا في ليٽر هئي.

بقايا 2 بلاول ڀٽو

جي برابر هجي ميڊيا سيل بلاول هائوس پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب، پ پ چيئرمين پنهنجي پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي ملڪ جي تاريخ جي سڀ کان وڏي ڊجيٽل عوامي گڏجاڻي کي خطاب ڪيو هن ميڊيا سيل بلاول هائوس کان وڊيو لنڪ ذريعي ملڪ جي 100 کان وڌيڪ شهرن ۾ هڪ ئي وقت منعقد ٿيندڙ تقريب کي خطاب ڪيو ان موقعي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ اسٽيج تي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پڻ موجود هئي جڏهن ته هن تاريخي ڊجيٽل عوامي جلسي جي هدايت جي ذميواري پي پي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي سنڀالي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي هڪ وڏي خطاب ۾ چيو ته حڪمران مسلم ليگ (ن) قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ تحت صوبن جي مالي حقن ۾ ترميمون پڻ تجويز ڪيون هيون جن کي پيپلز پارٽي رد ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪري 27 هين آئيني ترميم جي آخري مسودي ۾ شامل نه ٿي سگهيو هن چيو ته پيپلز پارٽي سمجهي ٿي ته ملڪ ۾ ڪيترائي مسئلا انهن ۾ جڙيل هئا ۽ اڃا به آهن. وڌيڪ چيو ته ماضي ۾، پيپلز پارٽي صوبن کي انهن جا حق ۽ نمائندگي ڏئي ۽ جمهوريت بحال ڪري انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. بلاول خبردار ڪيو ته جيڪي ماڻهو اين ايف سي ايوارڊ يا 18 هين ترميم يا ان نوعيت جي ٻين معاملن سان ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن يا ان جو ارادو ڪري رهيا آهن اهي اصل ۾ باهه سان کيڏي رهيا آهن هن چيو ته حڪومت ڏسي رهي آهي' ته هندستاني دفاع وارو وزير سنڌ بابت جارحاڻي بيان ڏئي رهيو آهي هن چيو ته دشمن خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي ذريعي پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ جي سازش ڪري رهيو آهي افغان سرحد تي تڪرار وڌي رهيو آهي بلاول يقين ڏياريو ته اسان پاڪستان جي اندروني مسئلن کي ختم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪنداسين ته جيئن ڪا به طاقت اسان جي مسئلن جو فائدو نه وٺي سگهي پ پ چيئرمين چيو ته جيڪڏهن قوم متحد آهي ته اها هر دشمن ۽ 'هر قسم جي سازش' جو مقابلو ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ هندستاني وزيراعظم نريندر مودي به شامل آهي هن پنهنجي پارٽي جي تعريف ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي صوبن جي مالي حصي جي آئيني ضمانت جو تحفظ ڪيو آهي مسلم ليگ (ن) ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ سسٽم واپس آڻڻ چاهين ٿا. اهي تعليم ۽ آبادي ڪنٽرول جهڙا شعبا واپس وٺڻ چاهين ٿا، جيڪي 18 هين ترميم تحت صوبن کي منتقل ڪيا ويا هئا. ۽ حڪومت جون ٻيون به خواهشون هيون ته هن توهان جي حقن جو تحفظ ڪيو آهي ۽ انشاءَ الله ڪندو رهندو ۽ چيو ته سنڌس پارٽي هر اهڙي فيصلي جي حمايت ڪندي جيڪا وفاق کي مضبوط ڪري، پر پيپلز پارٽي ڪڏهن به اهڙي فيصلي جي حمايت نه ٿي ڪري سگهي جيڪا وفاق کي ڪمزور ڪري يا صوبن جا حق کسي. ايف سي سي انهن کي غلط ثابت ڪندو جيڪي ان کي تڪراري بڻائي رهيا آهن' پنهنجي خطاب ۾ بلاول ڀٽو 27 هين آئيني ترميم جي تحت قائم ڪيل وفاقي آئيني عدالت (ايف سي سي) بابت به ڳالهايو هن چيو ته ڪجهه ماڻهو هن آئيني عدالت کي متنازع بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ايف سي سي پنهنجي ڪردار ذريعي سڀني کي غلط ثابت ڪندو پيپلز پارٽي چيئرمين سياسي قوتن کي پيغام ڏيندي چيو ته اهو پارليامينٽ ۽ عوام جي نمائندن جو اختيار آهي ته اهي آئيني ترميم کي برقرار رکن يا نه رکن هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪو مطالبو ڪري رهيو آهي ته عدالت يا جج فيصلو ڪن ته ترميم کي برقرار رکيو ويندو يا نه ته پوءِ اهو انهن جو اختيار ناهي ۽ نه ئي اسان ڪنهن ٻئي اداري کي پارليامينٽ جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت ڏينداسين 27 هين ترميم ۽ ان جي تحت قائم ڪيل ايف سي سي هن وقت بحث جو مرڪز آهن. وفاقي آئيني عدالت ملڪ جو اعليٰ ترين عدالتي فورم بڻجي چڪي آهي جنهن تي بين الاقوامي ماهرن ۽ ججن عدليه جي آزادي بابت تحفظات جو اظهار ڪيو آهي بلاول چيو ته ايف سي سي اداري ۽ ان جي ججن تي هڪ وڏي ذميواري آهي جيڪي سرڪز جي نمائندگي ڪن ٿا. انهن کي اسان جي آئيني معاملن ۽ عدليه جي آزادي جي نگراني ڪرڻي پوندي هن اميد ظاهر ڪئي ته ايف سي عدليه تي ماڻهن جو اعتماد بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ هڪ اهڙي عدالت بڻجي ويندو جيڪا آئين، قانون ۽ انصاف کي ترجيح ڏئي بلاول چيو ته هو چاهي ٿو ته آئيني ترميم اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وڃي پر هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن ڪو اتفاق راءِ نه هجي ته به اهو ڪم پارليامينٽ اڪثريت سان ڪيو آهي. تنهن ڪري صرف پارليامينٽ کي فيصلي جو جائزو وٺڻ جو اختيار آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته آئيني عدالت ملڪ جي اهم آئيني ۽ سياسي معاملن تي نظر رکندي، جڏهن ته اسان جي پراڻي سپريم ڪورٽ' سيني فوجداري معاملن تي نظر رکندي. بلاول ڀٽو چيو ته هو اميد ڪري ٿو ته ايف سي سي اهڙي عدالت نه هوندي جيڪا 'ڊيم ٺاهڻ' غريب ماڻهن جا گهر ڊاهي ڇڏڻ، ڪمائن ۽ سموسن جي قيمتن کي درست ڪرڻ ۽ جمهوري حڪومتن کي گهر موڪلڻ يا خط نه لکڻ تي وزيراعظم کي نااهل قرار ڏيڻ لاءِ نڪرندي پ پ چيئرمين چيو ته اسان آئيني عدالت ذريعي هڪ وڏي عدالتي ڪوٽ کي دور ڪرڻ وارا آهيون هن نئين نظام جي ڪري، عام شهري فوجداري ڪيسن ۾ 'فوري رليف' حاصل ڪندا، ڇاڪاڻ ته سپريم ڪورٽ انهن تي ڌيان ڏئي سگهندي. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته اسان نه رڳو آئيني عدالت قائم ڪرڻ جو واعدو پورو ڪيو پر عدالت ۾ صوبن جي برابر نمائندگي کي به يقيني بڻايو آهي

بقايا 3 آصف زرداري

پيپلز پارٽي جو تاريخي ڪارنامو آهي. 1973ع جو گڏيل آئين شهيد ڀٽو جو تاريخي تحفو آهي. آصف علي زرداري چيو ته وفاق جي استحڪام ۽ قومي يڪجهتي ۾ پيپلز پارٽي جو اهم ڪردار آهي گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ اصلاحات پيپلز پارٽي جو اهم ڪارنامو آهي هن چيو ته ملڪ جي ايٽمي پروگرام جو بنياد پيپلز پارٽي رکيو هن چيو ته زمين مزدور تعليم ۽ سماجي انصاف جي تاريخي اصلاحات پيپلز پارٽي جي سڃاڻپ آهن ايم آر ڊي کان اي آر ڊي تائين پيپلز پارٽي جمهوريت ارتقا جي معمار رهي آهي چارٽر آف ڊيموڪريسي ۽ ارڙهين ترميم پيپلز پارٽي جو جمهوري ورثو آهن. صدر چيو ته نيشنل ايڪشن پلان ۾ پيپلز پارٽي جي شموليت اهم آهي پيپلز پارٽي هميشه مزدور، هاري، عورتن ۽ اقليتن جو آواز رهي آهي. محروم طبقن جي شموليت پارٽي جي مشن جو مرڪز آهي هن چيو ته جمهوريت، مساوات ۽ سماجي انصاف جي عزم جي تجديد جي ضرورت آهي عورتن اقليتن جي بااختياري پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي صدر آصف زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ڪارڪن جمهوري اتحاد کي برقرار رکن پيپلز پارٽي هڪ روادار روشن خيال پاڪستان جي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 4 مراد علي شاه

ذوالفقار علي ڀٽو اچوڪي ڏينهن 1967ع تي آمريت جو مقابلو ڪندي پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو شهيد ڀٽو غريبن هارين، شاگردن صحافين ڏتڙيل طبقي جي رهنمائي ڪئي، عوام پهرين ڏينهن کان شهيد ڀٽو جو پوئلڳ آهي. شهيد ڀٽو جي شهادت کان پوءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي به اسان کان الڳ ڪيو ويو شهيد ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جدوجهد کي اڳتي وڌائيندي صدر زرداري اسان کي سنڀالي پارٽي کي اڳتي وڌايو اهو ئي ڪارڻ آهي ته لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي عوام 2008ع کان پوءِ جيڪي ۾ چونڊون ٿيون انهن ۾ عوام پيپلز پارٽي تي ڀروسو ڪري ڀيريان کان پيپلز پارٽي کي وڌيڪ سيٽون ڏياريون هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسان جو مستقبل ملڪ جي غريبن جو آواز نوجوانن ۽ هارين جي ضامن آهي، جيڪو اسان جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي، چيئرمين جو ڪارنامو آهي ته دنيا جو سڀ کان وڏو منصوبو ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهر ٺاهڻ آهي جيڪا ڪنهن جي سوچ ۾ نه هئي هن چيو ته اڄ اسان کي وڃڻ ڪرڻو آهي ته پيپلز پارٽي کي اڃان وڌيڪ مضبوط ۽ جدوجهد ڪنداسين 1988ع ۾ جيئن شهيد محترمه بينظير ڀٽو وزيراعظم بڻي هئي تيئن اسين چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائينداسين هن چيو ته پاڪستان جي 133 ضلعن ۾ يوم تاسيس جا اجتماع ٿي رهيا آهن پوري دنيا ۾ آئين ناهي ٿو ته ايتري سيڙ ڪي پارٽي چيئرمين خطاب ڪري ايم پي اي جميل احمد سومرو خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد محنت ڪش طبقي جي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ هو پاڪستان پيپلز پارٽي هن وقت تائين ڪل 15 سال حڪومت ۽ 40 سالن تائين جدوجهد ڪئي جنهن جدوجهد ۾ هر 10 سال هڪ ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو جنهن ڪري 40 سالن جي دوران 4 ڀٽوز کي شهيد ڪيو ويو آئين ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي وارن ڦاهي چڙهي ڪوڙا کاڌا جيل ويا پر پنهنجي منشور تان پوئتي نه هٽيا، اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي جدوجهد نوجوانن آئين جي حرمت، پارليامينٽ ۽ عوامي حقن لاءِ آهي هن چيو ته پوري ايشيا ۾ اهڙي ڪا به سياسي پارٽي ناهي جنهن معان به حملا ٿيا هجن جنهن جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي قتل ڪيو وڃي، ڪڏهن عدالتي قتل ته ڪڏهن انهن کي رستي ويندي قتل ڪيو هجي پر اسان ڪنهن جي آڏو ڪنڌ نه جهڪايو ۽ هر آمر خلاف جدوجهد ڪئي، پاڪستان پيپلز پارٽي يحيٰ خان کان اقتدار عوام کي ڏياريو جنرل ضياءَ مشرف ۽ دهشتگردن سان مهاڏو اٽڪايس آهي ظالم حڪمران ناهن پر پيپلز پارٽي ان جي قيادت ۽ ان جا ڪارڪن آهن تقريب ۾ پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ سڄي ملڪ وانگر لاڙڪاڻي واري رٿيل تقريب کي پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته بلاول ڀٽو جي سياسي مشير ۽ ايم پي اي جميل احمد سومرو پي پي ضلعي صدر ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ايم پي اي سهيل انور سيال ايم اين اي نظير بگهيو پي پي ضلعي جنرل سيڪريٽري ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري، سميت يونين ڪميٽيز جي چيئرمينن، ليبرز ونگ، سيافيءَ يوٿ ونگ، ڊيلي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا 5 موسميات کاتو

صوبي جي اڪثر علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي اڄ ڏينهن موسميات کاتي مطابق صبح ۽ رات جي وقت ۾ موسم ٿڌي رهندي، جڏهن ته بنيادي طور تي صوبي ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي

بقايا 6 خصوصي دعائون

بلتستان ۽ سيفران معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام عمري جي سعادت حاصل ڪئي اڄ ڏينهن ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران معاملن واري وزارت طرفان جاري بيان مطابق وفاقي وزير خانه ڪعبه جو طواف ڪيو نفل ادا ڪيا ۽ صفا مروه جي وچ سنت نبوي صلي الله عليه واله وسلم مطابق سعي مڪمل ڪئي وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ان بابرڪت موقعي تي ملڪ ۽ ملت جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون ڪيون ۽ نفل ادا ڪيا. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ پاڪستان کي امن اتحاد ۽ ترقي جي راهن تي هميشه قائم ۽ دائم رکي

بقايا 7 بيان رد

ڪري ٿو گڏيل ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته دنيا جي سمورن پارلياماني جمهوريتن وانگر قانون سازي ۽ آئين ۾ ڪنهن به قسم جي ترميم جو اختيار صرف ۽ صرف پاڪستان جي عوام جي چونڊيل نمائندن جي اختيار ۾ اچي ٿو جمهوريت ۽ جمهوري طريقيڪار ئي شهري ۽ سياسي حقن جو بنياد آهي، جن جو احترام ضروري آهي پاڪستان جي پارليامينٽ طرفان منظور ڪيل آئيني ترميم مڪمل طور تي پاڪستان جي آئين ۾ داخل طريقيڪار موجب ڪئي وئي، پاڪستان انساني حقن، انساني وقار، بنيادي آزادين ۽ قانون جي حڪمراني جي تحفظ، هٿي وڌائڻ ۽ پاسداري لاءِ پرعزم آهي. جيڪو اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين ۾ واضح آهي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر جي ڪم کي اهميت ڏئي ٿو انهي ڪري اها ڳالهه افسوسناڪ آهي ته جاري ڪيل بيان ۾ پاڪستان جي موقف ۽ زميني حقيقتن جي عڪاسي ناهي ڪئي وئي، بيان ۾ هاءِ ڪمشنر کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هو پاڪستان جي پارليامينٽ جي خودمختيار فيصلن جو احترام ڪري ۽ اهڙن بيانن کان پاسو ڪري جيڪي سياسي جانبداري ۽ غلط ڄاڻ جي عڪاسي ڪندا هجن

بقايا 8 شروع ٿيندي

اڄ پهرين ڊسمبر کان شروع ٿيندي، وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس سان لاڳاپيل درخواستن تي ٻڌڻي لاءِ ٽي رڪني بينچ مقرر ڪئي وئي آهي وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ قائم بينچ ٻڌڻي ڪندي جنهن ۾ جسٽس ارشد حسين ۽ جسٽس حسن اظهر رضوي شامل آهن آئيني عدالت جي بينچ نمبر هڪ پهرين ڊسمبر کان 5 ڊسمبر تائين سپر ٽيڪس سان لاڳاپيل درخواستن تي ٻڌڻي ڪندي عدالت ۾ پهرين ٻڌڻي اڄ سومر پهرين ڊسمبر تي ٿيندي

بقايا 9 شروعات ٿيندي

جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو آهي ته وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت اسپورٽس هنٽ پروگرام سان پوري پاڪستان ۾ ٿيل ٽرائيلز مان چونڊيل بهترين ٽيمن وچ ۾ 4 ڊسمبر کان اسلام آباد ۾ مقابلا شروع ٿيندا جنهن سان پاڪستان ڪرڪيٽ جا مستقبل سامهون ايندا. اهڙو اظهار هن ڪالهه هتي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو رانا مشهود احمد چيو ته اڄ تاريخي ڏينهن آهي وزيراعظم يوٿ پروگرام لاهور قلندر سان جيڪو سفر شروع ڪيو هو ان جي نتيجي ۾ پاڪستان جي 25 شهرن ۾ ڪرڪيٽ جا ميدان سڄائي 3 لک کان وڌيڪ ڪرڪيٽرز جن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شامل آهن انهن هن ٽرائلز ۾ حصو ورتو هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف هميشه چوي ٿو ته ميرٽ ۽ صرف ميرٽ ان لاءِ ان ٽرائلز ۾ به انهن اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو ۽ ٽرائلز ۾ ڪنهن به وزير ايم اين اي يا ايم پي اي جي سفارش نه ڪئي هن چيو ته هن ٽرائلز ۾ هڪ لک 75 هزار بيٽسمين ۽ سوا لک بالر شريڪ ٿيا

بقايا 10 اعلان

فائرنگ، جنسي ڏوهن ۽ دهشتگردي جي سرگرمين جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث نڪتا آهن هوم لينڊ سيڪيورٽي جي بيان موجب افغان شهري جمال ولي ۽ محمد خروين کي آزاد ڪيو ويو ۽ کين آمريڪا ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي پر اهي ٻيهر پرتشدد ڪارروائين ۾ ملوث نڪتا بيان ۾ چيو ويو ته افغان شهري عبدالله حاجي زادا، ناصر احمد توحيدي، جاويد احمدي، بحرالله نوري ۽ ذبيح الله مهمند سميت ٻين کي ننڍي عمر جي ٻارن تي حملا ڪرڻ جنسي ڏوهن جي رٿابندي ڪرڻ ۽ ٻين سنگين ڏوهن تي گرفتار ڪيو ويو آمريڪي اختيارين چيو ته جيڪي ماڻهو عوامي سلامتي لاءِ خطرو آهن انهن کي ملڪ مان ڪڍيو ويندو

بقايا 11 دانيال چوڌري

مڪمل ٿيڻ تي سنڌس ٿورو مڃيو پارلياماني سيڪريٽري وفد سان ملاقات ۾ چيو ته عوامي ڀلائي ۽ سهولتن جي فراهمي اسان جي اولين ترجيح آهي ۽ والايت خان ڪالوني ۽ چڪلالا اسڪيم III ۾ گئس پائيپ لائين وڇائڻ سميت ٻيا ترقياتي منصوبا انهي عزم جو عملي ثبوت آهن اسان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته علائقي جي عوام کي پراڻن مسئلن کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي وفد ۾ سردار ارشد محمود، رانا نديم اقبال سيد طاهر حسين شاه، مشتاق بيگ، چوڌري جبار امين گل محمد بلال ۽ ٻيا شامل هئا وفد بئريسٽر دانيال چوڌري جي خصوصي دلچسپي ۽ حڪومتي عزم کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو آئنده به علائقي جي مسئلن جي حل ۽ وڌيڪ ترقياتي منصوبن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو

بقايا 12 قيصر شيخ

ته حڪومت متاثر عوام جي بحالي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي هن ٻڌايو ته هي علائقو چنيوٽ شهر کان اٽڪل 45 منٽن جي مفاصلي تي واقع آهي ۽ ريجهڙ ۾ ٿي تعلقي جي حدن ۾ شامل ڪيا ويا آهن ان لاءِ هتي بنيادي سهولتن کي ترت آهي وفاقي وزير چيو ته ڏورانهن ڀاڱن ۾ ميڊيڪل ڪيمپس لڳايون ويون آهن جتي وڏي انگ ۾ ماڻهو مفت علاج مان فائدو کڻي رهيا آهن هتي اسپتال ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب ماڻهن کي علاج لاءِ ڏکيو سفر ڪرڻو پوندو آهي، هن جو چوڻ هو ته حڪومت صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ بهتري لاءِ خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، پر آبادي ۾ تيزي سان اضافو ٿيڻ سبب وڌيڪ سهولتن جي فراهمي اڻٽر آهي هن ڳالهه تي زور ڀريو ته عوام جي خريداري جي سگهه ۽ زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته صحت ۽ تعليم صوبائي حڪومتن جي دائري ۾ اچن ٿا ان لاءِ صوبائي حڪومتن کي به وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن سڄي ملڪ ۾ بنيادي سهولتون عوام تائين پهچي سگهن ضمني چونڊ بابت سوال جي جواب ۾ وفاقي وزير چيو ته مسلم ليگ (ن) سمورين سيٽن تي نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي جيڪو عوام جي اعتماد جو اظهار آهي سنڌس چوڻ هو ته اڃان به عوام جون ڪيتريون ئي ضرورتون پوريون ڪرڻيون باقي آهن ۽ حڪومت مسلسل ان تي ڪم ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي زندگي جو معيار گهٽ آهي جڏهن ته اسان کي گڏيل ڪوشش سان معيشت کي بهتر بڻائڻو پوندو وفاقي وزير ٻڌايو ته حڪومت جو هدف آهي ته موجوده جي ڊي پي جي شرح واري اوسر ساليانو 3 سيڪڙو کان وڌي گهٽ ۾ گهٽ 6 سيڪڙو تائين پهچائي وڃي هن ٻڌايو ته اڙان پاڪستان پروگرام تحت ايندڙ 10 سالن ۾ ملڪي معيشت کي 400 ارب ڊالرن کان هڪ هزار ارب ڊالرن تائين وٺي وڃڻ جو منصوبو آهي، هن تجويز ڏني ته سمورين سياسي پارٽين هڪ گڏيل چارٽر آف اڪانومي تي متفق ٿين ته جيئن سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي ملڪ جي ترقي لاءِ اجتماعي ڪوشش ڪري سگهجن معاشي صورتحال تي ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته ڪي سال اڳ پاڪستان ڊفالٽ جي خطري جي ور چڙهيل هو پر وزيراعظم محمد شهباز شريف آءِ ايم ايف پروگرام ۾ شموليت لاءِ ذاتي ڪوششون ڪيون ۽ هاڻي ملڪي معيشت ۾ بهتري اچي رهي آهي سنڌس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جا بي شمار موقعا موجود آهن ۽ دنيا خاص طور تي پاڪستان جي منرلز (معدني وسيلن) ۾ گهري دلچسپي وٺي رهي آهي جن جي عالمي سطح تي وڏي گهرج آهي، هن ٻڌايو ته سيڙپڪاري ۾ واضح واڌ متوقع آهي جنهن سان ملڪ ۾ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ ويليو ايڊڊ انڊسٽري کي هٿي ملندي جڏهن ته هن اهو به تسليم ڪيو ته اڃان تائين سيڙپڪاري جا اهي نتيجا حاصل نه ٿي سگهيا آهن جن جي اميد آهي، پر ڪوششون تيز ڪيون پيون وڃن هن مخالف سياسي پارٽين کي به پيغام ڏيندي چيو ته قومي مفاد ۾ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن پاڪستان کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي

بقايا 13 وڏو وزير

جدوجهد ڪئي آهي جمهوريت جي بالادستي آئين جو تحفظ ۽ عوامي حڪومت اسان جو بنيادي مشن آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مشن تي عمل ڪرڻ اسان جو عزم آهي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس تي عوام، جيالن ۽ قيادت کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪاميابي جو راز عوام جي طاقت جو سرچشمو آهي، جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي پيپلز پارٽي جي بنيادي سڃاڻپ آهي سنڌ حڪومت عوامي خدمت ۽ ترقي جي ايجنڊا تي مسلسل گامزن آهي پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پ پ جي باني ميمبرن اڳواڻن ۽ بيشمار جيالن کي خراج عقيدت پيش ڪيو پيپلز پارٽي جو يوم تاسيس جمهوريت، برابري، مساوات ۽ سماجي انصاف جي جدوجهد سان جنم وٺندڙ عوامي تحريڪ جو جشن آهي پيپلز پارٽي هميشه مظلومن جي حقن جي ڍال بڻيل آهي قائد عوام کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين پيپلز پارٽي تاريخي جدوجهد ۽ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ انهن جو آواز بلند ڪيو ۽ بي بي شهيد جمهوريت جي لاءِ بي مثال جدوجهد ڪئي اسان جي پارٽي جو سفر اسان جي شهيدن جي قربانين سان لکيل آهي ڪارڪنن جي استقامت انهي کي مضبوط بڻايو هن چيو ته آصف علي زرداري جي اڳواڻي ۾ پاڪستان بي مثال ڪاميابين جو دور ڏٺو صدر آصف علي زرداري جي قيادت هيٺ آئين جي بحالي ۽ تاريخي 18هين ترميم منظور ٿي صدر آصف علي زرداري جي قيادت صوبائي خودمختياري ۽ مفاهمت، جمهوري تسلسل جي لاءِ قدمن کي ممڪن بڻايو هن وڌيڪ چيو ته اسان سڀ گڏجي قرباني جرئت ۽ عوامي طاقت جي انهي ميراث کي اڳيان وڌايون اسان جو سفر جاري آهي

بقايا 14 هٿ آيو

جو چوڻ آهي ته لاش کي ٽڪرن ۾ وڍي ڪاري شاپر ۾ ۽ پوءِ بوري ۾ رکيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ممڪنا طور تي مقتول جي جسم کي شايد آري يا تيز اوزار سان ڪٽيو ويو هو ٻئي ٽنگون ۽ جسم جو مٿيون حصو غائب آهي پوليس واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو آهي ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته اهو تازو قتل لڳي ٿو اهي واقعي واري هنڌ جي آس پاس جي علائقي جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جڏهن ته مليل انساني ڍڙ کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 15 ناصر شاه

صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته يوم تاسيس اسان کي ياد ڏياريندو آهي ته پيپلز پارٽي صرف سياست نه آهي پر رت سان لکيل جدوجهد جو نالو آهي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي سياست کي وقار همت ۽ سچائي جا نوان ڏس ڏنا شهيد ڀٽو جا جذبا، خطاب جو انداز ۽ عوام سان محبت اڄ به سياسي تاريخ ۾ زنده آهن ناصر شاه چيو ته شهيد ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي قوت بڻايو ۽ 73 جو متفق آئين ڏنو محترمه شهيد بينظير ڀٽو جيڪي قربانيون جمهوري لاءِ ڏنيون اهي تاريخ ۾ هميشه سونهري حرفن سان لکيون وينديون بي بي شهيد نه صرف جمهوريت لاءِ پر هر پاڪستاني عورت لاءِ بهادري جي نئين مثال قائم ڪئي ناصر شاه چيو ته بي بي شهيد ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي جو تحفو ڏنو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري روشن چراغ آهن جيڪي شهيدن جي مشن کي نئين نسل تائين پهچائي رهيا آهن بلاول ڀٽو جو ٻول سچائي ۽ عوامي درد انهن کي پاڪستان جي مستقبل لاءِ مضبوط ترين ليڊر ثابت ڪري رهيو آهي صدر آصف علي زرداري "پاڪستان کپي" جي نعري سان مشڪل وقت ۾ ملڪ کي ٽڪرڻ کان بچايو ناصر شاه چيو ته پيپلز پارٽي جي نظريي هميشه سکيو آهي ته سياست جو اصل نالو خدمت، قرباني ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي يوم تاسيس اسان کي ياد ڏياريندو آهي ته پيپلز پارٽي شهيدن جي رت، شهيدن جي سوچ ۽ عوام جي محبت سان ٺهيل آهي ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جا نظريا اڄ به هر ڪارڪن کي حوصلا ڏيندڙ آهن جذبو ۽ رستو ڏيکارين ٿا. بلاول ڀٽو ۾ شهيد ڀٽو جي جرئت ۽ بينظير ڀٽو جي فراست هڪ گڏجي چمڪي ٿي پيپلز پارٽي هميشه عام ماڻهو جي آواز بڻجي انهن جي نمائندگي ڪئي، ۽ اها ئي هن پارٽي جي اصل طاقت آهي سنڌ حڪومت جي عوامي خدمت ان مشن جو حصو آهي جيڪو ڀٽو خاندان هن ملڪ لاءِ شروع ڪيو هو پاڪستان پيپلز پارٽي جو يوم تاسيس صرف هڪ ڏينهن نه آهي، پر روشني ۽ مستقبل جي اميد آهي

بقايا 16 گرفتار

ناٿي کي وڏو مالي نقصان پهچائڻ جو الزام آهي ايف آءِ اي جي هڪ اهلڪار ''اي پي پي'' کي ٻڌايو ته گڏيل رات ڪارروائين دوران 20 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته باقي مفرور جوابدارن کي پڪڙڻ لاءِ ڪارروائيون جاري آهن گرفتار ٿيلن مان 9 سرڪاري اهلڪار به شامل آهن جن ۾ 4 سينيئر آڊيٽرز ۽ هڪ اسسٽنٽ اڪائونٽس آفيسر شامل آهي ايف آءِ اي مطابق جوابدارن سبينا طور تي وفاقي ٽيڪس آفيس (ايف ٽي او) اسلام آباد جي آفيسرن سان ڳنڍ جوڙ ڪندي اسٽامپ پيپرز عدالت فيس جا دستاويز ۽ غير ملڪي بلز غيرقانوني طور تي جاري ڪيا، بغير حڪومتي فيس جمع ڪرائي اهلڪار ٻڌايو ته جوابدارن 2638 جعلي يا بي بنياد TR32 چالان فارم استعمال ڪري سرڪاري آمدني ۾ غبن ڪئي شروعاتي کاتي موجب قومي ناٿي کي لڳ ڀڳ 296.5 ملين رپين جو نقصان ٿيو جاچ مان خبر پئي ته جوابدارن پنهنجي سرڪاري پوزيشن جو ناجائز فائدو کنيو ۽ رياستي فنڊز کي سنگين نقصان پهچايو هن وڌيڪ ٻڌايو ته مالي نقصان جو مڪمل اندازو ايف ٽي او اسلام آباد گڏيل 10 سال جي رڪارڊ جي فارنزڪ آڊٽ کانپوءِ لڳايو ويندو گرفتار جوابدارن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي ايف آءِ اي جون باقي مفرور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا جاري آهن

بقايا 17 واپس روانا

کي باقاعده رجسٽريشن کانپوءِ افغانستان روانو ڪري ڇڏيو آهي ذريعن مطابق ڪئمپ ۾ موجود گهرن ۽ دڪانن کي ڊاهڻ جو عمل به شروع ڪري ڇڏيو آهي مليل فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گردي جنگل پناهگير ڪئمپ ۾ خالي گهرن جي ڀڃ ڊاهه جاري آهي ذريعن مطابق ڪئمپ جي سمورن افغان پناهگيرن کي باقاعده دستاويزي ڪارروائي کانپوءِ وطن واپس موڪليو ويو آهي گردي جنگل پناهگير ڪئمپ بلوچستان جو سڀ کان وڏو افغان پناهگير ڪئمپ هو جتي لڳ ڀڳ 70 هزار افغان پناهگير رهائش پذير هئا. ذريعن مطابق سمورا 70 هزار پناهگير واپس روانا ڪيا ويا آهن ضلعي انتظاميه مطابق 26 نومبر 2025ع کان ڪئمپ ۾ ڪارروائيون شروع ڪيون ويون هيون

بقايا 18 عزم

وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان وفد جي سطح تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون جن ۾ ٻنهي ملڪن جي سينئر عملدارن شرڪت ڪئي پرڏيهي وزارت مان جاري بيان موجب ٻنهي ڌرين پاڪستان مصر لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي عزم کي ورجايو ۽ واپار سيڙپڪاري، صحت، تعليم، ثقافت ۽ عوامي رابطن جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ اداره جاتي ميڪينزم سميت گڏيل وزارتي ڪميشن ۽ ساليانو ٻطرفي مشاورت کي ٻيهر فعال ڪرڻ تي اتفاق ڪيو پرڏيهي وزيرن وڌيڪ اتفاق ڪيو ته هڪ نئين بزنس ڪائونسل قائم ڪئي وڃي، مصر سان بي ٽو بي رابطن لاءِ اهم پاڪستاني ڪاروباري ادارن جي نشاندهي ڪئي وڃي قاهره ۾ 2026ع جي ٻي ٽه ماهي ۾ وزارتي بزنس فورم منعقد ڪيو وڃي ۽ ان جي تياري لاءِ 2026ع جي پهرين ٽه ماهي ۾ اسلام آباد ۾ سينئر عملدارن جون گڏجاڻيون ٿينديون مصر جي پرڏيهي وزير الازهر يونيورسٽي جي اسڪالرشپ جو انگ ٻيڻو ڪرڻ جو اعلان به ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاڪستان ۾ هيپاٽائيٽس سي جي خاتمي لاءِ مصر جي تعاون ۽ الازهر يونيورسٽي جي اسڪالرشپس ذريعي تعليمي ۽ ثقافتي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي مصر جو ٿورو مڃيو

بقايا 19 محسن نقوي

اندر پاس ۽ فيض آباد انٽر چينج جي ري ماڊلنگ تيزي سان پڄاڻي طرف وڌي رهيا آهن ۽ تعميراتي ڪم آخري مرحلي ۾ آهي وفاقي وزير محسن نقوي ڪالهه ٻنهي منصوبن جو دورو ڪندي ڪم جي رفتار ۽ معيار تي اطمينان جو اظهار ڪيو هن هدايت ڪئي ته منصوبن جي وقت سر پڄاڻي لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن فيض آباد تي ٽريفڪ جي روانگي ۾ وڌيڪ بهتري لاءِ انهن کي لوپ 1 ۽ لوپ 2 کي ٻن لائينن تائين وڌائڻ جي هدايت ڪئي ۽ گڏوگڏ انهن منصوبن جي ڀرپاسي لينڊ اسڪيپنگ ۽ لائيٽنگ لڳائڻ جو حڪم پڻ ڏنو ته جيئن شهر جي خوبصورتي ۾ واڌ ٿي وفاقي وزير چيو ته ٻنهي منصوبن جي پڄاڻي سان ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ رش ۾ گهٽتائي ايندي خاص ڪري روزاني سفر ڪندڙ عوام کي نمايان سهولت ملندي هن چيو ته خاص طور تي ٽي چوڪ فلائي اوور راولپنڊي، اسلام آباد ۽ پنجاب مان ايندڙ ويندڙ مسافرن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو

بقايا 20 سينيٽر روبينا خالد

تاسيس جي موقعي تي قوم، ڪارڪنن ۽ قيادت کي مبارڪون ڏنيون آهن پنهنجي خاص پيغام ۾ هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جمهوريت، برابري ۽ عوامي حقن لاءِ تاريخي جدوجهد کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حڪمراني واري حق لاءِ آواز بلند ڪيو آهي ۽ پارٽي جو بنيادي منشور اٽي لٽو ۽ اجهو اڄ به پارٽي جي مضبوط عزم ۽ عوامي خدمت جي جذبي جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته بي آءِ ايس پي ملڪ جي غريب گهراڻن لاءِ اميد آهي ۽ سماجي تحفظ جي پروگرامن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو هن پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس تي شهيدن کي سلام پيش ڪندي ڪارڪنن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 21 مصدق ملڪ

ته پاڪستان کي موسمياتي خطرن کان محفوظ بڻائڻ لاءِ سائنسي منصوبا بندي، فوري قدم ۽ مربوط حڪمت عملي اڻٽر آهي تبديل ٿيندڙ موسمياتي رجحان گهٽ آمدني واري طبقي لاءِ سڀ کان وڏا چيلينج بڻجندا پيا وڃن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت هنگامي بنيادن تي جامع قدم کڻي رهي آهي هو آغا خان يونيورسٽي ۾ موسمياتي لچڪ ۽ پائيدار تعميراتي ماحول بابت عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو ڪانفرنس انسٽيٽيوٽ آف گلوبل هيلٿ اينڊ ڊولپمينٽ جي انتظام هيٺ منعقد ٿي جنهن ۾ ماحولياتي ماهرن، پاليسي سازن محققن ۽ مختلف شعبن جي نمائندن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن موسمياتي تبديلي جي وڌندڙ خطرن شهري ۽ ٻهراڙي جي بنيادي ڍانچي تي انهن جي اثرن ۽ گهٽ وسيلا رکندڙ آبادين جي تحفظ لاءِ عملي تجويزن جو جائزو ورتو پنهنجي اهم خطاب ۾ ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته پاڪستان حڪومت موسمياتي تبديلي جي انساني، معاشي ۽ ماحولياتي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي رهي آهي هن ٻڌايو ته وزيراعظم جي هدايت تي 300 ڏينهن وارو جامع منصوبو جوڙيو ويو آهي جنهن جو مقصد مون سون 2026ع لاءِ اڳواٽ تياري، امڪاني نقصانن ۾ نمايان گهٽتائي ۽ متاثر علائقن جي بحالي کي يقيني بڻائڻ آهي وفاقي وزير موجب ايندڙ 300 ڏينهن ۾ مضبوط ڊرينيج سسٽم فلڊ مينجمينٽ نازڪ انفراسٽرڪچر جي بهتري ۽ موسمياتي خطرن سبب متاثر علائقن ۾ فوري حفاظتي قدمن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته ان مرحلي بعد فيز ٽو جي شروعات ٿيندي جنهن ۾ ڊگهي مدي واريون پاليسيون جوڙيون وينديون ۽ موجوده قدمن کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي هن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته هو انصاف تي ٻڌل قدمن ذريعي پنهنجي ذميواري قبول ڪري، اسرندڙ ملڪن جي مدد ۾ اضافو ڪري ۽ گڏيل ڪوشش ذريعي موسمياتي بحران جو مقابلو ڪري

بقايا 22 چونڊجي ويو

چيئرمين طور متفق طور چونڊيو ويو اها چونڊ ان ٻن وڏن کنڊن جي تنظيم جي ساليانو اجلاس ۾ عمل ۾ آئي جيڪو هنگري جي گادي واري شهر ۾ منعقد ٿيو اها ڪانفرنس "يوريشيا ۾ امن ۽ جمهوريت" جي عنوان تحت منعقد ڪئي وئي جنهن جي ميزباني هنگري جي حڪمران پارٽي فيڊيز ڪئي هنگري جي اڳوڻي نائب پرڏيهي وزير ژولٽ نيميٿ کي يورپ جي نمائندگي ڪندي ايشيا- يورپ پوليٽيڪل فورم (اي اي پي ايف) جو شريڪ چيئرمين چونڊيو ويو ان ڪانفرنس ۾ 25 ملڪن سان تعلق رکندڙ 35 پارليامينٽ جي ميمبرن، سياسي شخصيتن ۽ ٿنڪ ٽينڪ جي نمائندن شرڪت ڪئي جن مان 15 ايشيا ۽ 10 يورپ مان هئا. پنهنجي عهدي جي قبوليت جي تقرير ۾ سينيٽر مشاهد حسين جيڪو انٽر نيشنل ڪانفرنس آف ايشين پوليٽيڪل پارٽيز جو به شريڪ چيئرمين آهي شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيو ته انهن کي ان منفرد فورم لاءِ ٻن سالن جي مدي لاءِ چيئرمين چونڊيو جو جو ايشيا- يورپ پوليٽيڪل فورم واحد غير سرڪاري ادارو آهي جيڪو يورپ جي سياسي نمائندن عوامي دانشورن ۽ ٿنڪ ٽينڪس کي ايشيا جي پنهنجي هم منصبن سان جوڙي ٿو ۽ ان جو اجلاس واري واري سان ايشيا ۽ يورپ ۾ منعقد ٿين ٿا. مشاهد حسين ايشيا ۽ يورپ ۾ رابطيڪاري کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار خاص طور تي ڏکڻ ايشيا ۽ وچ ايشيا جي وچ ۾ ۽ ان کان اڳتي يوريشيا تائين خاص طور تي جاگرافيائي معيشت (جيو اڪنامڪس) ۽ جاگرافيائي سياست (جيو پوليٽڪس) جي اڀرندڙ چرپر تي به روشني وڌي هن پاڪستان کي اوڀر ۽ اولهه وچ ۾ هڪ مثالي پل قرار ڏنو سينيٽر مشاهد حسين آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي يوڪرين جنگ جي خاتمي لاءِ 28 نقطن واري منصوبي جي آجيان ڪندي چيو ته اهو بي مقصد ۽ بنا جواز تڪرار ڳالهين ذريعي ختم ٿيڻ گهرجي هن ڊونلڊ ٽرمپ کي هڪ اهڙو آمريڪي اڳواڻ طور ساراهيو جيڪو نه جنگجو آهي ۽ نه ئي سرد جنگ جو علمبردار آهي سينيٽر مشاهد حسين واپار سيڙپڪاري، معيشت، تعليم ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ پاڪستان جي يورپ سان لاڳاپن تي به ڳالهائيندي چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان قانون جي حڪمراني ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي تحفظ ۽ بقا لاءِ هڪ ذميوار ۽ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن انساني حقن جي حوالي سان اولهه جي ٻٽي معيار تي به تنقيد ڪندي چيو ته دنيا هڪ نئين عالمي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي جيڪو هاڻي اولهه جي قبضي هيٺ ناهي رهيو پر اهڙو نظام هوندو جتي عالمي اڪثريت يعني ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جا ملڪ گلوبل سائوٿ جي حصي طور وڌيڪ آزاد، وڌيڪ ڪردار ۽ وڌيڪ اثر رسوخ رکندا. ان دوري دوران سينيٽر مشاهد حسين ۽ ٻين وفدن جي اعزاز ۾ هنگري جي پارليامينٽ جي اسپيڪر سان گڏوگڏ يورپي معاملن واري وزير طرفان دعوت جو اهتمام به ڪيو ويو

بقايا 23 صدر زرداري

۽ لکين ماڻهن جي بي دخلي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي اڄ ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت چيو ته ان سانحي ۾ قيمتي جانين جي نقصان ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي گم ٿيڻ جا اطلاع پاڪستان جي عوام لاءِ انتهائي ڏک جو سبب آهن هن انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي حڪومتن ۽ عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي فوتين جي پونيئرن سان دلي تعزيت ڪئي صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان پاڻ به موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل آفتن کي منهن ڏئي رهيو آهي ان ڪري هو اهڙن سانحن جي ڏک ۽ بي يقيني کي چڱي ريت ڄاڻي ٿو هن چيو ته پاڻي هيٺ آيل وسنديون ۽ گهرن کان محروم ٿيل خاندانن جا منظر ان ڳالهه جي ياد ڏيارين ٿا ته اسان سڀ انسان گڏيل طور تي وڌندڙ ماحولياتي تباهه ڪارين جي خطرن ۾ گهيريل آهيون هن چيو ته پاڪستان علائقائي شراڪتدارن ۽ عالمي ادارن سان ويجهي رابطي ۾ رهندو ته جيئن پنهنجي سگهه مطابق متاثر ملڪن جي مدد جي عملي طريقن تي غور ڪري سگهي صدر مملڪت چيو ته پاڪستان هن مشڪل وقت ۾ متاثر ملڪن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 24 سپريم ڪورٽ

حال ۾ جائز نه ٿو ٿي سگهي 7 صفحن تي ٻڌل هي فيصلو جسٽس جمال خان مندوخيل لکيو عدالت قرار ڏنو ته ڪڏهن ڪڏهن پوليس جو تشدد عدالت کان ماورا قتل جو سبب بڻجي ٿو ڇو ته ڪجهه اهلڪار ڇوٽ جي مفروضن هيٺ پنهنجي طريقي سان انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ان رجحان کي روڪڻ لاءِ پوليس تي موثر مخصوص ۽ ٻاهرين نگراني لازمي آهي، زندگي جو حق سڀني انساني حقن مان اعليٰ ترين آهي ۽ آئين رياست تي پابند ڪري ٿو ته هو هر شهري جي زندگين جو تحفظ ڪري، حراستي تشدد ۽ قتل روڪڻ لاءِ قدم کڻي غيرقانوني حراست، گرفتاري، ظلم بربريت ۽ عدالت کان ماورا قتل خلاف آئين جون ضمانتون بنيادي اصول آهن. سپريم ڪورٽ چئو چيو ته غيرقانوني حراست ۽ تشدد نه قابل قبول آهن نه قابل جواز پوليس جو بنيادي ڪردار قانون جي حفاظت ۽ بنيادي حقن جي پاسداري آهي، فيصلو وڌيڪ چوي ٿو ته پوليس هر شهري جي جان آزادي ۽ عزت جي حفاظت جي ذميوار آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سرڪاري اهلڪار قانون جي پيروي نه ڪندي ڪنهن کي نقصان پهچائي ٿو ته اهو بنيادي حقن ۽ منصفاڻي ٽرائل ٻنهي جي ڀڃڪڙي آهي. عدالت ياد ڏياريو ته پوليس کي گرفتاري جو حق ضرور آهي، پر اهو قدم آئين ۽ قانون جي مڪمل تابعداري سان کڻڻ لازمي آهي. غيرقانوني گرفتاري، تشدد يا بدسلوڪي ڏوهي عمل ۽ بدانتظامي آهي. موجوده ڪيس ۾ درخواست گذارن جيڪي پنجاب پوليس جا اهلڪار هئا، انهن معان زرياب خان نالي شخص کي غيرقانوني حراست ۾ رکڻ بدسلوڪي ۽ تشدد جا الزام ثابت ٿيا، عدالت چيو ته انهن پنهنجي ڪردار جي کليل ڀڃڪڙي ڪئي ۽ اختيارات جو غلط استعمال ڪيس سپريم ڪورٽ پوليس اهلڪارن کي نوڪري مان برطرف ڪرڻ جو حڪم برقرار رکندي اپيلون خارج ڪري ڇڏيون، فيصلي ۾ آئين جي آرٽيڪل 10 جو حوالو ڏيندي چيو ويو ته هر گرفتار شخص کي گرفتاري جا سبب ٻڌائڻ ۽ 24 ڪلاڪن اندر مئجسٽريٽ آڏو پيش ڪرڻ لازمي آهي

بقايا 25 شهباز شريف

شهباز شريف چيو آهي ته ايڊز جي عالمي ڏينهن تي پاڪستان عالمي برادري سان ڀرپور آواز ۾ پنهنجي ان عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو ته عوامي صحت لاءِ ايڊز جهڙن وڏن خطرن جو خاتمو ڪنداسين ۽ ان بيماري کان تحفظ سڀني تائين پهچايو ويندو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق ايڊز جي عالمي ڏينهن پهرين ڊسمبر 2025ع تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته هلندڙ سال اهو ڏينهن رڪاوٽن کي پار ڪرڻ ۽ ايڊز جي حوالي سان ورتاءَ کي تبديل ڪرڻ جي عنوان تحت ملهايو پيو وڃي اهو عنوان نين پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن سان نئين عزم سان منهن ڏيڻ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ۽ ياد ڏياري ٿو ته رڪاوٽون بيمارين تڪليفون ۽ سماجي اڻبرابري باوجود سمورن شهرين جي صحت ۽ عزت ۽ وقار جي تحفظ لاءِ اسان جو عزم پختو هجڻ گهرجي ايڇ آءِ وي جي وبا جتي سڄي دنيا ۾ صحت جي نظام فائدن ۽ اثرائتي ڪارڪردگي جو امتحان وٺي رهي آهي اتي اها اسان کي ان بيماري سان مقابلو ڪرڻ ۽ صحت جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪرڻ جي ياد ڏياري ٿي وزيراعظم چيو ته ان بيماري بابت عوامي رد عمل ۽ رويي کي تبديل ڪرڻ نهايت ضروري آهي

بقايا 26 افسوس جو اظهار

شهباز شريف انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي مختلف حصن ۾ ساموندي طوفان سبب ٿيل تباهي ٻوڏ آڻيندڙ برسات، ٻوڏ ۽ مٽيءَ جي ڇپن ڪرڻ جي نتيجي ۾ قيمتي انساني حياتين ۽ ملڪيتن جي نقصان تي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف متاثره خاندانن سان همدردي جو اظهار ڪندي گم ٿيل ماڻهن جي حفاظت سان واپسي ۽ متاثر ڪميونٽيز جي جلد بحالي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ پاڪستان حڪومت انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي عوام اتان جي حڪومتن ۽ قيادت سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿي ۽ اسان ان قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ هر ممڪن امداد فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا 27 صدر زرداري

خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ڪالهه ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر مملڪت چيو ته پاڪستان مصر سان پنهنجي پراڻن ۽ پائيدار لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو جيڪي گڏيل عقيدي ۽ گڏيل احترام جي بنياد تي قائم آهن هن چيو ته ٻنهي ملڪن کي گهرجي ته هو انهن لاڳاپن کي وڌيڪ منظم ۽ مستقبل تي ٻڌل تعاون ۾ تبديل ڪن صدر آصف علي زرداري ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پاڪستان ۽ مصر وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جا 77 سال مڪمل ٿيڻ جي روشني ۾ واپار سيڙپڪاري ۽ عوامي سطح تي رابطن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي ضرورت آهي هن توانائي لاجسٽڪس، تعميراتي، زراعت، کاڻين جي کوٽائي ۽ آءِ ٽي سميت مختلف شعبن ۾ وڌندڙ موقعن مان فائدو کڻڻ لاءِ مصر لاءِ سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ جي حوصلا افزائي ڪئي مصر جي پرڏيهي وزير صدر مملڪت کي مصر جي صدر جو خصوصي پيغام پهچايو ۽ مختلف شعبن ۾ پاڪستان سان تعاون وڌائڻ جي مصر جي خواهش جو اظهار ڪيو ڌرين علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ امن ۽ استحڪام ۽ ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو ان کان اڳ صدر مملڪت ۽ مصر جي پرڏيهي وزير وچ ۾ نوڪيلاڳي ۾ ملاقات پڻ ٿي جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملا بحث هيٺ آيا. ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سينيٽر شيري رحمان سيد نيئر حسين بخاري ۽ پرڏيهي سيڪريٽري سميت پاڪستان ۾ مصر جو سفير ڊاڪٽر ايهاب محمد عبدالحميد حسن به موجود هئا.

بقايا 28 جهاز متاثر

انڪشاف ڪيو آهي ته گروپ جي ايئر بس اي-320 ماڊل جي جهازن جو تعداد 108 آهي يورپي ڪمپني "ايئر بس" طرفان لاڳو ڪيل هنگامي قدمن سبب اٽڪل 51 جهاز متاثر ٿيا آهن هن ٻڌايو ته گروپ يورپي ايوي ايشن سيفٽي ايجنسي جي فيصلي کان اڳ ئي فوري طور تي مسئلو حل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو سعودي ايئر لائين ڪمپنين ايئر بس جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ري ڪال آپريشن جي نتيجي ۾ اي-320 ماڊل جي يورپي مينوفيڪچرنگ ڪمپني طرفان فني خرابي جي دريافت کان پوءِ فوري قدمن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي شديد شمسي تابڪاري فلائيٽ ڪنٽرول سسٽمز لاءِ اهم ڊيٽا کي خراب ڪري سگهي ٿي سعودي گروپ جي ڪارپوريٽ ڪميونيڪيشن جي ڊي جي عبدالله الشهراني سمورن مسافرن کي خاطري ڪرائي ته گروپ موڪلن جي پڄاڻي سان گڏ ان واقعي باوجود اڏامن جي شيڊول ۾ ڪا به تبديلي ڪرڻ جو ارادو نٿو رکي

بقايا 29 وينزويلا

خلاف ڪارروائي جو اشارو ڏنو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب وينزويلا جو چوڻ آهي ته سنڌس هوائي ڏاڪرو مڪمل طور تي بند سمجهڻ گهرجي وينزويلا جي پرڏيهي وزارت جي بيان ۾ آمريڪا کي نوآبادياتي خطرو قرار ڏيندي چيو آهي ته سندن ملڪ ان نوآبادياتي خطري جي شديد مذمت ڪري ٿو جيڪو سنڌس هوائي حدن جي خودمختياري کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي اهو هڪ نئون ڇڙ ڏياريندڙ غيرقانوني ۽ بنا جواز حملو آهي جيڪو وينزويلا جي عوام خلاف آهي ڊونلڊ ٽرمپ جو اهو اعلان اهڙي وقت ۾ آيو آهي جڏهن آمريڪا ساموندي ڪيريبين جي علائقن ۾ وسيع پيماني تي آمريڪي فوج موڪلي وينزويلا تي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي وينز ويلا جي حڪومت چيو آهي ته ٽرمپ جو بيان لاطيني آمريڪا خلاف نو آبادياتي رجحان ظاهر ڪري ٿو بيان ۾ ان ڳالهه تي زور ڀريو ويو آهي ته هو پرڏيهه مان ڪنهن به ڊڪٽيشن کي قبول نه ڪندو اسان جي هوائي حدن جو احترام ضروري آهي ۽ ڪنهن به پرڏيهي خطري کي قبول نه ڪيو ويندو

بقايا 30 ڀيڄي وئي

ڀيڄي وئي پرڏيهي وزارت آمد تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصري پرڏيهي وزير جي آجيان ڪئي اڄ ڏينهن پرڏيهي وزارت مان جاري بيان مطابق دوري دوران ٻئي ملڪ اهم ٻه طرفي معاملن تي مشاورت ڪندا.

بقايا 31 مبارڪ

امير مقام آل ڪشمير نيوز پيپر سوسائٽي جي نئين چونڊيل صدر سردار زاهد تبسم کي مبارڪ ڏني آهي هن نائب صدر نثار ڪياني ۽ ٻين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ ڏني اڄ ڏينهن وزارت مطابق مڪي شريف مان پنهنجي پيغام ۾ وفاقي وزير اميد ظاهر ڪئي ته سردار زاهد تبسم جي قيادت ۾ نوان چونڊيل عهديدار صحافتي برادري جي مسئلن جي حل ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندا ۽ پرنٽ ميڊيا کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ ۾ معاونت ڪندا وفاقي وزير چيو ته ادارو ڪشمير مسئلي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو

بقايا 32 اسحاق ڊار

فلسطيني ڀائرن ۽ ڀينرن جي خودارادیت واري حق سندن وقار آزادي ۽ پنهنجي پختي سفارتي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو فلسطيني عوام سان يڪجهتي بابت عالمي ڏينهن جي حوالي سان پرڏيهي وزارت مان جاري پيغام ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته نسلن کان فلسطيني عوام منظم بي دخلي جارحيت ۽ تشدد ۽ تباهه ڪندڙ محرومين کي منهن ڏيندا آيا آهن سندن گهرن اسڪولن اسپتالن ۽ بنيادي سهولتن ان مسلسل آزمائش جو سڀ کان وڌيڪ بار کنيو آهي هن چيو ته فلسطين ۾ انساني مصيبتن جي بي مثال شدت عالمي برادري کان فوري، مضبوط ۽ عدل ۽ انسانيت جي اصولن تي ٻڌل رد عمل جي گهرجائو آهي عالمي قانون مطابق اسرائيل طرفان ڪيل جنگي ڏوهه ۽ نسل ڪشي تي جوابدهي اڻٽر آهي، غزه ۾ اسرائيل جي جاري بربريت ان کي انسانيت ۽ عالمي ضمير جو قبرستان بڻائي ڇڏيو آهي ان صورتحال کي نه ئي برداشت ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي بنا انصاف جي ڇڏي سگهجي ٿو ان اهم مرحلي تي تازيون سفارتي ڪوششون خاص ڪري ٻه رياستي حل تي اعليٰ سطحي ڪانفرنس ۽ غزه امن منصوبو تشدد جي ختم نه ٿيندڙ سلسلي کي روڪڻ ۽ پائيدار امن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ حقيقي موقعو فراهم ڪن ٿيون هاڻي ضروري آهي ته عالمي برادري هڪ مستقل جنگ بندي کي يقيني بڻائي هن چيو ته اسرائيل تي لازم آهي ته هو انساني امداد جي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائي، پنهنجي سموري فوج کي مڪمل طور تي غزه مان واپس گهرائي، گڏيل قومن جي ادارن خاص ڪري يو اين آر ڊبليو اي جي ڪم ۾ پوري طرح سهولت فراهم ڪري ۽ غزه جي فوري نئين سر تعمير ۽ بحالي لاءِ ضروري حالتن کي ممڪن بڻائي اهڙي طرح اولهندي ڪناري ۾ جاري سنگين صورتحال جو حل به فوري ڌيان جو گهرجائو آهي جتي اسرائيلي غير قانوني وسندين جو ڦهلاءُ ۽ اهڙا قدم جيڪي فلسطيني علائقن جي جاگرافيائي وحدت کي ختم ڪن ٿا، پائيدار امن جي راهه ۾ سنگين رڪاوٽ آهن. اهي قدم عالمي قانون جي کليل ڀڃڪڙي ۽ ٻه رياستي حل جي راهه ۾ سڌي ريت رڪاوٽ آهن. جيڪو خطي ۾ منصفاڻي ۽ ڊگهي امن جو واحد رستو آهن پاڪستان فلسطين مسئلي جي منصفاڻي، ڊگهي ۽ جامع حل لاءِ پنهنجي پختي وابستگي جو ورجاءُ ڪري ٿو جيڪو لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل ۽ جنرل اسيمبلي جي ٺهراءُن مطابق آهي. ان ۾ هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطين رياست جو قيام شامل آهي جيڪو 1967ع کان پهرين جي سرحدن تي قائم هجي ۽ جنهن جو گادي وارو هنڌ القدس الشريف هجي سينيٽر اسحاق ڊار چيو ته ان ڏينهن ۽ جيستائين انصاف قائم نٿو ٿئي پاڪستان پنهنجي فلسطيني ڀائرن ۽ ڀينرن جي آزادي، وقار ۽ سندن خودارادیت واري حق جي منصفاڻي جدوجهد ۾ ساڻن پختي يڪجهتي سان بيٺل آهي

بقايا 33 سڃاڻپ نه ٿي

سان ٿيل خوفناڪ حادثي ۾ نوجوان پنهنجي جان وڃائي ويٺو اسٽيل مل چورنگي ويجهو موٽرسائيڪل تي سوار هڪ نوجوان ٽريفڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته اسٽيل مل چورنگي ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال آندو ويو ريسڪيو موجب فوت ٿيل جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، پر سنڌس عمر 25 سال جي لڳ ڀڳ ٻڌائي پئي وڃي حادثو ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر سبب پيش آيو جنهن جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس ٽرالر کي قبضي ۾ وٺي فوت ٿيل نوجوان جي موٽرسائيڪل سان گڏ پوليس ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو پوليس چيو ته ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 34 فوت

بار ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس عملدارن ٻڌايو ته واقعي ۾ 4 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته 3 زخمي اسپتال ۾ فوت ٿيا اکين ڏٺن شاهدن مطابق هٿياربندن صبح سوير لاريساڪا بار ۾ حملو ڪيو جيڪو شهر جي مزدور طبقي جي هڪ علائقي ۾ واقع آهي فائرنگ کانپوءِ وفاقي ۽ رياستي سيڪيورٽي فورسز سرچ آپريشن شروع ڪيو هو جڏهن ته اڃان تائين ڪو به جوابدار گرفتار ناهي ٿي سگهيو رياستي سيڪيورٽي بيورو مطابق ٽولا ۾ حملي کان اڳ مخالف گروهن وچ ۾ تڪرارن جا اطلاع به مليا هئا. مقامي ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته جهيڙو ان وقت وڌيو جڏهن هڪ مبينا مقامي گينگ اڳواڻ کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي ۾ سنڌ يوٿ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي فيسٽيول جي پڄاڻي، انعام ورهايا ويا

راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي انتظام هيٺ فيسٽيول ٽي ڏينهن جاري رهيو

فيسٽيول ۾ سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي 70 کان وڌيڪ شاگردن پنهنجا منصوبا پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي انتظام هيٺ سنڌ يوٿ ڪلب گلستان جوهر ۾ جاري ٽي ڏينهن وارو سنڌ يوٿ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي فيسٽيول ڪاميابيءَ سان پڄاڻي تي پهتو پڄاڻي واري تقريب جو خاص مهمان ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي هو جڏهن ته راندين وارو سيڪريٽري منور علي مهيسر به شريڪ هو ڪمشنر ڪراچي مختلف اسٽالز جو دورو ڪيو ۽ نوجوانن کان معلومات حاصل ڪئي ترجمان جو چوڻ هو ته سنڌ يوٿ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي فيسٽيول ۾ 40 کان وڌيڪ سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي 70 کان وڌيڪ شاگردن پنهنجا سائنس ٽيڪنالاجي ۽ سماجي ڀلائي سان لاڳاپيل منصوبا پيش ڪيا. نمائش ۾ هڪ جديد اي آءِ روبوٽ به سڀني جو ڌيان ڇڪايو جيڪو اردو ۽ انگلش ۾ سوالن جا جواب ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو نوجوانن ٻڌايو ته ان روبوٽ جي تياري تي 7 کان 8 مهينا محنت ڪئي وئي ايونٽ ۾ نوجوانن اليڪٽرڪ سائيڪل گهٽ لاڳت وارو گهر ۽ ٽرانسجينڈر ڪميونٽي لاءِ مخصوص رهائشي ماڊلز به پيش ڪيا جن کي شريڪ ٿيندڙن ساراهيو ترجمان موجب فيسٽيول ۾ لاڙڪاڻي جي شاگردن گهٽ خرچ ۾ پاڪستان جو پهريون سولر ونڊ ٽربائن پيش ڪيو جيڪو هڪ ئي وقت هوا ۽ سج کان بجلي پيدا ڪري ٿو ان جي تياري تي تقريباً 50 هزار رپيا لاڳت آئي ۽ اهو هڪ گهر جي بنيادي برقي اوزارن کي هلائڻ جي صلاحيت رکي ٿو ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي بهترين پروجيڪٽس پيش ڪندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا ڊائو يونيورسٽي جي شاگردن پهرين پوزيشن حاصل ڪري هڪ لک رپيا نقد انعام حاصل ڪيو جڏهن ته ضياءُ الدين يونيورسٽي جي شاگردن ٻي پوزيشن ماڻي 75 هزار ۽ همدرد يونيورسٽي جي شاگردن ٽئين پوزيشن حاصل ڪري 50 هزار رپيا نقد انعام وصول ڪيو ڪمشنر ڪراچي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ اضافي طور تي پنجويهه پنجويهه هزار رپيا انعام جو اعلان به ڪيو ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته راندين واري کاتي جي انتظام هيٺ ٿيل هن نمائش جو انعقاد ساراهه جوڳو قدم آهي نوجوان جيڪي پروجيڪٽس تيار ڪيا آهن اهي قومي صنعتي ۽ ترقياتي تقاضائن موجب آهن هن چيو ته ان سان باصلاحيت نوجوانن جي حوصلا افزائي ٿيندي ۽ کين پنهنجي صلاحيتن نکارڻ جو موقعو ملندو هن اها به اميد ظاهر ڪئي ته اسڪولن جي شاگردن لاءِ به اهڙي ئي طرز جا پروگرام منعقد ٿيڻ گهرجن راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايت تي اهو فيسٽيول پهريون ڀيرو سرڪاري سطح تي منعقد ڪيو ويو آهي ته جيئن نوجوانن جي ٽيلنٽ کي سامهون آندو وڃي ۽ صنعتڪارن کي ڏيکاريو وڃي ته سنڌ جا نوجوان ڪنهن به ميدان ۾ پٺتي پيل ناهن ترجمان موجب ايونٽ ۾ ڪتابي ميلو معلوماتي اسٽالز ۽ موسيقي سميت مختلف سرگرميون به شامل هيون جڏهن ته صوبي جي مختلف حصن مان 1500 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين فيسٽيول ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ڊائريڪٽر راندين اسد اسحاق نوجوانن جي معاملن واري ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رضوان احمد ملاح معيز احمد سومرو ڊي ايس او اسماعيل شاهه محمد عثمان شڪيل احمد، سني پروين حاجرا نواب ۽ مختلف يونيورسٽين جي پروفيسرن ۽ استادن به شرڪت ڪئي

ڪراچي ڪياماڙي ۾ ٻه مسافر لانچون ٽڪرائجي ويون، هڪ عورت فوت

منهوڙي کان بابا ڀٽ ويندڙ لانچون ٽڪرائجڻ سبب عورت سمنڊ ۾ ٻڏي فوت ٿي

سمنڊ ۾ ٻڏي ويل عورتن ۽ ٻارن سميت 7 ماڻهن کي نيم بيهوشي واري حالت ۾ ڪڍيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪياماڙي گيٽ نمبر 1 جي ويجهو ٻه مسافر لانچون ٽڪرائجي ويون، حادثي ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي، زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪياماڙي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي ٻه مسافر لانچون ٽڪرائجي ويون ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪياماڙي ۾ پيش آيل حادثي ۾ هڪ عورت سمنڊ ۾ ٻڏي پنهنجي حياتي وڃائي ويٺي، جڏهن ته 7 ماڻهن کي بچايو ويو ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته عورتن ۽ ٻارن سميت 7 ماڻهن کي نيم بي هوشي واري حالت ۾ ريسڪيو ڪيو ويو لانچن ۾ 20 کان 25 ماڻهو سوار هئا. ايس ايس پي امجد شيخ جو چوڻ آهي ته 10 کان 12 زخمين کي خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ريسڪيو ڪيل ٻن ٻارن جي حالت نازڪ آهي هن وڌيڪ چيو ته متاثر ٿيل لانچون ڪياماڙي منهوڙا کان بابا ڀٽ وڃي رهيون هيون، ڪياماڙي پوليس جو اضافي عملو به موجود آهي

آمريڪي صدر وينزويلا ۾ ڪارروائيون تمام جلد شروع ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

علائقي ۾ اعليٰ سطحي بريفنگ ۽ وڌندڙ فوجي طاقت جي مظاهري کان پوءِ آپشنز جو فيصلو ڪيو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اشارو ڏنو آهي ته آمريڪا وينزويلا جي زمين اندر منشيات جي اسمگلنگ جي نيٽ ورڪس خلاف هڪ نئون قدم کڻڻ جي تياري ڪري رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي نيٽ ورڪ سي اين اين پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته ٿينڪس گيونگ جي موقعي تي آمريڪي فوجين سان هڪ ڪال دوران ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته زميني ڪارروائيون تمام جلد شروع ٿينديون اهو هڪ اهڙو اضافو آهي جيڪو لاطيني آمريڪا ۾ آمريڪي قاعدن ۾ تبديلي جي عڪاسي ڪري ٿو رپورٽ مطابق اهي بيان ان ڳالهه طرف اشارو ڪن ٿا ته ڊونلڊ ٽرمپ گڏيل هفتن ۾ علائقي ۾ اعليٰ سطح جي بريفنگ ۽ وڌندڙ فوجي طاقت جي مظاهري کان پوءِ پنهنجي آپشنز جو فيصلو ڪري ورتو آهي آمريڪي انتظاميه هن هفتي وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ ان جي ڪيترن ئي اتحادين کي هڪ پرڏيهي دهشتگرد تنظيم جي ميمبر طور نامزد ڪيو آهي

وفاقي آئيني عدالت ۾ اڄ کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي ۾ 3 بينچز ڪيس جون ٻڌڻيون ڪنديون

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ اڄ سومر پهرين ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي دوران 3 مختلف بينچز ڪيسز جي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن عدالتي شيڊول موجب سومر پهرين ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي ۾ اهم آئيني نوعيت جا ڪيس مختلف بينچز آڏو پيش ٿيندا. چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ سڄي هفتي دوران مختلف اهم ڪيسز ٻڌندي ٻئي طرف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس روزي خان تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ۽ پهرين ڊسمبر کان ڪاز لسٽ ۾ شامل ڪيسن جي ٻڌڻي ڪندي اهڙي طرح جسٽس علي باقر نجفي ۽ جسٽس ڪريم خان آغا تي ٻڌل بينچ نمبر 3 به مختلف آئيني درخواستن ۽ اپيلن تي ٻڌڻي لاءِ دستياب هوندي

بقايا 35 خواجه آصف

ڏينهن پنهنجي ٽوئيٽ ۾ دفاع واري وزير خواجه محمد آصف چيو ته ان حوالي سان اهو واضح ڪيو وڃي ٿو ته مقرري جو باقاعده عمل پهرين ئي شروع ٿي چڪو آهي. وزيراعظم جلد وطن واپس پهچي رهيو آهي، سندس واپسي کانپوءِ چيف آف ڊفينس فورسز جو نوٽيفڪيشن مقرر وقت تي جاري ڪيو ويندو وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو ته ان معاملي تي قياس آرائين يا بي بنياد تبصرن جي ڪا به گنجائش ناهي

بقايا 36 اعلان

اسٽريٽجڪ سببن جي بنياد تي پاڪستان ۾ سفارتخانو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي فن لينڊ جي پرڏيهي وزارت موجب پاڪستان افغانستان ۽ ميانمار ۾ سفارتخانو بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي پرڏيهي وزارت چيو ته اسلام آباد، ڪابل ۽ ينگون ۾ قائم سفارتخانا 2026 ۾ بند ڪيا ويندا، اهو فيصلو لاڳاپيل ملڪن جي سياسي صورتحال ۾ تبديلين ۽ فن لينڊ سان محدود واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپن سان جڙيل آهي

بقايا 37 فوت

جهاز فضا ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويا جنهن سبب هڪ جهاز تباهه ۽ پائيلٽ فوت ٿي ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق اختيارين ٻڌايو ته سڊني جي پسگردائي ۾ ٻه ننڍا جهاز فضا ۾ ٽڪرائجڻ جو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ جهاز تباهه ٿي ويو ۽ ان جو پائيلٽ موقعي تي فوت ٿي ويو نيو سائوٿ ويلز پوليس مطابق امدادي اهلڪارن ويڊر برن ايئرپورٽ ويجهو پائيلٽ جو لاش هٿ ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي معلومات مطابق ٻه ننڍا جهاز فضا ۾ ٽڪرائجڻ کانپوءِ انهن مان هڪ تباهه ٿي ويو پوليس بيان ۾ چيو ته فوت ٿيل پائيلٽ جهاز ۾ اڪيلو سوار هو جڏهن ته ٻيو جهاز حفاظت سان ايئر فيلڊ تي لهي ويو ۽ ان جو پائيلٽ محفوظ رهيو

بقايا 38 عطاءالله تارڙ

ڀارت ۽ افغانستان مان هلي رهيا آهن اهي ماڻهو ڀارت ۽ افغانستان مان مهم هلرائي پاڻ ايڪسپوز ٿي رهيا آهن. اهي ملڪ دشمنن سان گڏجي سازشون ڪري رهيا آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني جون ڀيڻون 9 مئي تي به ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ موجود هيون، شاهديون موجود آهن پر ان ڪري بچيل آهن ته وري عمران خان روئيندو ته منهنجي ڀيڻن کي اندر ڪيو ويو آهي سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ باني جون ڀيڻون ڀارت ۽ افغانستان جي چينلن تي انٽرويوز ڏينديون آهن پي ٽي آءِ جو ملڪ دشمن عنصرن سان ڳنڍ جوڙ واضح ٿي چڪو آهي عطاءالله تارڙ چيو ته افغانستان مان پاڪستان تي حملا ٿين ٿا ته اهي ماڻهو افغان حڪومت جي ترجمان بڻيل آهن خيبرپختونخواه حڪومت دهشتگردي خلاف هڪ مذمتي بيان نه ڏنو هڪ ملڪ جي سرزمين اسان جي خلاف استعمال ٿي آهي، انهن سان محبت سمجهه کان ٻاهر آهي

بقايا 39 زخمي

حد کي 4 ناليءَ جي ويجهو علي مومن ڪيٽل ڪالوني مان 55 سالن جي نامعلوم شخص جو ڪجهه ڏينهن پراڻو لاش مليو ڊاڪس ٿاڻي جي حد سلطانا آباد پل جي ويجهو 60 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو نيو ڪراچي جي علائقي خميسو گوٺ ۾ نامعلوم حملي آورن جي فائرنگ ۾ هڪ عورت زخمي ٿي پئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو اهلڪار موقعي تي پهچي ويا ۽ زخمي عورت کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعو سپر هاءِ وي تي نيو سبزي منڊي ۾ دعا ريسٽورنٽ جي ويجهو ٿيو جتي فائرنگ ۾ هڪ شخص همايان ولد محمد سليم زخمي ٿي پيو زخمي شخص کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 40 آغا فخر

ڪيو ويو اجلاس جي صدارت سنڌ جي انساني حقن واري کاتي جي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين ڪئي اجلاس ۾ سينئر سرڪاري آفيسرن، ترقياتي ادارن جي نمائندن سول سوسائٽي جي ميمبرن ۽ موسميات جي ماهرن شرڪت ڪئي اجلاس جو اهتمام سي ايس ايس پي جي مينيجر عبدالواحد سنگراسي ۽ ڪلائيميٽ سمارٽ نيٽ جي چيئرمين نواز ڪنبر ڪيو هو پنهنجي افتتاحي لفظن ۾ ڊائريڪٽر آغا فخر حسين زور ڏيندي چيو ته موسمياتي تبديلي هاڻي صرف ماحولياتي مسئلو نه رهي آهي پر اهو سنڌ کي پيش ايندڙ سڀ کان وڏو انساني حقن جو چئلينج بڻجي چڪو آهي هن چيو ته گڏيل قومن (UN) صاف، صحت مند ۽ پائيدار ماحول کي بنيادي انساني حقن طور تسليم ڪري ورتو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته موسمياتي تبديليءَ جا اثر زندگي، صحت، خوراڪ پاڻي تعليم ۽ رهائش جهڙن بنيادي حقن تائين گهرا پهچن ٿا ۽ ان جو غير متناسب اثر عورتن، ٻارن ۽ پٺتي پيل طبقن تي پوي ٿو اجلاس دوران شريڪ ٿيندڙن دادو ۽ جامشوري جي منڇر ڍنڍ واري علائقي ۾ انساني حقن بابت تازي جاچ جي نتيجن جو جائزو ورتو جاچ ۾ موسمياتي تبديليءَ سبب پيدا ٿيل غربت جا سنگين اثر سامهون آيا، جن ۾ روزگار جو وڏي پيماني تي خاتمو آبادي جي بي گهرڙي، ننڍپڻ جي شادين ۾ واڌ ۽ ٻيون انساني حقن جون ڀڃڪڙيون شامل آهن رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو ته متاثر خاندانن کي سڃاڻپ دستاويزن (شناختي ڪارڊ) ۽ اسڪول رڪارڊ جي غير موجودگيءَ سبب انصاف ۽ ضروري خدمتن تائين پهچڻ ۾ تمام گهڻيون ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن ڊائريڪٽر آغا فخر حسين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ماحولياتي موافقت جي پاليسين ۾ انساني حقن کي مرڪزي حيثيت ڏيڻ لازمي ٿي چڪو آهي هن متاثر علائقن ۾ فوري طور تي موبائل نادرا يونٽس ڏانهن موڪلڻ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ موسمي لحاظ کان مضبوط اسڪول قائم ڪرڻ ۽ ننڍپڻ جي شادين جي روڪٿام لاءِ ڪميونٽي سطح جي نظام کي مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو هن وڌيڪ چيو ته مڇي مارڻ دستڪاري، ننڍين صنعتن ۽ عورتن جي اڳواڻي ۾ ڪاروبار ذريعي روزگار جي بحاليءَ کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ عوام جي رهائش جي اسڪيم تحت موسمي لحاظ کان محفوظ رهائش فراهم ڪئي وڃي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽيجي صلاحيت وڌائڻ خاص ڪري برسات جي موسم سان گڏوگڏ موسمي موافقت ۽ بحاليءَ لاءِ مختص ڪيل فنڊن مان هڪ مخصوص "انساني حقن جي بجيٽ" رکڻ جي به سفارش ڪئي

بقايا 41 ڀيڄي وئي

وزيرن جي ڪائونسل ۾ شرڪت لاءِ قاهره پهچي ويو هو ڊي ايٽ پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي چوٿين اجلاس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو قاهره انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پاڪستان جي مصر بابت سفير عامر شوڪت سميت مصري پرڏيهي وزارت ۽ واپار ۽ سيڙپڪاري واري وزارت جي سينئر عملدارن وفاقي وزير جي آجيان ڪئي دوري دوران وفاقي وزير ڊي-8 وزارتي ڪائونسل جي افتتاحي ۽ پڄاڻي وارن اجلاسن ۾ شرڪت ڪندو ۽ ميمبر ملڪن جي جي واپار وارن وزيرن سان ٻطرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو جنهن جو مقصد واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ آهي وفاقي وزير سرڪاري سرگرمين کانسواءِ قاهره جي اهم تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن سميت گرينڊ ايجيشن ميوزم ۽ عابدين پيلس جو دورو پڻ ڪندو

بقايا 42 مقرر

مرتضيٰ نور کي اسلام آباد ريجن لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو آهي اهو اعلان پي اي پي سي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۽ سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان ڪيو ويو جنهن عالمي سهڪار کي هٿي ڏيڻ لاءِ هن جي خدمتن، قيادت ۽ مستقل ڪاوشن کي ساراهيو پنهنجي نئين منصب ۾ محمد مرتضيٰ نور اداري جي انتظامي معاملن ميمبر شپ ڊولپمينٽ، ايونٽ ڪوآرڊينيشن ۽ اسٽريٽجڪ رابطا ڪاري جي نگراني ڪندو

بقايا 43 ڏنڊ مقرر

سرينٽيجي ۾ خادم مهر احسان مهر عبدالخالق مهرجو فيصلو حافظ طارق بلوچ سان ٿي ويو حافظ طارق بلوچ تي مجموعي طور تي ٿيل نقصان جو ڏنڊ 86 لک 10 هزار ڇهاسي لک ڏهه هزار رکيو ويو جنهن ۾ پنجاهه هزار بروقت ادا ڪيا ويا بقايا پيسا ٽن قسطن ۾ ادا ڪندو خادم مهر تي هڪ لک رپيه 100000 ڏنڊ پيو حافظ طارق بلوچ جيڪو پڇي وٺڻ جو بي بنياد الزام لڳايو هيو اهو بي بنياد الزام لڳايو هيو جيڪو ثابت نه ٿيو خادم مهر احسان مهر عبدالخالق وارا بي قصور ٿيا بلوچ ڀاران غلط پڇي جو الزام مڙهي ايفائر ڪٽي وئي ڌرين کي ڏاهه ڪري پاڪر پرائي ڪيرڪنڊ ڪري ڇڏيو ڌرين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪ_افغان لاڳاپن ۾ نئون تاءُ ۽ دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو
صفحو 4

محمود شام
رهبر اُهي ٿي رهيا آهن...
صفحو 4

حڪومت ڪارونجهر ڪٽائي ڪيس تان هٿ کڻي!
ايڊووڪيٽ عبيدالله
صفحو 4

مسعود احمد خاصخيلي
موسيقيءَ ۽ آرٽ جا انساني احساسن تي اثر
صفحو 4

سنڌ ۾ ڪمند جو سيزن شروع ٿيندي ئي ڳڙهه ۽ ڪيميڪل مان ٺهيل ماکي جو وڪرو شروع

اهڙي ماکي ٺاهيندڙ فيس بڪ تي ۽ ننڍي پيماني تي دڪانن ۽ آفيسن ۾ عام ماڻهن کي ماکي وڪرو ڪندي نظر ايندا

جعلي ماکي ۾ ڳڙهه جو شربت آهي اهو اهڙي طرح ٺاهيو ويندو آهي جو اهو بلڪل حقيقي ماکي وانگر ۽ وڏي پيماني تي نظر اچي،ماکي وڪرو ڪندڙ

ملڪ ۾ ايتريون مکيون نہ آهن جيتريون ماکي مقامي طور تي ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ملڪ ۾ وڪرو ٿي رهي آهي:شهري

سوڀوديرو(ن ع)تعلقہ سوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس سميت اندرون سنڌ ۾ ڪمند جو سيزن شروع ٿيندي ئي ڳڙهه جي شربت مان ٺهيل ڪيميڪل مليل ماکي وڏي پيماني تي وڪرو ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي ان حوالي سان اهو معلوم ٿيو آهي تہ ماکي ٺاهيندڙ فيس بڪ تي ۽ ننڍي پيماني تي دڪانن ۽ آفيسن ۾ عام ماڻهن کي ماکي وڪرو ڪندي نظر ايندا، جيڪو بلڪل حقيقي ماکي وانگر آهي هڪ ماکي وڪرو ڪندڙ چيو تہ جعلي ماکي ۾ جوهر ڪجهہ حقيقي ماکي ۽ مشين ذريعي ڳڙهه جو شربت آهي اهو ڪيئن اهڙي طرح ٺاهيو ويندو آهي جو اهو بلڪل حقيقي ماکي وانگر ۽ وڏي پيماني تي نظر اچي؟ جعلي ماکي جو ڪاروبار سڄي سنڌ ۾ پنهنجي عروج تي پهچي چڪو آهي جڏهن تہ ماکي وڪرو ڪندڙ وڏا ڪاروباري ماڻهو فيس بڪ ذريعي هي ڪاروبار ڪري رهيا آهن ماڻهن چيو تہ ملڪ ۾ ايتريون مکيون نہ آهن جيتريون ماکي مقامي طور تي ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ملڪ ۾ وڪرو ٿي رهي آهي

سوڀوديرو: ڳڙهه ۽ ڪيميڪل مان ٺهيل ماکين جا شيشا ڀريل نظر اچي رهيا آهن

سرهاري ۾ مختلف اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ تقريري مقابلو

پيپلزپارٽي سٽي سرهاڙي جي صدر ڪاشف مگسي پاران مقابلا ڪرايا ويا

پوزيشن ڪندڙ ٻارڙن ۾ شيلڊس اعزازي سرٽيفڪيٽس ۽ ڪيش انعام تقسيم ڪيا ويا

سرهاري (ن ع)سرهاري شهر ۾ پيپلزپارٽي سٽي سرهاڙي جي صدر ڪاشف خان مگسي پاران شهر جي 10 کان وڌيڪ سرڪاري ۽ خانگي سميت مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تقريري پروگرام منعقد ڪري مقابلا ڪرايا ويا.جنهن ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي وڏي تعداد ۾ شاگردن شاگردياڻين ڀڃ حصو ورتو.جنهن ۾ پوزيشن ڪندڙ ٻارڙن ۾ شيلڊس اعزازي سرٽيفڪيٽس ۽ ڪيش انعام تقسيم ڪيا ويا شهر جي فرحان شادي حال ۾ منعقد ڪيل پروگرام ۾ وڏي انگ ۾ اسڪولي ٻارڙن استادن والدين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي جنهن ۾ سرهاري شهر جو معزز شخصيت حاجي محمد اقبال عمراڻي ۽ عبدالحميد زرداري منظر بشير آرائين جرار الحسنين ميمڻ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي پروگرام جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت بعد مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ مختلف موضوعن تي اردو سنڌي ۽ انگلش ۾ تقريرن جا مقابلا ڪرايا ويا. جنهن پوزيشن ڪندڙ ٻارڙن ۾ شيلڊس اعزازي سرٽيفڪيٽس ۽ ڪيش انعام ڀڃ تقسيم ڪيا ويا.تقريب ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي هيڊماسترن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ هيڊماستر عبدالحق زرداري، ميڊم نرگس، سجاد احمد خاصخيلي، وليد رضا خانزادا، باقر حسين زرداري، غلام مصطفیٰ زرداري، امجد مگسي رفيق احمد سيال استاد غلام سرور مگسي، منصور احمد سيال ۽ ظهير حسين ڏاهري سميت ڪيترائي تعليمي اڳواڻ استاد شامل هئا.ان موقعي تي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي سٽي سرهاڙي جي صدر ڪاشف خان مگسي چيو تہ اهڙيون تعليمي ايڪٽيويٽيز شاگردن جي ذهني صلاحيتن ۾ اضافو ڪنديون آهن ۽ انهن ۾ اعتماد سان تعليم حاصل ڪرڻ جو جذبو بہ وڌي ٿو هن چيو تہ اڄ جو پروگرام سرهاري شهر ۾ پهريون قدم آهي. انشاالله جلد اهڙا وڌيڪ پروگرام بہ منعقد ڪيا ويندا. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي تہ اسان جي سرهاري شهر جا ٻارڙا ڪنهن کان بہ گهٽ ناهن اڄ مون ٻارڙن ۾ جيڪو جذبو جوش ۽ اعتماد ڏٺو خاص ڪري جڏهن هو اسٽيج تي مقابلو ڪري رهيا هئا تہ دل خوش ٿي وئي اهي ٻار اسان جي شهر جو روشن مستقبل آهن.آهو سڄي ڪريڊٽ اسڪولن جي محنتي استادن ڏانهن وڃي ٿو.هن وڌيڪ چيو تہ شهر ۾ هڪ معياري لائبريري جي اشد ضرورت آهي

شاعر آزاد انصاريءَ جي شعري مجموعي 'خواب هجن آزاد' جي مهورتي تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) آزاد انصاري اهو نوجوان شاعر آهي، جنهن مختصر وزن بحر واري شاعريءَ سان نڀايو آهي آزاد انصاريءَ مسلسل لکيو آهي، جنهن جو ثبوت سندس هي شاعريءَ جو ڪتاب 'خواب هجن آزاد' آهي اهڙن خيالن جو اظهار ناليواري شاعر اياز گل ٿئين ٿهيءَ جي نوجوان شاعر آزاد انصاريءَ جي پهرين شعري مجموعي 'خواب هجن آزاد' جي مهورتي تقريب کي صدارتي خطاب دوران سنڌ چلڊرينس اڪيڊميءَ ۾ ڪيو. سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپور پاران پوينٽ پبلشنگ هائوس خيرپور جي سهڪار سان منعقد ڪيل مهورتي تقريب ۾ اياز گل اهو بہ چيو تہ، ڪتاب جو نالو ڀڃ منفرد آهي جيڪو شاعر جي شخصيت ۽ شاعريءَ کي نهڪي ٿو هي اهو نوجوان شاعر آهي، جنهن مسلسل لکيو آهي مهمان خاص ناليواري ڪهاڻيڪار ڊرامہ ليکڪ ۽ آرٽس ڪائونسل سکر جي صدر ممتاز بخاريءَ چيو تہ آزاد شاعريءَ سان عشق ڪندو آهي مهمان خاص تعليمي ماهر ۽ سفرنامہ ليکڪ قربان منگيءَ چيو تہ آزاد انصاريءَ ننڍي رهيءَ جو وڏو شاعر آهي جنهن جو ڪتاب مون خوشيءَ سان ڇاپيو هي ڪل وقتي شاعر آهي مهمان خاص مشهور شاعر ريڊيو کي ريءَ جي ڪميئر امر اقبال ڪتاب جو مهاڳ پڙهندي چيو تہ آزاد انصاريءَ وٽ غالبن بہ موضوع گهڻا آهن هڪ عورت سان بيو عشق هُن ٻنهي وفا ڪئي آهي مهمان خاص مشهور شاعر سجاد مهر چيو تہ آزاد انصاريءَ وٽ شاعريءَ جي جام دولت آهي جنهن جو هو ڪثيرو ڪاڻي رهيو آهي مشهور شاعر ۽ نثرنويس زبير سومرو چيو تہ، اڄ پهريون دفعو آهي جو مهورتي تقريب ۾ آزاد جي خوبصورت شاعري هڪ ئي هنڌ ٻڌي آهي صاحب ڪتاب آزاد انصاريءَ چيو تہ دوستن جي محبتن مونکي ڪتاب ڇپرائڻ تي مجبور ڪيو مان اڄ جيڪو ڪجهہ آهيان دوستن جي ڪري ئي آهيان ۽ شاعريءَ منهنجي جيئڻ جو سبب آهي مان پنهنجي خاندان جو پهريون شاعر آهيان

سکر ۾ پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي عوامي ريلي ڪڍي وئي

جيالن، عورتن، نوجوانن ۽ بزرگن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري شهيد قائدين سان پنهنجي لازوال وابستگي جو اظهار ڪيو

ريلي ۾ سوين گاڏين،موٽر سائيڪلن ۽ ڪارڪنن جا جلوس شامل هئا،هزارين ڪارڪنن شهر کي سرخ،سائو ۽ ڪارو جي رنگن سان رنگي ڇڏيو

پيپلز پارٽي جدوجهد، قربانين ۽ عوامي سياست جو نالو آهي،هي ڏينهن اسان کي شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي عظمت ۽ قربانين جي ياد ڏياري ٿو:اسلم ميمڻ

سکر(بيورو رپورٽ)پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي پيپلز پارٽي سٽي روهڙي پاران هڪ تاريخي شاندار ۽ عوامي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ هزارين ڪارڪنن جيالن عورتن نوجوانن ۽ بزرگن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري شهيد قائدين سان پنهنجي لازوال وابستگي جو اظهار ڪيو ريلي شهر ۾ جشن تاسيس جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو.ريلي جو آغاز ٽانگهه اسٽينڊ روهڙي کان ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي سٽي صدر محمد اسلم ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالخالق سولنگي ڪئي. ريلي ۾ سوين گاڏين موٽر سائيڪلن ۽ ڪارڪنن جا جلوس شامل هئا، جڏهن تہ هزارين ڪارڪنن شهر کي سرخ سائو ۽ ڪارو پيپلز پارٽي جي رنگن سان رنگين ڪري ڇڏيو.شرڪت ڪندڙن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو، بلاول ڀٽو زرداري، آصف علي زرداري ۽ آصفہ ڀٽو زرداري جون تصويرون ۽ پارٽي جهنڊا هٿن ۾ کنيل هئا. شاهي بازار، شهزاده چوڪ، ڪربلا ميدان، جي ٽي روڊ، ٻيري چوڪ ۽ ڪنڌرا ناڪي تي ريلي جو شاندار استقبال ڪيو ويو رستي ۾ ڪارڪنن تي گلن جي ورکا ڪئي وئي، جڏهن تہ پارٽي ترانا ۽ جيالن جا ڀنگڙا ماحول کي وڌيڪ پرجوش بڻائيندا رهيا.روهڙي پريس ڪلب پهچڻ تي ريلي گونجدار نعرا هڻندي اڳتي وڌي. هن موقعي تي خطاب ڪندي سٽي صدر محمد اسلم ميمڻ چيو تہ پيپلز پارٽي 58 سالن جي مسلسل جدوجهد، قربانين ۽ عوامي سياست جو نالو آهي. هي ڏينهن اسان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي عظمت ۽ قربانين جي ياد ڏياري ٿو.جنرل سيڪريٽري عبدالخالق سولنگي پنهنجي تفصيلي خطاب ۾ يوم تاسيس جي اهميت ۽ پارٽي جي تاريخ جو جامع ذڪر ڪندي چيو تہ 30 نومبر 1967ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام، مزدورن، هارين نوجوانن ۽ پسيل طبقي کي سياسي طاقت ڏني. پيپلز پارٽي ڪنهن فرد جو نہ پر هڪ نظريي، عوامي جدوجهد ۽ هميشہ جي قربانين جو نالو آهي.هن وڌيڪ چيو تہ شهيد ڀٽو پاڪستان کي 1973ع جو آئين ڏنو دفاعي ۽ سفارتي لحاظ کان ملڪ کي مضبوط بڻايو ۽ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو. شهيد بينظير ڀٽو جمهوريت لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري تاريخ لکي. جڏهن تہ هن عورتن، نوجوانن ۽ محروم طبقي جي آواز بڻجي ملڪ ۾ نئون سياسي دور شروع ڪيو.عبدالخالق سولنگي موجوده قيادت بابت چيو تہ آصف علي زرداري مفاهمت جي سياست ذريعي ملڪ کي انتشار مان ڪڍيو ۽ پارليامينٽ کي آئيني اختيار واپس ڪيا. بلاول ڀٽو زرداري نئين نسل جي اميد، جديد سياست جي علامت ۽ نوجوانن جي سڃاڻپ آهن. جڏهن تہ آصفہ ڀٽو زرداري سماجي انصاف ۽ انساني حقن جو نئون روپ آهي هن وڌيڪ چيو تہ 58 هين يوم تاسيس جو پيغام آهي تہ شهيد ڀٽو جو مشن زنده آهي شهيد بينظير جو خواب زنده آهي ۽ هر جيالو ان نظريي جو سپاهي آهي."جيستائين هڪ جيالو زنده آهي، پيپلز پارٽي جي شمع ڪڏهن بہ نہ وجهندي"ريلي جي پڄاڻيءَ تي سڀئي شرڪت ڪندڙ ضلعي قيادت جي زير اهتمام مرڪزي يوم تاسيس تقريب ۾ شامل ٿيا، جيڪا روهڙي ۾ سکر بئراج پرسان هڪ نجي ميريج هال ۾ منعقد ڪئي وئي. هال پارٽي رنگن، ترانن نعرا ۽ روشنيءَ سان سجو ڏينهن جشن جو منظر پيش ڪندو رهيو.مرڪزي تقريب جي خاص ڳالهہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويڊيو لنڪ خطاب هو جنهن ۾ هن چيو تہ پيپلز پارٽي 58 سالن ۾ عوامي خدمت، جمهوريت، وفاقي استحڪام ۽ انساني حقن لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي آهي. شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير جون قربانيون پاڪستان جي تاريخ جو روشن باب آهن. هن چيو تہ جيالن جو جذبو ثابت ڪري ٿو تہ پيپلز پارٽي اڄ بہ ملڪ جي سڀ کان طاقتور عوامي جماعت آهي.تقريب جي پڄاڻيءَ تي هزارين ڪارڪنن پارٽي قيادت سان تجديدِ عهد ڪيو تہ هو ڀٽو ازم، جمهوريت، عوامي حقن ۽ خدمت جي مشن تي هميشہ قائم رهندا. روهڙي ۽ سکر ۾ يوم تاسيس جون هي تقريبون پنهنجي مثال پاڻ ثابت ٿيون

سجاول ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو 58 هون يوم تاسيس ملهايو ويو

سوين پارٽي ڪارڪنن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب ٻڌو

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي،هير سوهو،ريحانہ لغاري موجود هئا

سجاول (ڊ ر)سجاول ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو 58 هون يوم تاسيس ملهايو ويو مک تقريب انڊس هال سجاول ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پ پ ضلع سجاول جي صدر صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي خان ملڪاڻي ترجمان سنڌ حڪومت ايم پي اي هير سوهو سابق ڊپٽي اسپيڪر ايم پي اي ريحانہ لغاري پ پ عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ سابق ايم اين اي ارباب وزير ميمڻ رئيس اقبال چانڊيو پاءِ عبدالستار لوهار ضلع ڪائونسل چيئرمين دانش ملڪاڻي تعلقہ سجاول صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ انفرميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو عبدالله خان لغاري ضلع وائيس چيئرمين رميز زئور ارباب رميزالدين ميمڻ زاهد ڪڏو نجيب سرويچ شهمير گبول شفقت شاه متياري محبت مصطفیٰ لغاري شفيع محمد لغاري سميت سوين پارٽي ڪارڪنن پنهنجي محبوب اڳواڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب ٻڌو

احتجاج
پڳهارون ڏيو
احتجاج
تعليم کاتي مطالبو آهي تہ منهنجي بند
باڊهہ: پرائمري استاد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ هندو برادري پاران هندستان جي دفاع واري وزير خلاف ريلي

ڀارت جي دفاع وزير جي غير اخلاقي بيان جي مذمت ڪيون ٿا: هيرا نند مکي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ هندو برادري پاران هندستان جي دفاع واري وزير جي غير ذميوارانا ۽ غلط بياني ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي هيرا نند مکي، هريش ڪمار گرمک مل مکي، هري مل شنڪر لال سنيل ڪمار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ڀارت جي دفاع وزير جي غير اخلاقي ۽ غلط بيان ڏيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيو تہ سنڌ پاڪستان ۾ اهي ۽ هميشہ رهندي هندستان جي دفاع وزير جي اهڙي بيان تي اسان جي دل آزاري ٿي آهي پاڪستان ۾ هندو برادري کي پنهنجا مڪمل حق ملي رهيا آهن ۽ اسان هتي خوش آهيون پاڪستان جو دشمن اسان جو بہ دشمن آهي هنن چيو تہ پاڪستان هي هندو برادري هميشہ پاڪ فوج سان گڏ آهي ۽ رهندي ۽ اسان کي پاڪستان جي پاڪ فوج تي فخر آهي.

اخباري دنيا ۾ سول ايجنٽ طور سڃاڻپ رکندڙ ظفر بخاري وفات ڪري ويو

90سالن جي ڄمار ۾ موت سان جنگ ڪندي خالق حقيقي سان وڃي مليو

پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ارشاد ظفر بخاري جو والد ڪافي عرصو عليل هو

ماضي ۾ سندن ادب شاعري سياسي سماجي سرگرمين ۾ اهم ڪردار رهيو

ظفر بخاري شهري ايڪشن ڪميٽي ۽ المشرق آرٽ اڪيڊمي باني ميمبر هو

شهدادپور(ن ع)سموري حياتي صحافت شاعر ادب ۽ اخباري دنيا ۾ سول ايجنٽ طور سڃاڻپ رکندڙ محمد ظفر بخاري 90 سالن جي ڄمار ۾ موت سان جنگ ڪندي آخر پنهنجي خالق حقيقي سان وڃي مليو.شهدادپور پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ارشاد ظفر بخاري جو والد ڪافي عرصو عليل هو ظفر بخاري ۾ محفل مشاعرن جي سونهن سڃاڻپ سمجهيو ويندو هو ماضي ۾ سندن ادب شاعري سياسي سماجي سرگرمين ۾ اهم ڪردار رهيو آهي پاڻ شهري ايڪشن ڪميٽي باني ميمبر ۽ المشرق آرٽ اڪيڊمي باني ميمبر هو جڏهن تہ ضلع سانگهڙ سميت ٻين ضلعن ۾ اخبارن جي ايجنٽ ۽ سول ايجنٽ طور سڃاتو ويندو هو سندس وڇوڙي تي سياسي سماجي ڌريون سوڳوار نظر آيو ڪيس ٽانگي شاهہ قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو سندس ٽڏو هرداس پوره علائقي ۾ رکيو ويو آهي

باڊهہ ۾ 12 سالن کان بند پيل آءِ ڊي ۽ پڳهارن جي بحالي لاءِ پرائمري استاد پاران احتجاجي مظاهرو

باڊهہ (ن ع)باڊهہ جي ذڪريا ڪالوني جي رهواسي پرائمري استاد اعجاز موريو پاران گذريل 12 سالن کان بند پيل آءِ ڊي ۽ پڳهارن جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ واري سلسلي کي برقرار رکندي هر هفتي بہ ٽائون ڪاميٽي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ استاد اعجاز موريو جي پٽ افسر موريو سميت شهرين شرڪت ڪري "استاد اعجاز موريو جون پڳهارون بحال ڪيو" جا نعرا هنيا ان موقعي تي ڳالهائيندي اعجاز موريو چيو تہ سنڌ جي تعليم کاتي مون سان ناانصافي ڪئي آهي گذريل 12 سالن کان منهنجي سؤ سيڪڙو حاضري باوجود بہ بلاجواز منهنجي آءِ ڊي بند ڪري پڳهارون بند ڪيون ويون آهن

ايچ يو جي بدين جي ساليانی چونڊن ۾ سينئر صحافي عطا چانڊيو صدر چونڊيو ويو

بدين (ڊ ر)ايچ يو جي بدين جي ساليانی چونڊن ۾ سينئر صحافي عطا چانڊيو صدر چونڊيو ويو هارون گوپانگ جنرل سيڪريٽري ۽ ٻيا عهديدار بنا مقابلي چونڊيا ويا حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ضلعي بدين جي ساليانو چونڊن چيئرمين اليڪشن ڪميٽي الطاف شاد ميمڻ ميمبرن علي محمد شاهاڻي ۽ منور جمالي جي نگراني ۾ منعقد ٿيون اليڪشن ڪميٽي پاران جاري ڪيل اعلان موجب چونڊ شيڊول موجب مختلف عهدن جي چونڊن لاءِ صحافين پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا. آخري ڏينهن اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ سبب سينئر صحافي عطا چانڊيو صدر جنرل سيڪريٽري، نائب صدر ناصر علي قاضي ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي محمد صديق ڦيهو اسحاق شيخ شهزاد علي ميمڻ اعجاز منگل ظفر حسين خواجہ فرحان ميمڻ باغ علي جوڻيجو ۽ عيدن زنده پور کي بنا مقابلي چونڊجي ويا آهن

شهدادپور: اخباري دنيا جو سول ايجنٽ ظفر بخاري جي حياتي جي تصوير

مٽياري: پ پ پاران جلسي ۾ مخدوم فخر الزمان ويٺل آهي

پيپلزپارٽي ضلع مٽياري پاران پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جو جلسو

ايم پي اي مخدوم فخرالزمان،ضلعي صدر امير شاهہ هاشمي شريڪ هئا

چيئرمين جي خطاب دوران ڪارڪنن جو جوش و خروش ڏسڻ وٽان هو

مٽياري (ڊ ر)پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع مٽياري پاران پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جو جلسو علي بابا هال مٽياري ۾ ٿيو جلسي ۾ ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرالزمان . ضلعي صدر پير امير شاهہ هاشمي . جنرل سيڪريٽري سيد فضيل حبيب شاهہ . ليڊيز ونگ ضلعي صدر شازيہ عطا چانڊيو. تعلقہ ميونسپل ڪميٽي هالا جو چيئرمين زوار گل محمد پنهور. مخدوم عمار حيدر. پي پي تعلقہ هالا صدر مير مسرت جعفري . نيو سعيد آباد صدر رئيس غني ميمڻ . سيد خاور شاهہ . رئيس سرفراز راهو . حاجي قمر ميمڻ . عزت علي برهماڻي . حاجي پرويز ميمڻ . جنيد صالح جکريجو . محمد بچل جکريجو . رابعا ملاح سميت هزارين ڪارڪن شريڪ هئا جلسي ۾ پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو لائيو خطاب ڏيکاريو ويو چيئرمين جي خطاب دوران ڪارڪنن جو جوش و خروش ڏسڻ وٽان هو

شهيد ڀٽو جو نعرو روٽي،ڪپڙو ۽ مڪان پيپلز پارٽي جو منشور آهي:زاهد شاهہ

بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ روٽي ڪپڙو گهر جي فراهمي جو سلسلو جاري آهي

هي ڏينهن پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي

سکر (بيورو رپورٽ)سکر هائوس پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد زاهد شاهہ بخاري پنهنجي يوم تاسيس جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي) جو يوم تاسيس هر سال 30 نومبر تي ملهايو ويندو آهي ان ڏينهن تي 1967ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو لاهور ۾ پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو هو ۽ هن ملڪ جي ماڻهن کي سندن بنيادي حق ڏيڻ جي لاءِ جدوجهد شروع ڪئي پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو نعرو روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان جيڪو پيپلز پارٽي جو منشور آهي ان نعري تحت پيپلز پارٽي جي قيادت عمل ڪيو جڏهن تہ موجوده پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ روٽي ڪپڙو گهر جي فراهمي جو سلسلو جاري آهي سيد زاهد شاهہ بخاري چيو تہ قيام ڏينهن جو مقصد پارٽي جي تاريخي پس منظر جدوجهد، نظريات ۽ جمهوريت لاءِ قربانين کي ياد ڪرڻ ۽ شهيدن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي سيد زاهد شاهہ بخاري وڌيڪ چيو تہ هي ڏينهن پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي پيپلز پارٽي ملڪ ۾ جمهوري جدوجهد، آئين جي بحالي، پارلياماني نظام جي استحڪام ۽ مختلف سماجي ۽ معاشي سڌارن ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي قيام جو ڏينهن انهن سڀني جدوجهدن جو علامتي ڏينهن سمجهيو ويندو آهي سيد زاهد شاهہ بخاري چيو تہ شهيد عوام ذوالفقار علي ڀٽو آهي مادر جمهوريت محترمہ بيگم نصرت ڀٽو شهيد وطن محترمہ بينظير ڀٽو سميت مردحر صدر پاڪستان آصف علي زرداري پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري . پ پ ليڊيز ونگ مرڪزي صدر محترمہ فريال ٽالپور،خاتون اول بي بي آصفا ڀٽو زرداري، اسلام دين شيخ سيد خورشيد احمد شاهہ سيد ناصر حسين شاهہ سيد اويس قادرشاهہ،نعمان اسلام شيخ ۽ ٻين کي يوم تاسيس ڏينهن تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

اقليتي فورم حيدرآباد طرفان"آئين جا تحفظات ۽ برابري جا شهري" ميڙاڪو

پيپلز پارٽي آئين جي آرٽيڪل 41 ۽ 91 ۾ نظرثاني جو واعدو ڪيو هو:ناصر وليم

اڄ سيمينار جي ذريعي ان آرٽيڪلز تي عملدرآمد لاءِ مطالبو ڪريون ٿا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)اقليتي فورم پاڪستان حيدرآباد چيپٽر جي طرفان حيدرآباد ڪلب ۾ "آئين جا تحفظات ۽ برابري جا شهري" جي عنوان هيٺ ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. اقليتي فورم پاڪستان جي ڪنوينئر ناصر وليم چيو تہ اقليتي فورم پاڪستان اقليتي تحفظ ۽ جي ڳالهہ ڪئي ۽ چيائين اسان پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 41 ۽ آرٽيڪل 91 جنهن ۾ پابند ڪيل آهي وزيراعظم ۽ صدر جي عهدي لاءِ صرف مسلم اهل آهن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي موجوده اليڪشن منشور ۾ واعدو ڪيو آهي تہ ان تي نظرثاني ڪنداسين،اڄ سيمينار جي ذريعي ان تي عملدرآمد لاءِ مطالبو ڪريون ٿا ايم ڪيو ايم اڳواڻ ايم پي اي راشد خان ، چيو تہ اسان اقليتي جي حقوق جي هميشہ ڳالهہ ڪئي ان جو مثال 11 آگسٽ اقليتي ڏهاڙي تي ايم پي اي نويد انٿوني ريزوليوشن پيش ڪيو اسان جو گڏيل فيصلو هو پاڪستان پيپلز پارٽي وومين صدر اڳواڻ صنم عباس ٽالپر چيو تہ سنڌ جي اندر جبري تبديل مذهب جي مذمت ڪيان ٿي ۽ اعلي قيادت سان ملاقاتون ڪري قانون سازي لاءِ مطالبو رکنديس سوسائٽي، هيومن رائيٽس ڪميشن پاڪستان ريجل ڪوآرڊينيٽر غفران آرائين چيو تہ اسانجي ڪميشن آفيس ۾ شڪايت ڊيسڪ موجود آهي ڪنهن بہ وقت شڪايت درج ڪرائي وڃي اسان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪنداسين ، اقليتي فورم پاڪستان حيدرآباد جي اڄ جي ڪاوش ساراهہ جوڳي آهي سيمينار ۾ سينٽر سول سوسائٽي اڳواڻ شهناز شيدي، ڊي ايس پي رئوف سوني، ڊپٽي رجسٽرار هاءِ ڪورٽ شيام لال، اقليتي فورم حيدرآباد صدر نڪيش راٺوڙ ، اقليتي فورم سنڌ جي صدر سنيل شتروگهن ، اقليتي اڳواڻ ايمان مولاڻي ،ضلع ڪائونسل ميمبر راڻا وڪيلن سياسي سماجي اڳواڻن جي ڪافي ماڻهن پاران شرڪت ڪئي

حيدرآباد: اقليتي فورم طرفان ڪوٺايل ميڙاڪي کي مقرر خطاب ڪندي

حاجي عبدالرزاق ميمڻ جي ياد ۾ ملهہ ملاکڙي جو مقابلو

سٽي پريس ڪلب جي ميزباني هيٺ ٻہ ڏينهن جو پروگرام رکيو ويو

صحافين،وڪيلن،شاگردن،اديب،بزرگن آس پاس جي شهرين شرڪت ڪئي

مٽياري (ڊ ر)مٽياري ۾ ثقافتي هفتي جي حوالي سان سٽي پريس ڪلب جي ميزباني هيٺ ۽ مٽياري جي سياسي سماجي اڳواڻ سنڌ ميمڻ اتحاد جي باني حاجي عبدالرزاق ميمڻ جي ياد ۾ ان کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ثقافت پراڻي راند ملهہ ملاکڙي جو مقابلو جو ٻہ ڏينهن پروگرام رکيو ويو جنهن ۾، ضلعي مٽياري سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترن ملهہ پهلوانن شرڪت ڪئي، ملاکڙي جا خاص مهمان پيپلز پارٽيءَ جا اڳواڻ هالا ميونسپل جو چيئرمين زوار گل پنهور، حاجي شهزاد ميمڻ منظور ميمڻ عبدالشڪور ميمڻ سردار جکنو ميمڻ عبدالقادر چينو ميمڻ پير علي شير سرهندي ،وڏيرو جواد ميمڻ ۽ صحافين وڪيلن ، شاگردن اديب، بزرگن هزارين شهرين آس پاس جي ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ماڻهن پاران ملهہ پهلوانن کي نقد انعامن سان ڀڃ نوازيو ويو

خيرپور جي سنڌ چلڊرين اڪيڊمي اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب

سنڌ جي ثقافت تهذيب، روايتن،مزاج ۽ سهپ جي علامت آهي:قربان منگي

ايندڙ نسلن کي پنهنجي سڃاڻپ سان وابستہ رکڻ ئي اصل وڏو ڪم آهي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي سنڌ چلڊرين اڪيڊمي اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ سفر نامہ نگار قربان منگي، سينيئر صحافي خان محمد خان، ساگر صفي الله شر عبدالمجيد پنهيرو امر اقبال مير صوبدار سعيد، ميڊم سلما راجپوت، تاج سروهي، راحيل منگي، فهيم منگي، خاوند ڏنو لاڙڪ حبدار جاگيراڻي، عرفان منگي آصف نظاماڻي جان محمد تاريجو اسدالله تاريجو عابد بلوچ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي ثقافت تهذيب، روايتن ۽ نرالي سڃاڻپ اسان جي سچائي پيلاري مزاج ۽ سهپ جي علامت آهي هنن چيو تہ ثقافتي ڏهاڙا رکڻ ۽ ڏڪڻ جو ڏينهن ناهي پر پنهنجي وجود، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ورثي کي زنده رکڻ جو ڏينهن آهي سنڌي معاشري جو حسن اهو آهي تہ هتي محبت، امن سهپ ۽ ڀائيچارو هر دل ۾ ڌڙڪندو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ ٻارن ۾ ثقافتي شعور اجاگر ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي، چو تہ ايندڙ نسلن کي پنهنجي سڃاڻپ سان وابستہ رکڻ ئي اصل وڏو ڪم آهي هنن سنڌ چلڊرين اڪيڊمي اسڪول جي انتظاميا کي ساراهيو جنهن اهڙو وڏو ۽ سهڻو پروگرام منعقد ڪيس جنهن سان نہ رڳو ٻارن جو حوصلو وڌو پر سندن اندر سنڌ سان محبت جو جذبو بہ وڌيڪ مضبوط ٿيو اڳواڻن والدين ۽ استادن کي اپيل ڪندي چيو تہ پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ٻولي لوڪ ادب، روايتن قومي ورثي ۽ تاريخ کان واقف ڪرايو چوتہ ثقافت قومن کي زنده رکندي آهي سنڌ جي ثقافت اسان جي شان آهي ۽ اسان سڀني کي گڏجي ان جي حفاظت ڪرڻي آهي

حيدرآباد پريس ڪلب ۾ وزيراعظم الله بخش سومرو جي موضوع هيٺ ويهڪ

شهيد الله بخش سومرو خان غفار خان جي پايي جو اڳواڻ هو: ڊاڪٽر اشفاق احمد

هو هڪ عظيم سياسي اڳواڻ هو جنهن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي

الله بخش سومري تقريرن ۾ برصغير ۾ هندو مسلم اتحاد جي ڳالهہ ڪئي هئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد روشن خيال فورم جي ميزباني هيٺ ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ جو وزيراعظم الله بخش سومرو جي موضوع هيٺ ٿيل فڪري ويهڪ ۾ ڳالهائيندي ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر اشفاق احمد چيو آهي تہ شهيد الله بخش سومرو خان غفار خان جي پايي جو اڳواڻ هو هن جي تقريرن سان لڳي رهيو آهي تہ عبدالڪلام آزاد جيان هن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو نہ پئي چاهيو ، هو هڪ عظيم سياسي اڳواڻ هو جنهن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو تہ ورهايو ۽ حڪومت ڪيو ذريعي انگريزن هندستان مٿان وڌيڪ سو سال حڪومت ڪرڻ پئي گهري هن چيو تہ برطانيا جي دور حڪومت ۾ هندستان ۾ ڪميونسٽن کي ڪچليو ويو ۽ انگريز مخالف ڀڳت سنگهہ کي ڦاهي چاڙهيو ويو صوفي ازم جي جاءِ تي هٽ سان پيري مريدي کي هٿي ڏني وئي.هن چيو تہ جڏهن انگريزن جو سوين سالن ٽائين حڪمراني جو خواب پورو نہ ٿيو تہ هندستان جو ورهاڱو ڪيو ويو ، ان وقت جي عالمي حالتن ۾ آمريڪا ان وقت هندستان جي ورهاڱي جي حق ۾ نہ هو ، چائنا ۾ ڪميونسٽن جي وڌندڙ اثر کي گهٽائڻ لاءِ آمريڪا گڏيل هندستان جي حق ۾ هو،هن چيو تہ ٻي عالمگير جنگ جا هندستان تي بہ اثر پيا جنهن جا عڪس اڄ جي حالتن تي بہ پئجي رهيا آهن هن چيو تہ الله بخش سومري پنهنجن تقريرن ۾ برصغير ۾ هندو مسلم اتحاد جي ڳالهہ ڪئي هئي ورهاڱي واري صورتحال کان پوءِ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي تہ هو جيئرو هجي ها تہ 47 ۾ سنڌ جي عليحدگي جي ڳالهہ ڪري ها يا نہ هن چيو تہ انگريزن وٽ هڪ نہ هڪ کان وڌيڪ منصوبا هئا هو اي ، بي سي منصوبي تي ڪم ڪري رهيا هئا هن چيو تہ ورهاڱي وقت هٽ سان تشدد کي هٿي ڏني وئي ۽ ڌرتي رت سان رڱجي وئي شهادتون ملن ٿيون تہ مسلم ليگ بہ ان رت جي راند ۾ شامل هئي حرف جي اڳواڻ حميد سومري ۽ ناميارو صحافي لالا رحمان سمون آيل مهمانن جي آجيان ڪئي

باڊهہ تعلقہ موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارائڻ لاءِ332 هين هفتي بہ احتجاجي ريلي

هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهہ ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

اسان باڊهہ واسي سمجهون ٿا تہ باڊهہ جي ترقي ۽ خوشحالي باڊهہ کي تعلقي جو درجو ملڻ سان منسوب آهي: زيب علي سارين

اسان گذريل ستن سالن کان ٿڌي، ٿڌي، طوفان ۽ برساتن سميت ڪرورنا وبا جهڙن ڏينهن ۾ بہ سراپا احتجاج بڻيل رهياسين

تعلقي جو درجو نہ ملڻ اسان سان نسورو ظلم آهي،جيڪو برداشت نہ ڪيو ويندو،بنادير باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي

باڊهہ (ن ع)باڊهہ تعلقہ موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينئر زيب علي سارين جي اڳواڻيءَ ۾ 332 هين هفتي بہ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهہ ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ مختلف مڪتبہ فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، ڪامريڊ محمد علي خشڪ اصغر نوناري، غلام شبير حيدري، گل منير ڦليوٽو محمد امين سيال علي بخش سولنگي عامر چانڊيو لياقت ڪوکر وقار سنڌي، فقير جلال سارين ۽ ٻين شرڪت ڪري باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو تہ اسان باڊهہ واسي سمجهون ٿا تہ باڊهہ جي ترقي ۽ خوشحالي باڊهہ کي تعلقي جو درجو ملڻ سان منسوب آهي ان ڪري اسان گذريل ستن سالن کان ٿڌي، ٿڌي، طوفان ۽ برساتن سميت ڪرورنا وبا جهڙن ڏينهن ۾ بہ سراپا احتجاج بڻيل رهياسين پر سنڌ حڪومت اسان جي آواز کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو تہ باڊهہ کي تعلقي جو درجو ملڻ اسان شهرين جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي باڊهہ شهر 14 وارڊن تي مشتمل ڏيڍ لک آبادي رکندڙ شهر آهي، جيڪو پنهنجي چوڌاري تعلقي جو درجو مليل شهرن کان ڀڃ وڏو آهي جنهن کي تعلقي جو درجو نہ ملڻ اسان باڊهہ واسين سان نسورو ظلم آهي جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو هنن گهر ڪئي تہ بنادير باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏئي شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهہ تعلقو
آ حق اسان جو
باڊهہ تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڑہ تحصیل کا نوٹیفیکیشن جاری کرو
BADAH TALUKA MOVEMENT
باڊهہ: شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٽيون ڀيرو ايس ايس پي خيرپور مقرر

خيرپور(ڊ ر)آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي کي شهداد ڪوٽ بدلي ڪري ڊاڪٽر سميع الله سومرو کي خيرپور جو ايس ايس پي مقرر ڪيو آهي جيڪو هڪ تجربيڪار گريڊ 19 جو پوليس آفيسر آهي ۽ پوليس ۾ ايمانداري جي ڪري شهرت حاصل ڪئي آهي ڊاڪٽر سميع الله سومرو اڳ ۾ بہ ٻہ ڀيرا خيرپور جو ايس ايس پي مقرر ٿي چڪو آهي خيرپور جي عوام جي بيحد اسرار تي ڪيس ٽيون ڀيرو خيرپور جو ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر سميع الله سومرو خيرپور ۾ قبائلي دشمني ختم ڪرڻ ۽ خيرپور کي امن جو ضلعو بڻائڻ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪندو

سنڌي ماڻهن جي دل وٽان تخليق سندن حقن بابت ٿي سگهي ٿي: اقبال ڪوڪر

سارنگ جو مزاحمتي انداز ئي پنهنجو آهي، سارنگ امر جي نظم بابت ويچار

باڊهہ (ن ع)شاعري غريب ماروئڙن لاءِ ٿيڻ کپي اهڙن خيالن جو اظهار قلم ڌڻين سنڌي ادبي سنگت شاخ جي هفتيوار ڪچهريءَ ۾ ڪيو اقبال ڪوڪر جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪچهري ۾ خادم حسين ٻگهيو سارنگ امر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪلاڪارن چيو تہ عام سنڌي ماڻهن جي دل وٽان تخليق انهن جي حقن بابت ئي ٿي سگهي ٿي، اهڙي شاعري يا نثري ادب ماڻهن ۾ آخرڪار مقبول ٿيندو سارنگ امر جي نظم بابت ويچار ونڊيندي شاعرن چيو تہ باڊهہ مزاحمتي ادب جي لحاظ کان پاڻ ملهائي رهيو آهي هنن چيو تہ سارنگ جو مزاحمتي انداز ئي پنهنجو آهي ڪچهريءَ ۾ اقبال ڪوڪر پنهنجو غزل بنا تنقيد جي پيش ڪيو

فرض جي ادائيگي دوران جان قربان ڪندڙ پوليس ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي جي نماز جنازه ادا

پوليس ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي جي نماز جنازه پوليس لائن هيڊڪوارٽر سکر ۾ وڏي ادب، احترام ۽ سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي

نماز جنازه ۾ ڊي آءِ جي فيصل عبدالله چاچڙ، ايس ايس پي اظهر خان،ايس ايس پي سي ٽي ڊي،سميت آفيسرن، اهلڪارن، صحافين شرڪت ڪئي

جانيون قربان ڪندڙ پوليس آفيسر ۽ جوان اسان جو فخر آهن، شهيد ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي جي قرباني هرگز رائيگان نہ ويندي:فيصل عبدالله چاچڙ

سکر(بيورو رپورٽ)فرض جي ادائيگي دوران جان جي بازي هارائيندڙ پوليس ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي جي نماز جنازه پوليس لائن هيڊڪوارٽر سکر ۾ وڏي ادب، احترام ۽ سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي، جتي شهيد جي مغفرت، بلند درجات ۽ لواحقين جي صبر لاءِ اجتماعي دعا ڀڃ ڪئي وئي،نماز جنازه ۾ ڊي آءِ جي سکر رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ايس ايس پي سکر اظهر خان ايس ايس پي سي ٽي ڊي قدوس ڪلوڙ سميت وڏي تعداد ۾ پوليس آفيسرن اهلڪارن صحافين سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي ياد رهي تہ گذريل رات ٽاٽو روهڙي جي حدن ۾ نيوبارڊ ريلوي ڦاٽڪ پرسان ڌوهارين سان مقابلي دوران پوليس ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي گوليون لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو هو،سرڪاري اعزاز طور شهيد جي جسد خاڪي کي سکر پوليس جي چاڪچوبند دستي سلامي پيش ڪئي، جڏهن تہ لاش کي پاڪستان ۽ سنڌ پوليس جي جهنڊي ۾ ليپيٽو ويو.موقعي تي ڊي آءِ جي سکر رينج چيو تہ امن جي بحالي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ پوليس آفيسر ۽ جوان اسان جو فخر آهن شهيد ڪانسٽيبل جهانزيب جتوئي جي قرباني هرگز رائيگان نہ ويندي، مقابلي ۾ ملوث سڀئي ڌوهاري جلد انجام تائين پهچايا ويندا."ايس ايس پي سکر چيو تہ پوليس جا حوصلا بلند آهن ۽ ڌوهارين خلاف آپريشن آخري ڌوهاري جي گرفتاري تائين جاري رهندو،نماز جنازه کان پوءِ شهيد جو جسد خاڪي سندن آبائي ڳوٺ روانو ڪيو ويو جتي مڪمل سرڪاري اعزاز سان تدفين ڪئي ويندي

سکر: شهيد پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ايڊووڪيٽ شفقت شاهہ،حسيب جمالي کي ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني

سکر(بيورو رپورٽ)ممتاز سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد شفقت علي شاهہ ايڊووڪيٽ حسيب جمالي کي ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي.ترجمان سيد شفقت علي شاهہ طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ڪراچي بار جي ٻين نون چونڊيل عهديدارن سميت اعزازي سيڪريٽري محترمہ ايڊووڪيٽ فريده منگريو نائب صدر ايڊووڪيٽ طارق جکراڻي ايڊووڪيٽ رويمالا سنگهہ ايڊووڪيٽ حذيفہ ايڊووڪيٽ سيد نعمت الله شاهہ ۽ نون چونڊيل ميمبرن جي مئنيجمينٽ ڪميٽي کي بہ مبارڪباد ڏني .ايڊووڪيٽ سيد شفقت علي شاهہ اميد ظاهر ڪئي آهي تہ ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ سندس ڪاميابي وڪيلن جي ڀلائي ۾ مددگار ثابت ٿيندي

ٽنڊوآدم مان پيپلزپارٽي جي يوم تاسيس جلسي لاءِ قافلا سانگهڙ روانا

قافلن جي اڳواڻي ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ۽ ايم پي اي پارس ڏيرو ڪئي

پيپلزپارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ عوام گڏجي قائم ڪئي:صلاح الدين جوڻيجو

ٽنڊوآدم (ن ع)ٽنڊوآدم مان پيپلزپارٽي جي يوم تاسيس واري جلسي لاءِ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ايم پي اي پارس ڏيرو ۽ تعلقي صدر جاويد شورو جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن جا قافلا سانگهڙ روانا ٿيا رپورٽ موجب پاڪستان پيپلزپارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي سانگهڙ ضلعي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ شرڪت لاءِ ٽنڊوآدم مان سوين ڪارڪنن تي مشتمل قافلا روانا ٿيا. قافلن جي اڳواڻي ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ۽ ايم پي اي پارس ڏيرو ڪئي، جڏهن تہ ميزباني پيپلزپارٽي تعلقي ٽنڊوآدم جي صدر جاويد شورو طرفان ڪئي وئي. قافلن جي روانگي کان اڳ شورو هائوس ٽنڊوآدم تي ٺهيل ڪيمپ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي حقيقي عوامي پارٽي آهي، جيڪا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ عوام گڏجي قائم ڪئي. هن چيو تہ پارٽي جو 58هون يوم تاسيس پوري سنڌ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائجي رهيو آهي ۽ ٽنڊوآدم مان عوامي محبت جو اظهار قافلن جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.هن چيو تہ پيپلزپارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ ڏک ۾ بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبن جو ڄار وڇايو ويو آهي ڪيترائي ڪم مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ وڌيڪ منصوبا جاري آهن. پارٽي قيادت جي هدايت موجب هن ڀيري ضلعي سطح تي يوم تاسيس جا جلسا منظم نموني منعقد ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ پيپلز پارٽي کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو هئي جڏهن تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي 73 وارو آئين ڏنو. ان موقعي تي ايم پي اي پارس ڏيرو ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ جي عوام جي محبت پيپلزپارٽي لاءِ سرمايو آهي ۽ اڄ پوري سنڌ ۾ يومِ تاسيس وڏي شان سان ملهايو پيو وڃي. هن چيو تہ مرڪزي قيادت جي اعلان مطابق ضلعي سطح تي جلسن جو انعقاد پارٽي جي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. هن چيو تہ ڀٽو خاندان جون ملڪ لاءِ اڻ مٽ خدمتون آهن ان موقعي تي ميونسپل چيئرمين ٽنڊوآدم چاچا غلام مرتضیٰ جوڻيجو وائيس چيئرمين ملڪ ذوالفقار وقار ڏيرو وقار قادر جوڻيجو صمير قادر جوڻيجو مقبول نظاماڻي آچر ساند، وسيم گل ۽ ٻيا ڀڃ موجود هئا

ٽنڊو آدم: پ پ جي يوم تاسيس جي جلسي ۾ شرڪت لاءِ قافلا روانا ٿيندي

جادو پتافي ۾ استاد جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف ڀاءُ جو احتجاج

دادلغاري(ن ع)دادلغاري ويجهو ڳوٺ جادو پتافي ۾ 2 مهينا اڳ ناري ڪٽڻ جي معاملي تان پتافي برادري جي ماڻهن شمس پتافي ۽ عبدالرشيد پتافي جهيڙو ٿي پيو هو جهيڙي ۾ پتافي مهڻائي برادري جي ماڻهن عبدالرشيد ڪرم جاني دلاور پتافي ۽ ٻين جادو پتافي ۾ ريٽل استاد علي اصغر پتافي جي گهر مٿان چڙهائي ڪري سندس کي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جي قاتلن جي گرفتاري خلاف مقتول علي اصغر پتافي جو ڀاءُ لقمان پتافي دادلغاري پريس ڪلب پهچي قاتلن جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪندي چيو تہ عبدالرشيد پتافي جاني ڪرم پتافي ۽ ٻين منهنجي ننڍي ڀاءُ علي اصغر پتافي کي بنا ڏوهہ جي رات جي وقت گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري ويا اسان دادلغاري ٿاڻي تي ايف آر داخل ڪرائي آهي مگر ايس ايڇ او ذوالفقار مهر قاتلن کان ڳري رشوت وٺي انهن کي گرفتار نٿو ڪري اڄ چيو تہ قاتل مونکي مختلف نمبرن تان ڪال ڪري موت مار ڌمڪيون ڏين ٿا اڄ چيو تہ هالار پتافي ۽ سيد حسين شاهہ جيلاني جي اڳواڻي ۾ ميڙمنٽ آيو هو اسان انهن کان 15 ڏينهن جي مهلت ورتي هئي مگر تنهن باوجود قاتل ڌر جا ماڻهو مون ۽ منهنجي گهر ڀاتين مٿان ڪوڙيون ايف آرون مختلف ٿاڻن تي داخل ڪرائي ڇڏيون آهن

سيڌارجا بالا جي معزز شخصيت استاد خدا بخش پيرزادو وفات ڪري ويو

ٿري ميرواه(ن ع)ڳوٺ سيڌارجا بالا جي معزز شخصيت استاد خدا بخش پيرزادو 85 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو سندس جنازا نماز عيد گاهہ سيڌارجا بالا ۾ ادا ڪئي وئي جنازا نماز مولانا تقي محمد سومرو پڙهائي جنهن ۾ قاضي شفيق احمد پيرزادو سردار رياض حسين سهتو اڳوڻو يوسي چيئرمين سيڌارجا بالا رضا حسين سهتو ايڊووڪيٽ حبدار علي ڀٽو استاد نور محمد پيرزادو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيت المال خيرپور بلاول الدين پيرزادو ڊاڪٽر بشير احمد پيرزادو استاد نياز حسين لنڊ،صحافين سنئير صحافي باني پريس ڪلب سيڌارجا گلاب علي سهتو شاهد علي ڪبر اظهر سهتو سميت استادن علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم کي آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن تہ سندس پوٽيرن نديم احمد فهيم علي عدنان علي پيرزادو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

سکر: ملڪيت تي قبضي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيو آهي

حيدرآباد جي اقليتي برادري پاران ڀارتي گهرو وزير خلاف احتجاجي مظاهرو

ڀارتي زير پنهنجي ملڪ جون ناڪاميون لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي:ڊاڪٽر امرشي

پاڪستان ۾ هندو برادري سوڌو اقليتي برادريون مڪمل آزادي سان رهن ٿيون

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي اقليتي برادري پاران ڀارتي گهرو وزير جي چوڏيارڻندڙ بيان سنڌ ڀارت جو حصو آهي خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڊاڪٽرامرشي ٺاڪر،تيرٿ داس لوهاڻو،رميش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ان اڳوڻن چيو تہ ڀارتي گهرو زير پنهنجي ملڪ جون ناڪاميون لڪائڻ ۽ انهن تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.ڀارتي فوجي ناڪامين سبب ڀارت جي اندروني صورتحال انتهائي خراب آهي جڏهن تہ ڀارت ۾ اقليتي برادريون غيرمحفوظ آهن. ڀارت جي عوام جي پوزيشن انتهائي خراب آهي. هنن چيو تہ سنڌ پاڪستان جو حصو آهي جنهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هندستان کان احمد آباد ،راجستان،جيسلمير،حيدرآباد دکن،جهونا ڳڙهہ ۽ ٻيون رياستيون وٺي مڪمل ڪيو ويندو. هنن چيو تہ پاڪستان ۾ هندو برادري سوڌو اقليتي برادريون مڪمل آزادي سان رهن ٿيون ۽ خوشحال زندگي ڀڃ گذارين ٿيون. هنن چيو تہ ڀارتي گهرو وزير راج ناٿ جو بيان قابل مذمت آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي

ملڪيت تي مبينا غيرقانوني قبضي خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج

دادو چوڪ جي رهواسي امين الله مغل پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

وقاص ڪمبوه ۽ حفيظ الاهي گهر تي زبردستي قبضو ڪري رکيو آهي:امين الله

سکر (بيورو رپورٽ)سکر جي علائقي شڪارپور روڊ نزد دادو چوڪ جي رهواسي امين الله مغل ولد غلام فريد مغل بااثر ماڻهن پاران سندس ملڪيت تي مبينا غيرقانوني قبضي خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو.احتجاج دوران امين الله مغل صحافين کي ٻڌايو تہ بااثر شخص وقاص ڪمبوه ۽ حفيظ الاهي سندس گهر نمبر D-1345جي ايراضي (25 × 3 گز) تي زبردستي قبضو ڪري رکيو آهي هن ٻڌايو تہ هن قبضي خلاف ڏنل تحريري شڪايتن تي سٽي سروي ۽ مختيارڪار جي گڏيل رپورٽ ۾ بہ واضح طور لکيل آهي تہ قبضي ڪيل ايراضي غيرقانوني آهي.امين الله مغل موجب هن 5 نومبر تي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي جنهن کان پوءِ ملوث ماڻهو مبينا طور بلڊر مافيا سان ملي ڪري ڪيس هراسان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي هن الزام لڳايو تہ ڪيس مختلف ذريعن سان ڪيس واپس وٺڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي ۽ انڪار تي ڪيس سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي.متاثر شخص اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ انصاف فراهم ڪرڻ ۽ تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

پهرين ڊسمبر 2025ع

پاڪ- افغان لاڳاپن ۾ نئون تاءُ ۽ دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو

پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري جو تازو بيان نه رڳو هڪ سرڪاري پوزيشن جو اظهار آهي پر اهي خطي جي سلامتي، پاڙيسري لاڳاپن ۽ عالمي سفارتڪاريءَ سان لاڳاپيل ڪيترن سوالن کي به جنم ڏين ٿا. افغانستان ۾ دهشتگرد گروهن خاص طور تي ٽي ٽي پي جي موجودگي ۽ انهن کي ميسر سهولت ملڻ جو موضوع صرف پاڪستان لاءِ نه پر سڄي علائقي لاءِ مسلسل خطري جي صورت ۾ بيٺو آهي. افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پاڪستان اميد رکندو رهيو ته سرحدون محفوظ ٿينديون، دهشتگردي گهٽ ٿيندي ۽ ٻنهي ملڪن ۾ گڏيل مفاهمت وڌندي پر عملي صورتحال ابتڙ رخ وٺي رهي آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر واضح لفظن ۾ چيو آهي ته افغانستان اندر دهشتگردن جا مرڪز اڄ به موجود آهن ۽ انهن کي تحفظ پڻ حاصل آهي. جيڪڏهن طالبان قيادت اهو چوي ٿي ته ٽي ٽي پي جا ماڻهو مهاجر آهن، مهمان آهن ته پوءِ سوال اڀري ٿو ته جيڪڏهن اهي ماڻهو واقعي پاڪستان جا شهري آهن ته پوءِ ڪين پاڪستان حوالي ڇونه ڪيو وڃي؟ اهڙي عمل کان انڪار ڪنهن نه ڪنهن سطح تي بدگماني، بي اعتمادي ۽ مستقبل جي خطري کي وڌيڪ سنگين بڻائي ٿو. پاڪستان هر سطح تي طالبان حڪومت اڳيان ثبوت رکي چڪو آهي پر ردعمل اطمينان جوڳو نظر نٿو اچي، جنهن سبب خطي جي ماحول ۾ بي چيني ۽ شڪ جي فضا وڌي رهي آهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف جو چوڻ آهي ته آمريڪا جا ڇڏيل جديد هٿيار اڄ دهشتگردن جي هٿن ۾ آهن ۽ اهي هٿيار پاڪستان اندر ٿيندڙ حملن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. اهو نقطو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي، ڇو ته جڏهن هٿيار ٻاهر هجن ته نتيجو مستقل انارڪيءَ جي صورت ۾ نڪرندو آهي. هڪ طرف افغانستان ۾ القاعده، داعش ۽ ٻيون پابندي مڙهيل تنظيمون وري سِرُ کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن، ٻئي طرف طالبان حڪومت جي بي عملي يا لاپرواهي سموري علائقي کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي. پاڪستان جو مطالبو آهي ته هڪ قابل تصديق ميڪنزم تحت معاهدو ڪيو وڃي، جيئن ٻنهي طرفن جا الزام رڪارڊ تي آڻي ڪري قابل عمل حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. اهڙو ميڪنزم ئي ورهايل ذهنن کي ٻڌي هڪ گڏيل سلامتي نظام قائم ڪري سگهي ٿو.

پاڪ- افغان سرحد تي نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جو آزاديءَ سان گهمڻ ۽ انهن جو آپگهاتي حملن ۾ استعمال ٿيڻ هڪ وڌيڪ تشويشناڪ صورتحال آهي. جيڪڏهن ڪي پي ڪي اندر اهي گاڏيون هلي رهيون آهن ته پوءِ سوال اڀري ٿو ته انهن جي روڪٿام جو ذميوار ڪير آهي؟ رياستي سطح تي اها ذميواري واضح ڪرڻ، قانوني فريم ورڪ کي سخت ڪرڻ ۽ بارڊر مئنيجمينٽ کي مؤثر بڻائڻ بنا دهشتگرديءَ خلاف جنگ اڌوري رهندي. ٻئي پاسي ڀارت جو ڪردار پڻ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جو بيان آهي ته ڀارتي قيادت پاڻ کي خود فريبيءَ ۾ مبتلا ڪري بيٺل آهي. انڊين آرمي چيف جا اهي بيان جن ۾ پاڪستان خلاف تصوراتي فوجي ڪاميابين جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، خطي ۾ منافرت کي وڌائين ٿا ۽ آبادگارن ۾ خوف ۽ غير يقيني حالتون پيدا ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو ملڪ جنگ کي 'ٽريلر' يا 'هارر فلم' سان ڀيٽي ٿو ته اهو ڪنهن ذميوار قيادت جو طرزِ بيان ٿي نه ٿو سگهي. هن خطي ۾ هڪ چڻنگ به وڏو پيڙ ٻاري سگهي ٿي. تنهنڪري اهڙا لفظي حملا ڪنهن به طرح مفاد ۾ ناهن. اها پڻ حقيقت آهي ته سوشل ميڊيا هاڻي نين جنگين جو محاذ بڻجي چڪي آهي. پاڪستان خلاف هلندڙ پروپيگنڊا مهمون جيڪي پرڏيهي ملڪ مان آپريٽ ٿين ٿيون، رياستي سوچ، عوامي اعتماد ۽ نوجوانن جي نفسيات تي اثر وجهن ٿيون. هڪ تاثر مسلسل ڏاهيو وڃي ٿو ته ملڪ اندر هر ڪم غلط ٿي رهيو آهي، ادارا ڪمزوريءَ جو شڪار آهن ۽ رياستي موقف بي بنياد آهي. جيڪڏهن عوام پاڻ پنهنجي رياست جو بيانيو قبول ڪرڻ ڇڏي ته دشمن کي جنگ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي؟ خاموشيءَ سان ذهنن کي فتح ڪرڻ ئي سڀ کان وڏو هٿيار آهي ۽ اهو ڪم سوشل ميڊيا ذريعي جاري آهي. ان تناظر ۾ ضروري آهي ته پاڪستان پنهنجي سفارتي حڪمت عملي وڌيڪ فعال بڻائي. افغانستان سان ڳالهه ٻولهه جارحاڻي نه پر جامع ۽ حڪمت واري انداز ۾ جاري رهڻ گهرجي. بارڊر سيڪيورٽي، انٽيليجنس شيئرنگ، گڏيل فريم ورڪ ۽ اقتصادي اعتماد وڌائڻ ئي امن ڏانهن رستو هموار ڪري سگهن ٿا. ساڳي وقت پاڪستان کي اندروني استحڪام، تعليم، روزگار، مذهبي انتهاپسندي جي روڪٿام ۽ قومي اتحاد کي مضبوط بڻائڻو پوندو. هيءُ خطو امن، ترقي ۽ خوشحالي جو حق رکي ٿو، پر اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن دهشتگردي هڪ مستقل خطري بدران هڪ ختم ٿيندڙ تاريخ بڻائي وڃي.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪوڙين ڪايائُون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ؛
جِيءُ سيڪنهن جيءَ سين، ڏَرسن ڏارون ڏارَ؛
پِريَمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئِي ڪيئن چوان.
(سُر ڪلياڻ)

موسيقي ۽ آرٽ جا انساني احساسن تي اثر

مسعود احمد خاصخيلي

موسيقي ۽ آرٽ هر زماني ۾ انساني ذهن جي تخليق ۽ تنقيدي سوچ کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. انساني زندگي رڳو روزمره جي بنيادي ضرورتن تي نه پر دل ۾ پيدا ٿيندڙ انهن سڀني احساسن ۽ جذبن سان واسطو رکي ٿي، جن جو سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح سان زندگيءَ جي گاڏي سان تعلق جڙيل آهي. موسيقي ۽ آرٽ اهڙا وسيلا آهن جيڪي انسان جي دل کي سڪون، ذهن کي آرام ۽ زندگي کي خوبصورتي سان ڀرپور بڻائين ٿا ۽ لفظن جي سهاري سان انسان کي هڪ پرڪشش ۽ وڻندڙ احساس اڀارڻ ۾ مدد ڪندا آهن. جيئن هو زندگيءَ جي منجهيل فلسفي کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پسنديده شاعري ٻڌي ٿو يا ڪنهن تصوير يا مجسمي کي ڏسي ٿو ته دل ۾ خوشيءَ جا جذبا اڀرن ٿا ۽ ذهني دٻاءُ گهٽجي وڃي ٿو. موسيقي انسان جي اندر جي لڪل احساسن سان ڳنڍجڻ جو آسان ۽ مؤثر ذريعو آهي. ڏک، پريشاني يا مايوسيءَ جي وقت، هڪ سادو سُر دل کي هلڪو ڪري سگهي ٿو ۽ انساني جذبات کي ترتيب ۾ آڻي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو ڏک جي وقت موسيقي ٻڌڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ خوشيءَ ۾ به گانا سندن حوصلا ۽ توانائي وڌائين ٿا.

آرٽ پڻ ادب جي اها ئي صورت آهي، جيڪا اهڙو ئي اثر رکي ٿي. تصويرون، مجسما، ڊراما، شاعري ۽ رقص انساني احساسن کي ظاهر ڪن ٿا. جڏهن ڪو فنڪار پنهنجا جذبات ڪئنواس، اسٽيج يا ڪاغذ تي منتقل ڪري ٿو ته اهو صرف فن نه پر انساني دل جو آواز بڻجي وڃي ٿو. هڪ تصوير ڏسي ڪنهن جو درد محسوس ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن جي خوشي اسان تائين پهچي سگهي ٿي. فن انسان کي سکڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو ڏئي ٿو جيڪو لفظن سان بيان ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. اهو اسان جي سوچ کي وسيع ڪري ٿو، دل کي نرم بڻائي ٿو ۽ سماجي رويي ۾ مثبت تبديلي آڻي ٿو. ماهر نفسيات به اهو مڃين ٿا ته موسيقي ۽ آرٽ ذهني صحت لاءِ انتهائي ضروري آهن. اهي دٻاءُ گهٽائڻ، جذبات کي منظم ڪرڻ، يادداشت مضبوط ڪرڻ ۽ تخليقي صلاحيت وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. ننڍن ٻارن کان وٺي بزرگن تائين، موسيقي ۽ آرٽ هر عمر جي انسان جي زندگيءَ ۾ سڪون، اميد ۽ خوشيءَ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. سوشل ميڊيا، موبائل ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ جڏهن ماڻهو اڪثر دٻاءُ ۽ اڪيلائپ محسوس ڪن ٿا، تڏهن موسيقي ۽ آرٽ انهن کي پنهنجي اندروني دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏين ٿا. بدقسمتيءَ سان، اڪثر سماج ۾ موسيقي ۽ آرٽ کي رڳو تفريح يا غير ضروري سرگرمي سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته اهي انسان جي نفسياتي، جذباتي ۽ سماجي تربيت لاءِ لازمي آهن. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪتابي تعليم سان گڏ تخليقي فن کي به ترقي ڏيڻ گهرجي ته جيئن ٻارن ۽ نوجوانن ۾ جذباتي حساسيت، تخليق ۽ مثبت سوچ پيدا ٿئي. موسيقي ۽ آرٽ نه رڳو فرد جي ذهني صحت بهتر ڪن ٿا، پر سماج ۾ همدردي، رواداري ۽ امن جو به جذب پيدا ڪن ٿا.

آخر ۾ اهو چوڻ ضروري آهي ته موسيقي ۽ آرٽ انسان جي دل جو کاڌو آهن. جيئن جسم لاءِ کاڌو ضروري آهي، تيئن دل لاءِ موسيقي ۽ آرٽ ضروري آهن. اهي انسان کي سڪون، محبت ۽ امن سان ڀرپور زندگي گذارڻ سيکارين ٿا. جيڪڏهن اسان پنهنجي سماج ۽ نسل کي ذهني طور صحتمند ۽ تخليقي بڻائڻ چاهيون ٿا، ته موسيقي ۽ آرٽ کي زندگيءَ جو لازمي حصو بڻائڻو پوندو. فن اسان کي صرف خوش نه ٿو ڪري، پر اسان جي سوچ، احساسن ۽ روين کي بهتر بڻائي ٿو ۽ سماج کي وڌيڪ انسان دوست ۽ پُرامن بڻائي ٿو. موسيقي ۽ آرٽ ٻئي گڏجي دنيا جي ريتن رسمن جي مختلف رنگن کي اظهار ۾ آڻيندا آهن. جنهن سان هڪ تخليقي انداز ۾ ڪنهن به شي جو واضح نمونو تسلسل ۽ وضاحت برقرار رکي سگهجن ٿا.

رهبر اُهي ئي رهيا آهن...

راہبر وہ ہی رہیں راہ دکھائیں ہم لوگ
وہ تو مجبور ہیں یہ فرض نبھائیں ہم لوگ
جو ضروری ہے وہ ہم خود ہی مکمل کر لیں
بیٹھے بیٹھے یونہی باتیں نہ بنائیں ہم لوگ



محمود شام

وقت وڏي تيزيءَ سان پنهنجا رُخ ۽ حالتون بدلائي رهيو آهي. دنيا ۾ هر پاسي ڪا نه ڪا تياري هلي رهي آهي. هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ لڳل آهي. ڪوڙا ناهيندڙ چالاڪ حڪمت ناهيندڙ مسئلا حل ڪندڙ ۽ حڪمراني ڪندڙ سڀ مصروف آهن. آئين ۾ به تبديليون ٿي رهيون آهن ۽ اهڙين تبديلين لاءِ گهڻي محنت، مشوري ۽ رٿابندي ڪرڻي پوي ٿي ان لاءِ مسودا لکيا آهن. انهن مسودن جي هڪٻئي سان ڏي وٺ ٿيندي آهي. ڪي ماڻهو خواب آڻيندا آهن ته ڪي انهن خوابن جي تعبير لاءِ رستا ناهيندا آهن. ڪٿي ناحيات پاليسي ناهڻ جون ڳالهيون ٿين ٿيون ته ڪٿي 2030ع تائين جو مستقبل جو نقشو ناهيو پيو وڃي. اسان وٽ مثالن جي ڪا گهٽتائي ناهي. مصر کي ڏسو جيڪو هزارين سال پراڻو تهذيب وارو ملڪ آهي اتي جا ماڻهو فخر سان چون ٿا ته اسين اسلام اچڻ کان به اڳ خدا جي وحدانيت تي يقين رکندا هئاسين. ملائيشيا، برما، سعودي عرب، ترڪي، آذربائيجان، انهن سڀني ملڪن جون به پنهنجيون ڪهاڻيون، تبديليون ۽ تجربا آهن. اوهان به جيڪڏهن پڙهو ته هن فهرست ۾ پنهنجي چاهت موجب نوان ملڪ ۽ مثال شامل ڪري سگهو ٿا.

آچر جي ڏينهن ماڻهو پنهنجن پٽن، نياڻين، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن، ڏوهٽين، نُنهن ۽ نائين سان گڏجي ماني کائيندي ڳالهيون ٻولهيون ڪن ٿا. هڪ نسل سوال پڇي ٿي ته ٻي نسل جواب ڏئي ٿي، پر اصل ۾ سکڻ ٻنهي طرفان ٿيندو آهي. منهنجي سوچ مطابق اسان جي پهرين ذميواري پنهنجو گهر مضبوط ۽ سنڀاليل رکڻ آهي. اسان مان گهڻا ماڻهو سماج جي آزادي، خوشحالي ۽ تعمير بابت فڪر مند رهن ٿا ۽ سمجهون ٿا ته جڏهن معاشرو بهتر ٿيندو ته گهر به خوشحال ٿي ويندا. پر هن سوچ ۾ گذريل 78 سالن ۾ اسان پاڪستان اندر هزارين گهر برباد ٿيندي ڏٺا آهن. ڪميونسٽ پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي، پيپلز پارٽي، ايم ڪيو ايم، بلوچستان جون انقلابي تحريڪون ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ جاکوڙيندڙ ڪارڪن، انهن سڀني مان هزارين ماڻهن جا گهر تباهه ٿيا. پر هاڻي حال اِهو آهي ته هي پارٽيون پاڻ به ٻين جي سهاري تي آهن ۽ انهن وفادار پر معاشي لحاظ کان تباهه حال ڪارڪنن جي گهرن جي بحالي لاءِ ڪو به فنڊ قائم نه ڪيو. پارٽي وارا به اهڙن ماڻهن جي مدد نٿا ڪن. ايتري قدر جو پارٽي جا پنهنجا عهديدار به انهن مستقل جدوجهد ڪندڙ ساٿين جي بربادي کي محسوس ڪري به پنهنجي ذميواري نه سمجهن ٿا.

منهنجي ٿوري ٿوري وقت بعد ڪيترن ئي درد سان پڇي ويل پاڪستانين سان دل جون ڳالهيون ٿينديون رهن ٿيون. سڀني جي ڳالهه ۾ هڪ بنيادي ڳالهه تي اتفاق هوندو آهي ته اسان بدحال پاڪستاني هميشه ڪو سسٽم ناهي اڳتي وڌڻ بدران ڪنهن مجسن، نجات ڏيندڙ يا مسيحا جي اچڻ جو انتظار ڪندا رهياسين ۽ هن روايت آخرڪار ڪجهه به اسان کي نه ڏنو. رڳو اميدن ۽ تڪليفن ۾ رکيو. ماضي ۾ ڪيترائي سٺا حڪمران به آيا، پر ڪنهن به مضبوط ۽ پائيدار نظام تي پنهنجا پيرنه ڄمايا. ڪو اهڙو نظام نه ڇڏيو جيڪو انهن جي وڃڻ بعد به هلي سگهي. 1973ع جو آئين نهيون منظور به ٿيو. ڪٿي ڪٿي اتفاق راءِ به مليو پر اها حقيقت آهي ته اهو آئين ايترو نازڪ ۽ ڪمزور آهي جو ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي بچائڻ ۾ به ڏکيائي ٿئي ٿي، پوءِ اهو واهگه کان وٺي گوادر تائين 25 ڪروڙ ماڻهن جي حفاظت ۽ رهنمائي ڪيئن ڪندو؟ اسان سڀني کي گهرجي ته الله جو شڪر ادا ڪريون، ڇو ته اسان کي هڪ اهڙو پاڪستان مليو آهي جيڪو ڌرتيءَ جي وحدت ۽ تاريخي تسلسل سان جڙيل آهي. سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي صديون پراڻيون وسنديون ۽ تهذيبون آباد آهن. هن ملڪ کي الله هر قسم جا قدرتي خزانا، معدنيات، پهاڙي وسيلن کان وٺي زرخيز زمين، پاڻي، محنت ڪش ماڻهو ۽ زندگيءَ لاءِ گهربل هر نعمت ڏني آهي، جيڪا ڪنهن به مضبوط رياست جو بنياد بڻجي سگهي ٿي. اسان اڪثر شڪايت ڪندا نظر ايندا آهيون ته جڏهن خدا اسان کي ايترا وسيلا، حسين زمين، اهڙو اهم جاگرافيائي مقام، لکين محنتي ماڻهو ۽ 60 سيڪڙو نوجوان توانائي سان ڀرپور آبادي ڏني آهي ته پوءِ اسان کي سٺا حڪمران ڇو نه مليا؟ پر ساڳئي وقت، اسان کي اهو نقطو به سمجهڻو پوندو ته دنيا ۾ هر ملڪ کي هر نعمت مڪمل صورت ۾ نه ملندي آهي. اڄ جيڪڏهن چئون ته هي اسان جي تاريخ جو ڏکيو بحران پريو وقت آهي ته ٻي طرف اهو به مڃڻو پوندو ته اسان وٽ ته صديون پراڻي علم، ادب، دانش ۽ حڪمت جي ميراث موجود آهي. وسيلن جا ڍير، معدنيات، انساني قوت ۽ هاڻ ته جديد ٽيڪنالاجي به اسان جي هٿن ۾ آهي، جنهن تي هاڻي ڪنهن هڪ قوم يا ملڪ جي اجاره داري ناهي. پڙهيل لکيل اڻ پڙهيل يا بلڪل اڻپڙهيل ماڻهو به پنهنجي هٿ ۾ اسمارٽ فون رکي دنيا سان جڙيل آهن. فيس بُڪ، ٽِڪ ٽاڪ، يوٽيوب، رِيلون ۽ پوسٽون انهن لاءِ هڪ اوزار بڻجي ويون آهن. اسان جو مستقبل، اسان جي خوشحالي، اسان جي ترقي انهن ئي نون ذريعن. انهن ئي ڊيجيٽل رستن ۽ اسان جي پنهنجي زمين ۾ لڪيل خزاني ۾ آهي. خزانن سان ڀريل پهاڙ، ريگستان جي هيٺان وسيلن جا ذخيرا، پکڙيل زرعي ڪيت جيڪي سون ڄمائين ٿا. اهي ئي اسان جا اصل سهارا آهن. اسان کي پنهنجي بچاءُ ۽ ترقي لاءِ واشنگٽن، لنڊن، رياض، دبئي يا برسلز ڏانهن نِهارڻ جي ضرورت ناهي.

پر سڀ کان اڳ اسان کي پاڻ سان اِهو واعدو ڪرڻو پوندو، اهو مڃڻو پوندو ته جيستائين اسين سئو سيڪڙو ڪامياب نه به ٿي سگهون، تڏهن به اسين گهڻو ڪجهه پاڻ ڪري سگهون ٿا. رب تعاليٰ مهربان آهي، پر اهو به چوي ٿو ته انسان محنت ڪانسواءِ ڪجهه نٿو حاصل ڪري. تنهنڪري اسلام آباد جا ايوان، پنڊي جا قلعا، لاهور، ڪراچي، پشاور، ڪوئيٽه، مظفرآباد يا گلگت جا وڏا گورنر هائوس تڪي ٽڙيجڻ بدران، اسان کي پنهنجي گهرن ڏانهن ڏسڻو پوندو. پنهنجي ٻارن جي اکيون، پاڙيسري جي پيشاني، پنهنجي گهٽيءَ جي حالتن تي نظر رکڻي پوندي. اسان کي پنهنجي چوڌاري موجود اسڪولن، مدرسن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ڪوچنگ سينٽرن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته خوشحالي پري ناهي. اسين جنهن کي ڳولي رهيا آهيون، اها ته اسان جي پرسان ئي بيٺي اسان جو انتظار ڪري رهي آهي. پر اسين ان خوشحالي کي وڏن بنگلن ۽ وڏن مرڪزن ۾ ڳولڻ ٿا وڃون ۽ پوءِ مايوس ٿي موٽي اچون ٿا. اهي وڏا ماڻهو جن جي هٿن ۾ اسان جي وسيلن جون چابيون آهن، اسان کي هميشه اهو يقين ڏياريندا رهيا آهن ته 'توهين گهٽ آهيو، توهين ڪجهه نٿا ڪري سگهو' پر اصل ۾ سڀ ڪجهه ته اسان وٽ آهي. اهي جاگيردار، وڏيرا، چوڌري ۽ سردار پاڻمرادو اسان جا اڳواڻ نه بڻيا. اسان ئي آهستي آهستي پنهنجو سڀ اختيار، پنهنجو حق، پنهنجو مستقبل انهن جي هٿ ۾ رکيو. ملڪ جا اصل مالڪ ته اسين آهيون، پر حڪم اسان تي اهي هلائين ٿا. دنيا ۾ به انهن کي اهڙا ماڻهو ملي ويندا آهن جيڪي انهن جا ڪم هلائين. انهن سان معاهدا ڪن. يعني هڪ وڏي راند هلي رهي آهي، جنهن ۾ اسين دانهن به وجهون ٿا ۽ چُپ چاپ ان جو حصو به بڻيل آهيون. علامه اقبال، اسان جي فڪر جو مينار، شاعرِ مشرق، اِهو سڀ ڪجهه ڏسي اڳ ئي چئي ويو هو ته:

بہر تقسیم قبور انجمنے ساختہ اند

اقوام متحده ڇا ٿي ڪري؟ لڳي ٿو ته رڳو قبرون ورهائڻ ۾ مصروف آهي. ڪنهن ملڪ ۾ چونڊيل حڪمران آهن ته ڪٿي ظالم، زبردستي جا حاڪم ويٺل آهن ۽ هاڻي ته اقوام متحده جهڙا عالمي ادارا احتجاج ڪرڻ به ڇڏي چڪا آهن. قومون وڪامن پيون، آهي به سستي اگهه تي. دنيا ۾ اميرن جا ته سڀ موجود آهن، پر غريبن جو ڪو به وارث نظر نٿو اچي. اسان کي گهرجي ته حقيقتن کي اڳيان رکي قدم وڌايون. پنهنجي وسيلن تي ڀاڙڻ وڌايون. جيترو ٿي سگهي پاڻ ڪريون. جنهن ڪم ۾ اسان پاڻ اڳتي وڌي رهيا آهيون، اتي ڪو ڌارين جي مداخلت به ناهي. دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ اهڙا آهن جتي ماڻهن پاڻ همت ڪري پنهنجا مسئلا حل ڪيا، حڪومتن جو انتظار نه ڪيو ۽ نتيجا مليا. اسان وٽ به مثال گهٽ ڪونهن. اخوت، الخدمت، دي سٽيزن فائونڊيشن، سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي، انڊس اسپتال، ايڌي، ڇيپا ۽ اهڙا ڪيترائي ادارا ملڪ جي هر شهر ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اسين چاهيون ته انهن جو سهارو بڻجي سگهون ٿا. انهن سان گڏ بيهي تبديلي جو حصو بڻجي سگهون ٿا. هر محلي ۾ مسئلا ته آهن، پر انهن مسئلن جي حل لاءِ وسيلن جو وجود به ساڳي جاءِ تي موجود آهي. بلدياتي ادارن جا چيئرمين، ڪائونسلر اسان مان ئي آهن. انهن سان گڏجي ويهو، ڳالهايو، صلاح مشورا ڪريو. يونيورسٽين جا وائيس چانسلر پروفيسر محقق به اسان ئي جا آهن. انهن سان گڏجي شهرن جي صورتحال، وسيلن ۽ ڪوٽ بابت صاف، غيرجانبدار تحقيق شروع ڪري سگهجي ٿي. اسان کي ڏسڻو پوندو ته 15 يا 22 سال بعد 2047ع ۾ جڏهن پاڪستان کي سئو سال پورا ٿيندا، تڏهن اسين ڪهڙي حالت ۾ هونداسين؟ ڪهڙا خال آهن؟ ڪهڙا ڪم اسين پاڻ ڪري سگهون ٿا؟ جن کي پوري مستقبل لاءِ رستو صاف ڪري سگهجي ٿو؟ هن سفر ۾ اوهان جي گڏجاڻي، رهنمائي ۽ ساٿ به اهم آهي. منهنجي رهنمائي ڪريو.

یہ زمیں خود تو وسائل نہیں اگلے گی کبھی
ہے جو شیریں کی طلب تیشہ اٹھائیں ہم لوگ

1973ع جو آئين نهيون منظور به ٿيو ڪٿي ڪٿي اتفاق راءِ به مليو پر اها حقيقت آهي ته اهو آئين ايترو نازڪ ۽ ڪمزور آهي جو ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي بچائڻ ۾ به ڏکيائي ٿئي ٿي، پوءِ اهو واهگه کان وٺي گوادر تائين 25 ڪروڙ ماڻهن جي حفاظت ۽ رهنمائي ڪيئن ڪندو؟ اسان سڀني کي گهرجي ته الله جو شڪر ادا ڪريون، ڇو ته اسان کي هڪ اهڙو پاڪستان مليو آهي جيڪو ڌرتيءَ جي وحدت ۽ تاريخي تسلسل سان جڙيل آهي، سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي صديون پراڻيون وسنديون ۽ تهذيبون آباد آهن. هن ملڪ کي الله هر قسم جا قدرتي خزانا، معدنيات، پهاڙي وسيلن کان وٺي زرخيز زمين، پاڻي، محنت ڪش ماڻهو ۽ زندگيءَ لاءِ گهربل هر نعمت ڏني آهي جيڪا ڪنهن به مضبوط رياست جو بنياد بڻجي سگهي ٿي. اسان اڪثر شڪايت ڪندا نظر ايندا آهيون ته جڏهن خدا اسان کي ايترا وسيلا حسين زمين، اهڙو اهم جاگرافيائي مقام، لکين محنتي ماڻهو ۽ 60 سيڪڙو نوجوان توانائي سان ڀرپور آبادي ڏني آهي ته پوءِ اسان کي سٺا حڪمران ڇو نه مليا؟

حڪومت ڪارونجهر ڪٽائي ڪيس تان هٿ ڪڍي!



ايڊووڪيٽ عبدالله چنڙ

هاڻ سنڌ جا وارث سمجهي چڪا آهن ته وقت جا حڪمران هن ديس ڌڻين کي سُک سان ويهڻ نه ڏيندا. جتي هو چون ٿا ته "جيڪڏهن ڪجهه ٿيو نه ٿا ته پوءِ ڏکيو به نه" حقيقت ۾ هيءَ هڪ هٿرادو چال هوندي آهي جيئن مون گذريل شماري ۾ لکيو هو ته صرف سنڌ جي ماڻهن جو حقيقي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ اهڙا اشوز پيدا ڪيا ويندا آهن هاڻ وري سڀني زيادتين کي ڇڏي ۽ عوام کان اصل مسئلا وسارڻ جي چال ڪري ڪارونجهر کي ڇيڙيو پيو وڃي ملڪ اندر آئيني ترميمن ڪانپوءِ سنڌ سان خير خواهي ڪرڻ وارو پهريون ڪيس وفاقي آئيني عدالت ۾ اهو آندو ويو آهي جتي سنڌ سرڪار پاران مُدعي طور پنهنجي وڪيل معرفت پٽيشن داخل ڪرايل هئي سندن چوڻ آهي ته ڪارونجهر جي ڪٽائي ڪري سنڌ کان اهڃاڻ وڌيڪ وير وڻٿو آهي. پاڻ کي ياد هوندو ته گذريل نگران حڪومت ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ بابت ڪجهه ڪمپنين سان ليز تي اهو معاهدو ڪيو هيو ۽ بعد ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ نه رڳو اهڙين ليزن ڪينسل پر وقت جي نگران حڪومت کي ڪارونجهر سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙ ڇاڙ نه ڪرڻ لاءِ سختيءَ سان هدايتون به ڪيون هيون. خير نگران حڪومت به پنهنجو ملو پورو ڪري وئي ۽ هاڻوڪي سنڌ حڪومت پاران اهڙي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ آئيني پٽيشن داخل ڪرائي جيڪا ڪجهه وقت کان پٽيشن التويٰ جو شڪار رهي. هاڻ جڏهن وفاقي حڪومت پنهنجين اتحادي پارٽين جي مشاورت سان 26 ۽ 27 آئيني ترميمون پاس ڪرايون. جتي عدالت عظميٰ کي ٻن حصن ۾ ورهائي آئيني عدالت کي نه رڳو الڳ پر جيڪڏهن حقيقت کي جانچجي ڏسجي ته حڪومت پاران پنهنجي مرضيءَ موجب آئيني عدالتن اندر سندن پنهنجا جج ئي مقرر ڪري ڇڏيا آهن جتي هو جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيندا. شايد اهو اُئين ٿي ٿيندو جيئن تازو سنڌ مان ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ بابت ايتري طاقت ۽ تعداد ۾ آيل ردِعمل ڪانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر نئين سر سنڌ جي ماڻهن سان نئين مذاق ڪئي پئي وڃي

پاڻ ڏٺو ته گذريل پنج ڏينهن پهريان جڏهن وفاقي آئيني عدالت اندر اهو ڪيس ٻڌڻيءَ هيٺ آيل هيو ته ان خلاف سنڌ جي وڪيل سول سوسائٽي ۽ مختلف قومپرست پارٽين پاران سخت ردِعمل ڏيکاريندي سڄي سنڌ مان هزارين وڪيلن جا قافلا راڄڌاني گادي واري شهر ڪراچي پهتا، جتي نه رڳو حڪومت مخالف وڪيلن پاران زبردست مزاحمتي ڪردار نڀائيندي وزيراعليٰ هائوس ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هتي حڪومت سان اتحادي وڪيل برادري به پنهنجو الڳ احتجاجي جلوس ڪڍي ٻاهر نڪري آيا. آيل خبرن موجب ته وڪيلن جي وڏي تعداد ۾ نڪتل جلوسن حڪومت کي مشاورت ڪرڻ تي مجبور ڪيو جتي ٻن الڳ الڳ گروپن پاران سنڌ حڪومت جي ذميوار نمائندن سان ملاقاتون ڪيون ۽ انهيءَ يقين ڏياري تي احتجاج ختم ڪيو ويو ته ايندڙ 15 ڏينهن اندر سنڌ حڪومت پاران داخل ڪيل پٽيشن تان هو دستبردار ٿيندا. تازي هن نئين نازڪ اِشوءَ کي هٿ وٺي ڇيڙڻ ڪانپوءِ مجموعي طور اهو ڏسجي پيو جتي سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي ڪاوڙ واري ڪيفيت مان گذري رهيا هئا. اتي طرح طرح جون مذاقون ڪيون پيون وڃن. ڪڏهن سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ جا منصوبا ته وري ڪارپوريٽ فارمنگ نالي سنڌ جي زمينن جو سودو ڪيو پيو وڃي اهڙيءَ ريت نه رڳو آئيني ترميمون آڻي پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ جا منصوبا پر ساڳئي وقت پنهنجي اتحادي سياسي پارٽين کي هٿرادو طور اڳتي آڻي سنڌ کي ٽوڙڻ سان گڏوگڏ نوان بڻم ناهڻ جون ڳالهيون ڇيڙي سنڌ جي عوام کي روڊن تي آڻڻ جا منصوبا ناهي، مٿان وري سنڌ حڪومت جو چوڻ آهي ته اهڙن نازڪ اشوز تي سنڌ جا احتجاج ڪندڙ وڪيل عدالتن ۾ وڃي دليل ڏين باقي احتجاج انهن کي سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي. ساڳئي وقت سنڌ حڪومت جا ذميوار نمائندا ٻڌائين ٿا ته هو نه رڳو سنڌ جي ورهاڱي خلاف آهن پر تازي اِشو ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ بابت به خبر ناهي ته هو ڪهڙي منهن ۽ زبان جي پڪائيءَ سان ٻڌائين ٿا ته ڪارونجهر ته سنڌ جي سونهن ۽ سينگار آهي. ان خلاف ڪو به اهڙو عمل نه ڪيو ويندو. جنهن سان سنڌ جي عوام کي اعتراض هجي. وري ٻي پاسي سنڌ حڪومت اڳ ئي اهڙي هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ کان ٿي هاڻي وفاقي آئيني عدالت تائين پهتل آهن. هتي سنڌ حڪومت جي اها خبر نه ٿي پوي، جتي هو آخر اهڙا عمل ڪري سنڌ جي عوام کان ڪهڙو ورونڻ چاهين ٿا؟ مسلسل اهڙا سنڌ دشمن فيصلا ۽ منصوبا ناهي ڪٿي پاڻ اهڙوڪي اِشوز جيان سامهون بيهن ٿا ۽ ڪٿي وري پنهنجن اتحادين کي اڳيان ڪري وري موقف سامهون ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته هو سنڌ جي ست ڪروڙ عوام کان وڌيڪ خيرخواهه آهن. ماضيءَ ۾ پاڻ هميشه ڏٺو جڏهن به وفاق ۾ (ن) ليگ جي حڪومت هجي يا عمران خان جو اقتداري دور، هميشه سنڌ حڪومت نه رڳو مذڪوره عوام دشمن فيصلا ڪيا پر سنڌ جا پيٽ وڪرو ڪرڻ سان گڏوگڏ هن وقت جيڪو ٿر اندر ٿرڪول پراجيڪٽ هلي رهيو آهي. اتي به مقامي ماڻهن سان ڪهڙو حشر ۽ نشر ڪيو پيو وڃي مختلف وقتن تي اهي خبرون اينديون رهن ٿيون ته مقامي مزدورن کي انهيءَ پراجيڪٽ ۾ منظم طور ته ڀرتي ڪونه ٿو ڪيو وڃي. پر جيڪي ڪچا ملازم روز مزدوريءَ تي ڀرتي ٿيندا آهن انهن ۾ انتظاميه پاران به اڪيائي ڪري مقامي ٿر جي مسڪين مارواڙن کي نظرانداز ڪري ٻين صوبن جي لوڙ کي پليو پيو وڃي هتي هاڻ جڏهن ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ جو اشو سامهون اچڻ ڪانپوءِ حالتون گنڀير ٿيڻ طرف وڌيون آهن ته سنڌ حڪومت هاڻ به اهو چئي رهي آهي ته جڏهن انهن وفاق سان ٿرڪول ڪمپنيءَ جو معاهدو ڪيو هيو ته ان وقت مقامي ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺي اهڙو فيصلو ڪيو هيو ۽ سندن سڀ تحفظات ختم ڪرڻ جا به واعدا ڪيا هئا. هاڻ پاڻ ڏسي رهيا آهيون. جتي ٿرڪول پراجيڪٽ ۾ ڪي سٺيون نوڪريون ته پنهنجي جاءِ تي پر مسجدن جا پيش امام به ٻين صوبن مان گهرائي ڀرتي ڪرايا ويا آهن جڏهن ٿر جي ٻن ضلعن سان تعلق رکندڙ مقامي ماڻهن مان ڪنهن کي ڪو مسجد جو پيش امام به منظم طور ڀرتي نه ٿو ڪرايو وڃي ۽ اهي مسڪين ماڻهو ڪچي ملازمت يعني مزدور طور به اهل نه ٿا سمجهيا وڃن ته پوءِ هاڻ سنڌ حڪومت هن سنڌ جي سونهن ڪارونجهر جي ڪٽائي ڪرائي انهن مقامي ماڻهن کي ڪهڙو اعتماد ۾ وٺي هي ڌرتي دشمن فيصلو ڏيندا؟ پاڻ جيڪڏهن اڃا ماضيءَ جي ڪيل وڌيڪ ويڙهه طرف هلنداسون ته نه رڳو سنڌ جي ماڻهن سان گهڻ رُخيون بي واجبيون ٿيل نظر اينديون پر پاڻ کي اهو وقت به ياد آهي جڏهن سنڌ جون زمينون پڳڙين مُٺ تي وڪرو ڪري بحريه ٽائون جهڙا منصوبا تيار ڪرايا ويا ته هتي ديس ڌڻين کي آباد ڪري يورپ جا نقشا ڏيکاري سندن خواب پٽي ڏنائون. سنڌ جي مقامي رهواسين يعني ڳوٺاڻن کي هتي آباد ڪيو ويندو. نتيجي طور اڄ اهو بحريه ڪهڙي نسل ۽ ذات پات حوالي ٿيل آهي. انهي بحريه ٽائون ۾ نه رڳو مقامي ڳوٺاڻا پر ديس ڌڻي ڪيتري تعداد ۾ رهائش پذير آهن. سو عمل به هر اک اڳيان آهي. هن وقت جيئن ته سنڌ جا ماڻهو گهڻ رُخن مشڪل مرحلن مان گذري رهيا آهن جتي بدامني، بيروزگاري، مهانگائي، بک ۽ بدحالي روزانو نه رڳو قبيلائي جهيڙن ۾ هڪ ئي هنڌ 8 کان 10 جوان زندگيون وڃائي ويهن ٿا، پر گڏوگڏ غربت جا ماريل ماڻهو خودڪشيون ڪري هڪ ئي هنڌ پنهنجيون زندگيون داءَ تي لڳائي رهيا آهن اهڙي ڏکوئيندڙ ڪيفيت دوران خبر ناهي ته سنڌ حڪومت الائي ڇو عوامي امنگن تي پورو لهڻ بجاءِ مسلسل سنڌ واسين کي اڃان وڌيڪ روڊن مٿان ويهارڻ تي مجبور پئي ڪري. هن وقت ڪارونجهر جي ڪٽائي وارو اِشو انتهائي گنڀير صورتحال جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. سڄي سنڌ جا ماڻهو اهڙي عمل خلاف انتهائي ڪاوڙ ۾ وڪوڙيل آهن. جنهن ڪري سنڌ حڪومت کي گهرجي ته انهن پاران جيڪو وڪيل برادريءَ کي پٽيشن تان دستبردار ٿيڻ جو وقت ڏنو آهي. ان کان پهريان سندن داخل پٽيشن تان هٿ ڪڍي سنڌ جي ماڻهن مان ڪاوڙ جي لهر ختم ڪرائي وڃي

ڏاهيون عورتون

عورتن جي زندگي هميشه ئي مشڪل رهي آهي، رڳو انهيءَ سبب جو اهي عورتون آهن. اسان جهڙن پدرشاهي سماجن ۾ زنده رهڻ به هڪ ڏکيو ڪم آهي. عورتن جي حيثيت ۽ سماجي رويي جو بهترين اظهار وفاقي آئين ساز عدالت جي هڪ معزز جج جي بيان ۾ مليو. معزز جج صاحب، پنهنجي راءِ ۾، بلواسطه اهو چوڻ جي ڪوشش ڪئي ته 'ايليٽ طبقن' ۾ وڌندڙ 'لائيو اِن رليشن شپ' وانگر رجحان، هڪ نوجوان عورت جي ظلم ۽ بي رحميءَ سان قتل جو سبب بڻيا، جنهن کي هڪ مرد دوست پنهنجي مرضيءَ جي خلاف پڪڙيو ڪيو، پوءِ غصي ۾ ماريو ۽ سر ڌار ڪيو، صرف انهيءَ لاءِ جو هُو ان تي ڪنٽرول حاصل نه ڪري سگهيو.

هيءُ فيصلو اُن وقت لکيو ويو جڏهن معزز جج سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جا ميمبر هئا. ۽ قاتل جي سزاءِ موت خلاف اپيل ٻڌي وئي، عوام جي خوشيءَ لاءِ، سزا برقرار رهي، جيتوڻيڪ تحريري فيصلي ۾ ڪجهه جملن جي موجودگي غير ضروري هئي. اسان ڪيترين ئي قانوني تبديليون ڏٺيون آهن. آئيني ترميمن کان وٺي، اڪثر صرف انهن چند ماڻهن جي فائدي لاءِ جيڪي طاقت جي چوٽيءَ تي ويٺا آهن. پر عام ماڻهو؟ لکين ماڻهو غربت جي لائين هيٺ زندگي گذارين ٿا. اهي سخت محنت ڪن ٿا، جيڪا اسان سوچي به نه ٿا سگهون، ۽ پوءِ به پنهنجن خاندان لاءِ ڪافي کاڌو نه مهيا ڪري سگهڻ جي ڏک ۾ رهندا آهن. جيڪڏهن توهان عورت آهيو ته اهي مشڪلاتون وڌيڪ وڏي وڃن ٿيون. زندگي سخت، ڪٺن ۽ مشڪل ٿي وڃي ٿي. عام طور تي مان پنهنجي مضمونن ۾ پڙهندڙ جا خط شامل نه ڪندو آهيان، پر اڄ مان ٻه خط شامل ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهيان. پهريون سبب اهو ته پدرشاهي نظام جا حامي ۽ وڪيل ڏسي سگهن ته اسان جون نوجوان عورتون فڪري طور تي ڪيتريون ذهين آهن ۽ ٻيو سبب اها اميد ته اهي آواز ٻڌي اثر پيدا ڪن. (مواد ۾ ڪجهه تبديلي ڪئي وئي آهي جيئن ليکڪن جي سڃاڻپ محفوظ رهي.)

پهريون خط

"مون کي خبر ناهي ته مان توهان کي ڇو لکي رهي آهيان. شايد انهيءَ ڪري جو مون کي لڳي ٿو ته توهان اهي جذبا سمجهي سگهو ٿا، جيڪي مان لفظن ۾ مڪمل ظاهر نه ڪري سگهندي آهيان.

مون توهان جو 27هين آئيني ترميم تي مضمون پڙهيو ۽ دل تمام گهڻي اداس ٿي وئي. سچ پڇ اهو احساس ڪيترن ڏينهن کان اندر جمع ٿي رهيو هو. مان هڪ قدامت پسند بلوچ خاندان مان آهيان. مون کي نسل در نسل هلندڙ زهر آلود رسمون ٽوڙڻيون پيون. مون سوچيو ته تعليم مون کي پَرَ ڏيندي ۽ اها زندگي ڏيکاريندي جنهن جو خواب مون ڏٺو هو پر ملڪ جي حالتن کي ڏسي منهنجو يقين گهٽجڻ لڳو آهي. ڪڏهن ڪڏهن دل ڪري ٿي ته ملڪ ڇڏيان، پر مان ڄاڻان ٿي ته فرار ڪو حل ناهي.

روزانو اخبار پڙهندي منهنجي دل ڊڄي ٿي وڃي. اسان انسان طور ڪٿي پهتا آهيون؟ هر طرف اونداهه ۽ مايوسي آهي- غزه کان سوڊان تائين، ۽ پوءِ بلوچستان ۾ تازو ٿيل ظلم. محسوس ٿئي ٿو جڻ انسانيت ڇڏي وئي آهي. مان سوچيندي رهندي آهيان ته انسان ڪڏهن ۽ ڇو اهڙي ظلمت ۾ گهيرجي ويو.

عباس ناصر

مون کي پنهنجا احساس ڪنهن سان شيئر ڪرڻ ۾ مشڪل ٿيندي آهي، پر توهان جي تحريرن مان لڳي ٿو ته توهان ۾ انسانيت موجود آهي. اهڙين حالتن ۾، جيڪي ماڻهو رحم جي هڪ ذري کي به سنڀالي رهيا آهن، توهان جي شفقت تمام اهميت رکي ٿي. انساني رحمدلي ۽ عزت اڄڪلهه ڳولڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. تنهنڪري توهان جو شڪريو- توهان جي شفقت ۽ دانائي لاءِ، انهن لاءِ جيڪي پنهنجو رستو ڳولي رهيا آهن."

هيءَ نوجوان عورت بنا ڪنهن شڪ جي بهتر لکندي آهي. ان جي فڪري مهارت ۽ دانائي ڪيس ملڪ جي فڪري اشرافيا ۾ رکي سگهي ٿي. باوجود مايوسيءَ جي، اها جدوجهد جاري رکڻ لاءِ تيار آهي.

ٻيو خط

هي خط به غور طلب آهي، پر هتي مايوسي هڪ مختلف رستو ڏيکاريندي آهي:

"مان توهان جي مضمون The Jailed Leader پڙهڻ ڪانپوءِ وڏي پريشاني ۽ الجهن ۾ آهيان. ان ٽڏي ڏينهن جي احتجاج دوران اسان جي ماڻهن کي ڪم جي هنڌ تي قتل ڪيو ويو. اسان جي مدد يا همدردي حاصل ڪرڻ جي بدران، اسان کي بليڪ ميلر چيو ويو ۽ اسان جا حقيقي خوف ۽ ضرورتون نظرانداز ڪيون ويون. [اشارو: جنوري 2021 جي هزارن قتل جي حوالي]. اهو سوال منهنجي لاءِ ڏک ڏيندڙ آهي- ڇا ڪو اڳواڻ حقيقت ۾ اڳواڻيءَ جي لائق آهي، جيڪڏهن هو سياسي سهولت لاءِ اقليتن کي قربان ڪري؟ ڇا اسان اقليتون انسان ناهيون، جن کي تحفظ، عزت ۽ پُرامن زندگي ملڻ گهرجي؟ مان بلوچستان جي هزاره قوم سان تعلق رکندڙ آهيان. هن ملڪ ۾ پيدا ٿي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، سماج ۾ حصو ورتو، پر پاڻ کي اڪيلائيءَ ۾ محسوس ڪريان ٿي. سڃاڻپ ڪارڊ، پاسپورٽ- هر مرحلي تي رڪاوٽون. ٻين صوبي ۾ سهولتون ملن ٿيون، پر اسان جو علائقو بنيادي ضرورتن ۾ پٺتي آهي. تڪليف سان جوڙيو پوي ٿو. پر مان پنهنجي لاءِ هن ملڪ ۾ مستقبل نه ڏسي رهي آهيان. منهنجو ملڪ اسان کي بچائڻ ۾ ناڪام رهيو. انهيءَ ڪري مان ايندڙ سال ملڪ ڇڏڻ جو سنجيده ارادو ڪري رهي آهيان- اهڙي جڳهه جي تلاش ۾ جتي اقليتون قبول ڪيون وڃن، عزت ڏني وڃي ۽ محفوظ رهن.

اميد آهي ته منهنجا لفظ ڪنهن دشمنيءَ جي نيت سان نه پر غور ۽ فڪر لاءِ ورتا ويندا. مان اڃا به يقين رکان ٿي ته هڪ قوم مضبوط ٿئي ٿي، جڏهن ان جا سڀ ماڻهو عزت سان ڏٺا وڃن. خاص ڪري سڀ کان وڌيڪ ڪمزور."

ان درد ڀريل ۽ دانائي وارن لفظن ۾ مان ڪجهه نٿو وڌائي سگهان. سواءِ ان چوڻ جي: جيڪڏهن ملڪ ۾ ڪا اميد باقي رکڻي آهي- ته عورتون اسان جو ملڪ هلائين.

واشنگٽن فائرنگ: آمريڪا پناهگيرن سان ڪيل پنهنجو واعدو وساري ڇڏيو

هڪ شخص، جنهن جي سڃاڻپ رحمان الله لڪانوال طور ڪئي وئي آهي، شايد آمريڪا ۾ رهندڙ سڀني افغان پناهگيرن لاءِ مشڪل وقت کڻي آيو آهي. هلندڙ هفتي جڏهن آمريڪي شهري ٿينڪس گيونگ جي موڪلن لاءِ سفرجون تياريون ڪري رهيا هئا، وائيٽ هائوس جي ويجهو هڪ ميٽرو اسٽيشن تي فائرنگ جو واقعو پيش آيو. الزام آهي ته افغان شهري، جيڪو واشنگٽن اسٽيٽ مان هزارين ڪلوميٽر سفر ڪري پهتو هو، هڪ نيشنل گارڊ جي عورت اهلڪار تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سندس موت ٿي وئي ان کان علاوه حملي آور هڪ مرد گارڊ تي به گولي هلائي. باقي نيشنل گارڊ اهلڪار جوابي فائرنگ ۾ رحمان الله کي زخمي ڪري ڇڏيو. نيشنل گارڊ جا اهلڪار ڪيترن هفتن کان صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حڪم تي واشنگٽن ڊي سي ۾ تعينات هئا، جيئن اهڙين حالتن کي منهن ڏئي سگهجي جنهن کي ٽرمپ 'ڏوهن جي هنگامي حالت' جو نالو ڏنو هو. رپورٽن موجب، 29 سالن جو رحمان الله لڪانوال 2021ع ۾ 'آپريشن الائيز ويلڪم' تحت آمريڪا ۾ داخل ٿيو ۽ اُن اُنهيءَ سال آمريڪا ۾ پناهه حاصل ڪئي طالبان جي ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ هُو افغانستان ۾ سي آءِ اي سان ڪم ڪري چڪو هو پر اها حقيقت ٽرمپ انتظاميا کي قبول نه هئي جنهن هن حملي کي افغانستان جي ظلم کان ڀڄي آيل افغان پناهه گيرن جي آمريڪا ۾ اچڻ تي تنقيد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. هن حملي جي ڪجهه ڪلاڪن اندر ٽرمپ انتظاميا جي عهديدار، ايف بي آءِ ڊائريڪٽر ڪيش پٽيل دعويٰ ڪئي ته بائيڊن حڪومت دوران هزارين پناهگير آمريڪا آندا ويا ۽ انهن آمريڪا ۾ افغان مهاجرن جي اچڻ واري عمل جي جانچ ۽ نگراني تي سوال اٿاريا. حقيقت اِها آهي ته آمريڪا اچڻ وارا پناهگير ۽ ويزا هولڊرز سخت ۽ مڪمل جانچ پڙتال مان گذرن ٿا. سياسي طور تي ٽرمپ هن افسوسناڪ ۽ المناڪ واقعي کي پنهنجي اينٽي اميگرنٽ (مهاجر مخالف) بيان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو، جنهن جو مقصد هن ڪمزور حڪومت، جيڪا خراب معاشي ڪارڪردگي سبب تنقيد هيٺ هئي، تان عوام جو ڌيان هٽائڻ آهي.

حملي کان فوراً پوءِ ٽرمپ چيو: 'هاڻي اسان کي بائيڊن جي دور ۾ افغانستان مان اسان جي ملڪ ۾ داخل ٿيندڙ هر هڪ غيرملڪي جو ٻيهر جائزو وٺڻو پوندو ۽ ضروري قدم کڻڻا پوندا ته جيئن ڪو به اهڙو غير ملڪي پلي ڪنهن به ملڪ جو هجي، جيڪو هتي قانوني طور تي رهڻ جو حق نه رکي يا ملڪ کي فائدو نه پهچائي، هتي نه رهي سگهي' هن وڌيڪ چيو: 'جيڪڏهن ڪو اسان جي ملڪ سان محبت نٿو ڪري سگهي ته پوءِ اسان کي اُن جي هتي ضرورت ناهي' ان کان پوءِ ڪريڪ ڊائون جو عمل وڌيڪ تيز ٿي ويو. سوشل ميڊيا پليٽفارم 'ايڪس' تي آمريڪي شهريت ۽ اميگريشن سروس (USCIS)اعلان ڪيو ته 'افغان شهرين سان لاڳاپيل سڀ اميگريشن درخواستون اڻ اعلانيل مدي لاءِ روڪي ويون آهن' ميڊيا رپورٽن موجب، پروسيسنگ کي روڪڻ شايد سڀني افغان شهرين کي متاثر ڪري جيڪي آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ پناهه وٺڻ چاهين ٿا يا گرين ڪارڊ ذريعي مستقل رهائش حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن اهو انهن افغانين کي پڻ متاثر ڪندو جن افغانستان ۾ 20 سالن جي جنگ دوران آمريڪا جي مدد ڪئي هئي انهن مان ڪيترائي ماڻهو هاڻ تائين ملڪن ۾ قائل آهن ۽ پنهنجي ويزا درخواستن جي پروسيسنگ جو انتظار ڪري رهيا آهن. خاص طور تي خصوصي اميگرنٽ ويزا پروگرام تحت، جيڪو انهن ڪجهه رستن مان هڪ آهي جيڪي افغان مهاجرن لاءِ باقي بچيا آهن ۽ جن کي جنگ ۾ آمريڪا سان تعاون ڪرڻ جي بدلي ۾ محفوظ پناهه ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو هو.

رافعه ذڪريا

خميس ڏينهن ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم 'ٽروٿ سوشل' تي لکيو ته 'مان ٽين دنيا جي ملڪن مان ايندڙ سڀني اميگريشن کي مستقل طور تي روڪيندس. ته جيئن آمريڪي نظام مڪمل طور تي بحال ٿي سگهي' ٽرمپ انتظاميا پاران مهاجرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروعات کان ئي هن جي نمايان ۽ خوفناڪ پاليسي جو حصو رهيو آهي جيتوڻيڪ اهو حملو افسوسناڪ هو، پر اهي فائرنگ جا ڪيترائي واقعا جيڪي آمريڪا ۾ روزانو ٿين ٿا، انهن کان مختلف نه هو. پر هن واقعي انتظاميا لاءِ موقعو پيدا ڪيو ته آمريڪا ۾ سڀني اميگريشن تي پابندي لڳائڻ جو هڪ ٻيو جواز پيش ڪري، خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي ڳالهه ڪارن يا ڀوري رنگت وارن ملڪن جي مهاجرن جي هجي ان اعلان کان ڪجهه ڏينهن اڳ ئي يو ايس سي آءِ ايس (USCIS)حڪم ڏنو هو ته آمريڪا ۾ موجود هيٽيءَ جا شهري، جن کي پنهنجي ملڪ جي اٿل پٿل بدامني سبب عارضي حفاظتي حيثيت (Temporary Protected Status)حاصل هئي اهي ايندڙ سال جي شروعات ڪانپوءِ ان جو فائدو نه وٺي سگهندا. افغان مهاجرن تي ڪريڪ ڊائون (۽ افواهون آهن ته اهو قدم شايد صومالي مهاجرن تائين به وڌي سگهي ٿو) ٽرمپ جي وڏي ويڙهه جو حصو آهي جنهن ۾ آمريڪا کي هڪ سفيد فام ۽ مسيحي قوم طور ڏسڻ جو تصور شامل آهي ظاهري طور تي نقصان انهن افغانن کي ٿيو جن آمريڪا سان گڏ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ يقين ڪيو ته ان جي بدلي ۾ انهن جي حفاظت يقيني بڻائي ويندي. هڪ شخص جو ڪيل قدم، جيڪو لازمي طور تي انتها پسنديءَ سان نه پر شايد ذهني بيماري سبب به ٿيو هجي سڀني لاءِ مشڪل پيدا ڪري ويو. جيئن ڪڏهن نوآبادياتي طاقتون پنهنجا وعدا وساري ڇڏينديون هيون، ائين ئي اڄ جون نوآبادياتي رجحان رکندڙ قوتون پڻ ڪري رهيون آهن: پنهنجا وعدا وساري ڇڏيا، انهن ماڻهن جي قربانين کي گهٽ اهميت ڏني جن انهن لاءِ جان هٿ ۾ رکندي ڪم ڪيو. جڏهن ته اهي پاڻ نيون مهمون شروع ڪري پراڻيون جنگيون وساري ويٺا. هي ڳالهه خاص طور تي صحيح آهي ڇو ته افغانستان ۾ طالبان جي ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ آمريڪا کي مسلسل ياد ڏياري رهيو آهي ته 20 سالن جي جنگ ۽ اربين ڊالرن جي ضايع ڪرڻ باوجود، انهن کي ڪا حقيقي فتح حاصل نه ٿي سگهي هاڻ هزارين افغان ۽ ٻين مهاجرن کي شايد ڪڏهن آمريڪا پهچڻ جو موقعو نه ملي هڪ پل ۾ انهن جي موجودگي کي بدنما ڪيو ويو، انهن تي 'ناپسنديده' جو ليبل لڳايو ويو ۽ هاڻ انهن کي ٻيهر اهڙي دنيا ۾ پنهنجي جيئڻ جي راهه ڳولڻي پوندي جيڪا اجنبي ۽ غيرملڪي ماڻهن کان نفرت ڪري ٿي

[redacted]

پنهنجي گهر وڃي رهيو هو تہ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي چڙهيا فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب نوجوان محمد خان چاچڙ پٽ ريگن جو ڊرائيور محمد شمن چاچڙ سخت زخمي ٿي پيو جڏهن تہ هٿياربند موقعي واردات تان فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهتي فائرنگ جي دوران علائقي واسي گهرڻ کان ٻاهر نڪري آيا زخمي کي ڏسندي ئي نوجوان جي وارثن کي اطلاع ڪيو ويو نوجوان کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سرڪاري اسپتال ۾ سهولتون نہ هئڻ ڪري نوجوان کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سکر منتقل ڪيو ويو آهي جتي زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي قعورام مچي ويو واقعي جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي

[redacted]

۾ الرمضان مغيري پيٽرول پمپ کان هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن جي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي ڊي سي چوڪ تي جلسي ۾ شريڪ ٿي جتي پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو لائيو خطاب ٻڌو ويو ان موقعي تي پي پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري جلسي کي خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو ۽ پي پي پي ڪوچيئرمين آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ادي فريال ٽالپر کي جس ڏيان ٿو جنهن پي پي پي جي پليٽ فارم تان عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي هن چيو تہ پي پي پي جي قيادت ملڪ کي آئين ڏنو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو بينظير ڪارڊ، هاري ڪارڊ سميت صحت جون سهولتون فراهم ڪيون ۽ لکين نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو ملڪ جي بقا ۽ ترقي لاءِ جان قربان ڪئي اسان کي پنهنجي ليڊرشپ تي فخر آهي هن چيو تہ آئون يوم تاسيس جي موقعي تي ملڪ جي عوام کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو ۽ عهد ڪيان ٿو تہ پي پي پي جي پليٽ فارم تان جدوجهد جاري رکندس

[redacted]

ڪنديارو پهچي لاش جي سڃاڻپ ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن تہ نوجوان جو لاش هٿ اچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

[redacted]

مهاولي تي سگهڙ ڪچهري ۽ مکي شريف جي مهمانن جي مان ۾ سانجهاندي جو اهتمام ڪيو ويو جن ۾ حاجي علي لاشاري، عبدالمنان بلر، وجاهت حسين ڀٽو، سائين رياض حسين شاھ، حاجي حنيف خان عباسي، ڊاڪٽر نظير احمد عباسي ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي سگهڙ ڪهرام جتوئي سنڌي ثقافت کي مان ڏيندي ڏور بيت، پروليون، ڳجهارتون ۽ سينگار پيش ڪري ڪچهري کي چار چنڊ لڳايا ثقافتي ڪچهري جي ميزبان علي شير لاکو مهمان خاص حاجي علي لاشاري کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ۽ ٻين مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا جنهن بعد هن آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪرڻ دوران ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جي پروگرام جون ٻيڻيون خوشيون آهن هڪ تہ ثقافتي سنڌ ۽ ٻيو مکي شريف مان آيل مهمانن ۽ مقامي دوستن جي مان ۾ سانجهاندو هن چيو تہ سنڌي ثقافتي ڪچهري ۾ پهرين پار جا مهمان اچڻ اسان لاءِ سعادت آهي ڪچهري دوران مهمان خاص حاجي علي لاشاري ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ جي ناليواري سگهڙ علي شير لاکو وٽان سدائين محبتون مليون آهن جڏهن بہ پاڪستان اچڻ ٿيندو آهي تہ هن اڱڻ تي حاضري ڀريندا آهيان هن اڱڻ تان سدائين محبتن جون جهوليون ۽ دعائن جا ٻُڪَ ڀرجي مليا آهن عليشير لاکو سنڌ جي سونهن آهي سندس سگهڙائپ ۽ اوطاقي ڪردار هنڌ سنڌ ۾ مشهور آهي ان کان اڳ تاج محمد لاکو، ممتاز علي لاکو، منظور علي لاکو اقبال لاکو، سردار لاکو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد سنڌ جي مهمان نوازي واري روايت کي قائم رکندي شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي ان موقعي تي جعفر خان مري، رمضان مري، عبدالله مري، محمد عمر مري، غلام حيدر سولنگي، غلام نبي ملاح، رضا محمد سيال، قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

[redacted]

ويو سارنگ جويو شنڪر لال ۽ ناز اسماعيل نوتڪاڻي سورهيہ سنڌي سميت اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ نڪتل هن مارچ ۾ عورتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي حقن لاءِ مردن سان گڏ قدم ڪڍي آواز بلند ڪيو مارچ ۾ شرڪت ڪندڙن ڪارپوريٽ فارمنگ کي نامنظور ڪرڻ، 27 هين غير آئيني ترميم خلاف احتجاج، جبري گمشدگين تي ڳڻتي، ماحولياتي تباهي خلاف آواز ۽ هارين آبادگارن لاءِ فصلن جي اگهن جو تعين نہ ٿيڻ خلاف سخت خدشا ظاهر ڪيا عورتن بينر کڻي نعرا هنيا ۽ چيو تہ اهي سنڌ جي زمين، وسيلن ماحول ۽ انساني حقن لاءِ هر جدوجهد ۾ مرد ساٿين سان گڏ آهن اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ ۾ جبري گمشدگين جو خاتمو ڪارپوريٽ فارمنگ تي پابندي ۽ هارين لاءِ مناسب اگهہ مقرر ڪيا وڃن

[redacted]

سان ڳالهائيندي شيعا علماءَ ڪائونسل جي مرڪزي ايڊيشنل سيڪريٽري سيد ناظر عباس تقوي چيو تہ آئون هتي ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف بک هڙتال تي ويٺل ننگرپارڪر واسين سان يڪجهتي لاءِ پهتو آهيان هن چيو تہ آئون صدر زرداري، بلاول ڀٽو کان پڇڻ ٿو چاهيان تہ اوهان روٽي ڪپڙا ۽ مڪان جو نعرو هنيو اهو نعرو ڪيڏانهن ويو هن چيو تہ ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ اوهان ماڻهن کان روزگار کسي رهيا آهيو هن چيو تہ مون کي افسوس آهي جو ننگرپارڪر واسي پنهنجو روزگار جو ذريعو ڪارونجهر بچائڻ لاءِ روڊن تي ويٺل آهن ۽ حڪومت وري سندن روزگار کسي رهي آهي حڪومت جي ذميواري آهي تہ هو ماڻهن کي روزگار ڏي، هن چيو هتي جي رهواسين جو گذر سفر بہ ڪارونجهر سان آهي هتي جي ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻي جو واحد ذريعو ڪارونجهر جبل آهي جڏهن ڪارونجهر حق ۾ هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو آهي تہ پوءِ سنڌ حڪومت ڪارونجهر ڪٽڻ لاءِ وري ڪيس آئيني عدالت ۾ ڪئي ويٺي آهي هن چيو تہ اسان جي قائد علامہ ساجد نقوي جي جدوجهد عوامي جدوجهد آهي اسان پنهنجي قائد جي حڪم تي ڪارونجهر جو تحفظ ڪنداسين ۽ هن چيو تہ ننگرپارڪر واسين سان ساٿ ڏينداسين ۽ روڊن تي احتجاج ڪنداسين ۽ حڪومت تي دٻاءُ وجهنداسين تہ ڪارونجهر ڪنهن بہ صورت ۾ ڪٽڻ نہ ڏجي، سماجي اڳواڻ ارباب احسان چيو تہ ڪارونجهر سان ماڻهون ثقافتي سياحتي ۽ مذهبي محبت رکن ٿا هن چيو تہ ڪارونجهر ڪٽڻ سان هتي جي رهواسين جو معاشي قتل ٿيندو هن چيو تہ ڪارونجهر ننگرپارڪر واسين جي جياپي جو سبب آهي ۽ ڪارونجهر مان هزارين مزدور محنت ڪري پنهنجو پيٽ پالين ٿا هن چيو تہ ماڻهن جو معاشي قتل ڪرڻ بجاءِ ڪارونجهر کي سياحتي مرڪز ٺاهي ڪارونجهر مان نڪرندڙ ندين جي پاڻي تي وڌيڪ ڊيم ٺاهي زرعي زمينون آباد ڪري ماڻهن کي روزگار ڏيڻ گهرجي هن چيو تہ سموري سنڌ سميت پاڪستان جي ماڻهن ڪارونجهر جي ڪٽائي جي مخالفت ڪري چڪي آهي هن چيو تہ اسان ڪارونجهر جي حفاظت لاءِ هر محاذ تي عوام جو ساٿ ڏينداسين بک هڙتالي ڪئمپ تي لالا قمبر کوسو ڪارونجهر سڄاڳ فورم اڳواڻ الهرکيو کوسو مصطفيٰ دل سميت وڏي انگ ۾ مقامي ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف نعري بازي ڪئي

[redacted]

مختلف چوڪن تان پيادل مارچ ڪندي هوشو چوڪ، مهراڻ چوڪ، الفتاح چوڪ ۽ ٻين چوڪن تي نوجوانن قومي گيتن تي جهمريون پائي خوشي جو اظهار ڪيو، ريلي شهر جي مختلف چوڪن تان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي ريلي جلسي جي صورت اختيار ڪري ورتي، ان موقعي تي شهري اتحاد جي صدر نور حسن ڪوڪر، مير سرفراز ٽالپر، زاهد ڪولاچي، جمن ميرجت، ايڊووڪيٽ منظر لغاري، علي بخش سومرو، آصف چانڊيو، ڊاڪٽر لونگ چنا، عبدالحفيظ سليو، مارڪيٽ ڪميٽي جو وائيس چيئرمين شاهنواز ڪندرا، غلام حسين سولنگي، عباس ميرجت، راجا چنا، پير فيصل جان سرهندي، رسول بخش ڪنگري، ثناءُ الله پلي، سيمي راجپوت، امتياز نوناري، يوسف ملاح، غلام محمد چلگري، روشن ڪوسو ۽ ٻين چيو تہ هر سال جيان هن سال بہ پنهنجي قومي ثقافتي عيد کي ڀرپور جوش جذبي سان ملهايو ويندو، 7 ڊسمبر تي ثقافتي قومي عيد ملهائڻ لاءِ ڀرپور تقريبون منعقد ڪري مرڪزي ريلي ۾ شامل ٿي خوشيون ملهايون وينديون، جنهن کان اڳ ثقافتي رنگن سان ملاکڙا، مشاعرا، سگهڙ ڪچهريون، مچ ڪچهريون، اسڪولن ڪاليجن ۾ ثقافت جون تقريبون منعقد ڪيون وينديون، ثقافتي ڏهاڙي کي سڄي دنيا جيان ڪندو محمد خان ۾ بہ ڀرپور ثقافتي رنگن اجرڪ ٽوپي پٽڪن سان ملهايو ويندو، جاڳرتا ريلي ۾ شامل نوجوانن قومي گيتن تي جهمريون پاتيون، ان کان اڳ هندو پنچائت، سياسي سماجي تنظيمن طرفان مختلف هنڌن تي جاڳرتا ريلي ۽ گلن جي ورکا پڻ ڪئي وئي، جلسي ۾ لوڪ فنڪار جانب بلاولي ۽ ٻين قومي گيت ڳايا.ع

[redacted]

احتجاج ڪندڙن اهو چيو آهي تہ آءِ بي اي جيڪو سنڌ وڏي ساک رکندڙ ادارو آهي ان ۾ ٽيسٽ پاس ڪئي آهي پر ان جي باوجود سنڌ حڪومت اسان کي آرڊر ڏيڻ لاءِ تيار ناهي صوبائي وزير تعليم سنڌ جي ڪجهہ علائقن کي گذارش ايريا جا ي 33 مارڪن وارن کي ب نوڪريون ڏنيون آهن پر اسان کي آرڊر جاري ن ٿا ڪيا وڃي هنن چيو ت سنڌ نا انصافي ٿي رهي آهي جيڪڏهن سنڌ حڪومت اسان کي جلد نوڪريون فراهم ن ڪيون ويون ت 27 ڊسمبر تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار آڏو تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو

[redacted]

استادن، واپارين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري صحت کاتي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاج ڪندڙ شهرين جو چوڻ هو تہ تعلقي جي لکين ماڻهن جي علاج لاءِ ٺهندڙ اسپتال جي عمارت سالن کان اڌ ۾ ڇڏي وئي آهي، جنهن سبب نہ عمارت استعمال ٿي رهي آهي ۽ نہ ئي مريضن کي جديد صحت جون سهولتون فراهم ٿي رهيون آهن. رورل هيلٿ سينٽر جيڪو تعلقي جي واحد فعال مرڪز طور ڪم ڪري رهيو آهي، اتي ڊاڪٽرن جي شديد کوٽ، اسٽاف جي غيرحاضري، مشينري جي بند پيل هجڻ ۽ دوائن جي اڻاٺ سبب روزانو مريض عذاب مان لنگهن ٿا. شهري اتحاد جي اڳواڻن صدر سينگار نوناري، ضمير مغيري، جبار آزاد منگي، اعجاز شيخ، ياسين قليوٽي، بخش علي مغيري، غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ ڪيترائي پيرا ڊي ايچ او ۽ صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن کي آگاهہ ڪيو ويو پر معاملو اڃا تائين حل کان پري آهي. سندن چوڻ مطابق اسپتال جي عمارت تي لکين روپيا خرچ ٿيڻ ۽ ڪي ايم پي اي پاران افتتاح ڪرڻ باوجود منصوبو اڌورو ڇڏي ڏيڻ ڪرپشن ۽ انتظامي نااهلي جو کليل ثبوت آهي. احتجاج ڪندڙن سنڌ سرڪار خلاف نعري بازي ڪئي ۽ خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن اسپتال جي تعمير فوري طور مڪمل نہ ڪئي وئي، ڊاڪٽرن جي مقرري ۽ ايمرجنسي دوائن جي فراهمي کي يقيني نہ بڻايو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. انهن وڌيڪ چيو تہ صحت جهڙي بنيادي حق تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو ۽ جدوجهد پنهنجي جائز مطالبن جي مڪمل منظوري تائين جاري رهندي.

[redacted]

زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي اطلاع تي اهڙي ڪاروائي ڪئي وئي آهي جڏهن تہ پوسٽ مارٽم جي رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪاروائي ڪئي ويندي. هوڏانهن ناري جي وارثن جو چوڻ آهي تہ ناري فرحانہ کي ساهہ جي تڪليف هئي جنهن کي علاج لاءِ گمس اسپتال ڪٺائي ويا هئا سين جتي هو فوت ٿي وئي ۽ لاش واپس ڪٺي اچي جنازي نماز ادا ڪري دفنائڻ وڃي رهيا هيا سين تہ پوليس بنا جواز اچي خودڪشي جو الزام هڻندي لاش ڪٺائي وئي ۽ زبردستي پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي تہ پوليس جي اهڙي عمل جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

[redacted]

ڪيو ويو. ذريعن موجب چوري ۽ غير قانوني هٿيارن جي ڪيسن ۾ ملوث 36 سالن جي شير محمد لاشاري جو پٽ امير علي 11 مهينن کان جيل ريمانڊ تي هو سيني ۾ سور سبب ڪيس سول اسپتال کان اين آءِ سي وي ڊي نوابشاھ منتقل ڪيو پيو وڃي پر هو سول اسپتال ۾ فوت ٿي ويو جوڊيشل مئجسٽريٽ جي ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو 24 نومبر 2025 تي نوشهروفيروز جيل ۾ قيدي شاهد علي پٽ طالب حسين مجيدانو نالي هڪ قيدي اوچتو فوت ٿي ويو هو هڪ هفتي ۾ ٻن قيدين جي پراسرار موت جي ڪري جيل ۾ خوف پکڙجي ويو آهي جيل ۾ ٻن موتن سبب علائقي ۾ قياس آرائيون آهن ۽ عوام جو اهو چوڻ آهي ڇا هي اصلاح جو گهر آهي يا موت جو گهر!

[redacted]

نوجوان نسل کي تباهي جي ڪناري تي پهچايو آهي. اڳواڻن الزام لڳايو تہ سياسي سرپرستي جي ڪري منشيات وڪرو ڪندڙن جي منشيات فروشي وڌي رهي آهي ۽ نتيجي ۾ نوجوان نسل بيمارين، ڏوهن ۽ سماجي بگاڙ جو شڪار ٿي رهيو آهي. انهن چيو تہ منشيات جي آزاد استعمال ۽ وڪرو جي ڪري ڪينسر سميت خطرناڪ بيماريون وڌي ويون آهن اڳواڻن افسوس جو اظهار ڪيو تہ بااثر منشيات فروشن جي حمايت سبب صورتحال ايتري قدر خراب ٿي وئي آهي جو اهي عنصر پوليس جي موجودگي ۾ بہ آزاد گهمي رهيا آهن پر پوليس ڪارروائي ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ بدين ضلعي مان منشيات جي لعنت جو خاتمو آندو وڃي ملوث بااثر ڊيلرن، جن ۾ انهن جا سهولتڪار بہ شامل آهن، کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو.

[redacted]

ڳوٺاڻن پاران معصوم ٻارڙن سميت ڳوٺ کان پريس ڪلب گلاب لغاري تائين هٿن ۾ مطالبن جي مڃتا جا بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي چار ڪلوميٽر تائين پيادل مارچ ڪري شهر ۾ احتجاج ڪيو جتي رياض سنڌي ۽ ايس يو پي اڳواڻ ڪامريڊ اشرف لغاري نذير احمد شاهاڻي ۽ ٻين مارچ کي خطاب ڪندي چيو تہ چونڊيل نمائندن کان وٺي تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارن تائين دانهون ڪرڻ باوجود اسڪولن ۾ استادن جي مقرري نہ ٿي ڪئي وڃي جنهن ڪري سوين شاگردن ۽ شاگرديائين جي بنيادي تعليم ۽ سندن مستقبل داءَ تي لڳل آهي هنن چتاءُ ڏنو تہ فوري طور تي مذڪوره اسڪولن تي استاد مقرر ڪري تدريسي عمل شروع ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ ڳوٺاڻا احتجاج جو دائرو وڌائيندا چو تہ تعليم ٻارڙن جو بنيادي ۽ قانوني حق آهي جنهن جي حاصلات خاطر هر فورم تي قانوني جنگ پڻ ڪئي ويندي انهي موقعي تي شاگردن ۽ شاگرديائن پاران سخت نعريبازي ڪندي اسڪولن ۾ فوري طور تي استاد مقرر ڪري تدريسي عمل شروع ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

[redacted]

جا گرم ڪپڙا ورهايا ويا ان موقعي تي الامينات ٽرسٽ جو ميمبر حاجي شيراز ملڪ رمضان گبول بالاچ گبول اوصاف گبول ۽ ٻيا موجود هئا ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو تہ ڪراچي جي مختلف ڳوٺن جي مستحق ماڻهن جي خدمت جو ڪم جاري آهي ڪوهستان پڻ هڪ پٺتي پيل علائقو جتي غربت سبب ماڻهو پريشان آهن انشاءَالله جلد ڪوهستان جي ٻين ڳوٺن ۾ مستحق ماڻهن جي وس آهر خدمت ڪئي ويندي

[redacted]

تہ 21 ڊسمبر تي سنڌياڻي تحريڪ عوامي تحريڪ طرفان لاڙڪاڻي ۾ رکيل 27 هين آئيني ترميم، ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا، ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف ضلعي ٺٽي مان ڀرپور شرڪت ڪئي ويندي. اڳواڻن ضلعي ٺٽي جو تنظيمي جائزو ورتو سموري ضلعي اندر تنظيمي ثقافتي مچ ڪچهرين جي ترتيب ڏني وئي، جنهن ۾ 8 ڊسمبر تي ڀڪهاڻ جي ڳوٺ پڪيو گلڙي ۾، 12 ڊسمبر تي جنگي سر جي ڳوٺ مولي ڏنو اوٺو ۾ ۽ جهمپير شهر سميت ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تنظيمي ثقافتي مچ ڪچهريون ڪيون وينديون. اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ ٺٽي جي ڪوهستان ۽ ساحلي پٽي جي زمينن تي موجوده حڪمران طبقو قبضا ڪري رهيو آهي، ٺٽي جي عوام کي هاڻ سڄاڳ ٿيڻو پوندو حڪمران طبقو ٺٽي جي نوجوانن کي منشيات ڏئي ٺٽي جي تعليم تباهہ ڪرڻ چاهي ٿو منشيات ڦهلائڻ ۾ هتان جا ايم پي ايز ۽ پوليس شامل آهي، عوامي تحريڪ اهيو مطالبو ٿي ڪري تہ حڪمرانن ۽ پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات بند ڪئي وڃي ۽ ٺٽي جي نوجوانن کي تعليم ڏئي روزگار فراهم ڪيو وڃي. اجلاس ۾ شاهہ محمد چانگ، منا خان لاشاريءَ، رياض عباسي، بلاول لاشاري، اسلم سمون، امان الله بروهي، ڊاڪٽر مارو خشڪ، نور محمد ڪنڀر احمد خشڪ، الله بخش بلوچ، مجاهد بلوچ سميت ٻين شرڪت ڪئي

[redacted]

جمون راڄپر وٽان آر ڊي نمبر 62 وٽان 25 فٽ گهارو لڳي ويو گهاري جو پاڻي سوين ايڪڙن تي پوکيل ڪڻڪ سرنهن ڪمند گاهہ ۽ ليمن جي باغن ۾ ڪاهي پيو جنهن آبادگارن جو لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي جڏهن تہ گهاري جو پاڻي ڳوٺ جمون خان راڄپر سميت آسپاس جي گهرن ۾ ڪاهي پيو جنهن سبب 30 کان مٽي گهر پاڻي هيٺ اچي ويا آهن متاثرن ڳوٺاڻن گهرن مان سامان ڪڍي واهہ جي ڪپرن تي رکي پناهہ ورتي آهي متاثر ڳوٺاڻن اڪبر راڄپر ڪريم بخش سڪندر ۽ ٻين احتجاج الزام لڳايو تہ گهاري جو اطلاع آبپاشي عملدارن کي بروقت ڪيو پر ايريگيشن عملدار دير سان پهتا جنهن سبب گهر ۽ فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن هنن موجب 30 کان مٽي گهر ۽ سوين ايڪڙ تي پوکيل فصل گهاري جي پاڻي سبب ٻڏي ويو آهي جنهن سبب اسان کي لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي هنن موجب واهہ جا بند ڪمزور هجڻ باوجود وڌيڪ پاڻي ڇڏيو ويو آهي جنهن سبب گهارو پيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ ٿيل نقصان جو معاوضو پرائي ڏنو وڃي تہ تہ احتجاج جو دائرو وڌائنداسين ان سلسلي ۾ آبپاشر عملدارن موجب اطلاع بعد گهاري واري هنڌ پهچي گهارو بند ڪري وڌيڪ نقصان کان مختلف ڳوٺن ۽ فصلن کي بچائي ورتو آهي

[redacted]

عباسي، اشرف عبدالر ميمڻ، دين محمد گاڏاهي ۽ ٻين پريس ڪلب ٽنڊو باگو ۾ مختلف کاتن مان رٽائرڊ ملازمن جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ هڪ ملڪ ۾ بہ قانون لاڳو آهن، بلوچستان ۽ خيبر پختون خواہ جي حڪومتن پنهنجي رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ۽ ٻيون مراعتون ڏئي ڇڏيون آهن، پر سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي پنهنجا ڪٽيل پئسا گروپ انشورنس، بينيولوينٽ فنڊ ڏيڻ کان لنوائي رهي آهي. جنهنڪري هزارين رٽائر ملازم پنهنجي جائز حق کان محروم بڻيل آهن. سنڌ جا رٽائرڊ ملازم ڪيترا دفعا روڊن اچي احتجاج ڪري چڪا آهن ۽ عدالتن ۾ ڪيس بہ ٿيل آهن، پر ساڻن انصاف نٿو ڪيو وڃي. هنن چيو تہ هاڻ رٽائر ملازمن کي وڏي تعداد ۾ نڪري سگهاري احتجاج جي تياري ڪرڻ گهرجي. انهي موقعي تي تعلقي صدر ڪريم خواجہ، پروفيسر اسماعيل ميمڻ، مهراڻ درس، اسد رستماڻي، مختيار بڪاري، علي احمد پجارو ايڊووڪيٽ جيوترام، فيض محمد اوڍيجو يوسف ملاح ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ميٽنگ ڪاٺيوءَ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي اڳواڻ سخت نعريبازي ڪندي گهر ڪئي تہ سنڌ حڪومت فوري طور تي سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس، بينيوويلنٽ فنڊ ۽ ٻيون مراعتون جاري ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري.

[redacted]

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو وڊيو لنڪ تي خطاب ڪندي پارٽي جي 58هين يوم تاسيس تي پارٽي جي قيادت ڪارڪنن جي عظيم قربانين جو لازوال ذڪر ڪيو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ڏنل عظيم قربانين تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو تہ پ پ ملڪ جي اڪيلي سر وڏي عوامي پارٽي آهي جيڪا چئني صوبن ۾ عوامي حمايت حاصل ڪندڙ پارٽي آهي، آزاد ڪشمير جي اندر پ پ جي عوامي مقبوليت مضبوط ٿي رهي آهي جنهن ۾ سنڌ پاڪستان جي اندر پارٽي جي ميمبر شپ ۾ اضافو اچي ويو آهي جيڪا ملڪي تاريخ جي اندر ڪنهن بہ پارٽي لاءِ وڏو اعزاز آهي، انهي موقعي تي وڏي وزير جي خاص معاون ضلعي چيئرمين سيد قاسم نويد، پ پ جي ضلعي صدر ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهہ بخاري، ايم پي اي خرم ڪريم سومرو، پ پ جي اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر ميرحسن ملاح منور مغل ۽ ٻين پڻ پارٽي جي 58هين يوم تاسيس تي خراج تحسين پيش ڪيو، يوم تاسيس جي تقريب ۾ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره شهلا گل، راڳي اسلم فقير، لوڪ فنڪاره سونيا سومرو ۽ ٻين فنڪارن صوفيانا ڪلام پيش ڪري يوم تاسيس جي تقريب ۾ شامل ڪارڪنن کي جهومائي ڇڏيو، رات دير تائين ميوزيڪل شو جي تقريب جاري رهي. تقريب جي دوران يوم تاسيس جي سالگرهہ جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو جنهن ۾ بدنظمي پڻ ٿي.

[redacted]

دوران ڪا ڊيڪوريشن جي ڇت تہ هجڻ ڪري عوام بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب صحيح نموني سان ٻڌي يا ڏسي نہ سگهيو. تقريب ۾ ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ايم پي اي قاسم سراج سومرو انجنيئر گيان چند ڌاراڻي. پ پ پ ضلع ٿرپارڪر جو صدر غلام حيدر سميجو سشيل ڪمار ملاڻي ۽ ٻين عهديدارن بہ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪوبہ اڳواڻ خطاب ڪري نہ سگهيو. جڏهن تہ پ پ پ جاتعلقي صدر سراج سومرو، سمير ڌاراڻي، مکي پيرولال سميت ٻيا اڳواڻ بہ موجود هئا. آخر ۾ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ خطاب ڪيو.

[redacted]

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سميت وڏي انگ ۾ عهديدارن ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جلسي کي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڊيو لنڪ تي خطاب ڪندي چيو تہ پ پ پ عوامي پارٽي آهي جيڪا غريب عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي، پ پ پ پاڪستان جي اها واحد پارٽي آهي جيڪا عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ رڌل آهي هن چيو تہ اسان جمهوريت تي يقين رکون ٿا ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي ئي اها واحد پارٽي آهي جيڪا عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي

[redacted]

عبدالله ڪوسو عارف سولنگي، عطاءَ الله بروهي، رياض ڪوسو عاشق راهوجو اعجاز سهتو ايڊووڪيٽ جام شاهنواز ڪوريجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. جن جو چوڻ هو تہ سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي اڃا تائين ڪنهن بہ قسم جو رابطو ناهي ڪيو ۽ نہ ئي احتجاج ڪندڙ استادن جا مسئلا ٻڌڻ مناسب سمجهيا آهن ويٽنگ استادن جو چوڻ هو تہ اسان IBAجي شفاف ٽيسٽ پاس ڪري 40+ نمبر وٺي ميرٽ تحت ڪاميابي حاصل ڪئي آهي سنڌ جي ڪيترن ضلعن ۾ 33 ۽ 32 نمبر وٺندڙ فيل اميدوار نوڪريون ڪري رهيا آهن ۽ اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. جڏهن تہ اصل ميرٽ پاس اميدوار 161 ڏينهن کان سخت موسم، ڏکين حالتن ۽ بيچيني باوجود رڳو انصاف لاءِ ويٺل آهن. استادن مطالبا ڪيا تہ ويٽنگ اميدوارن جون مقرريون فوري طور جاري ڪيون وڃن. سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙي پاليسي تحت ميرٽ کي مڪمل طور بحال ڪيو وڃي. فيل اميدوارن جي مقررين ۽ تبادلن جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي. احتجاج ڪندڙ سمورن ميرٽ هولڊرز سان فوري طور ڳالهين جو آغاز ڪيو وڃي.

[redacted]

پاس جي ڳوٺن سميت ضلع شهيد بينظيرآباد جي نوجوانن ۽ نياڻين کي موجوده وقت جي جديد تعليم لاءِ هڪ نئين دور جي شروعات انفارميشن ٽيڪنالاجي سان ڀرپور ٽراءِ ڪوڊ (TriCode)سينٽر جو بنياد رکيو ويو آهي سينٽر جي افتتاحي تقريب ڪيرئيٽ پوائنٽ گرامر اسڪول ۾ رکي وئي جنهن جو افتتاح شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ڊاڪٽر معراج النبي پٽي جن ڪئي ساڻس گڏ پروفيسر محمد خان ڪيريو، قاضي جاويد سنائي، پروفيسر نورالامين راجپوت ۽ پروفيسر شاهد خان جمالي جن پڻ هئا افتتاحي تقريب ۾ صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر معراج النبي چيو تہ انفارميشن ٽيڪنالاجي (IT)جديد دور جي ترقيءَ جو بنياد آهي، جيڪا تعليم، صحت، واپار ۽ رابطن کي تيز آسان ۽ موثر بڻائي ٿي ان جي ذريعي نوجوانن کي روزگار جا نوان موقعا ملن ٿا، سماجي، اقتصادي ۽ علمي واڌاري جي نوان لاءِ آسانيون پڻ پيدا ٿين ٿي جڏهن تہ نوجوانن کي نئين دور جي جديد ۽ ٽيڪنيڪل ٽيڪ ۾ (IT)انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي هن وڌيڪ چيو تہ هي سينٽر سڪرنڊ شهر ۾ نوجوانن جي تعليمي ۽ فني ترقي لاءِ هڪ اهم قدم آهي ان کان اڳ تقريب جي ميزبان ليڪچرر اسامہ لغاري آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي ٻڌايو تہ هي سينٽر جديد آءِ ٽي ڪورسز جهڙوڪ ويب ڊولپمينٽ، گرافڪ ڊيزائيننگ، ڊيٽا اينالسس، ۽ ڊجيٽل مارڪيٽنگ مهيا ڪندو هتي سڪرنڊ ۽ ڀرپاسي جي نوجوانن کي عالمي معيار جي مهارتن سان ليس ڪيو ويندو جنهن جو مقصد آهي تہ نوجوانن کي جديد دور ۾ تيزي سان تبديل ٿيندڙ دنيا سان مد مقابل ٿيڻ ۽ روزگار جي نون موقعن لاءِ تيار ڪيو وڃي آخر ۾ ٽراءِ ڪوڊ جي سي او عبدالرحمان خاصخيلي آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي ٻڌايو تہ داخلائون شروع آهن ان شاءَ الله 5 ڊسمبر کان ڪلاس شروع ڪيا ويندا افتتاحي تقريب ۾ سيد منظور شاهہ ، عبدالرب راجپوت سميت ڪئي مهمان شريڪ هئا جن کان ڪمپيٽر ڪيمچند پٽيل ترتيبوار ويچار ورتا ان کان اڳ افتتاحي تقريب ۾ پهچڻ تي سيد عباس شاهہ ۽ محمد اسلم مڪسي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو .

[redacted]

جوابدارن جي گرفتاري تائين ڌرڻي کي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهہ ڪريم ويجهو ملاڪاتيار جي پڪين واري شڪار جي ڏيئي تي 45 سالا ڳوٺاڻي حسين ملاح کي گذريل ڏينهن بيدرديءَ سان قتل ڪري لاش ڦٽو ڪيو ويو هو جنهن ڪانپوءِ هٿياربند جوابدار فرار ٿي ويا هئا وارثن جي احتجاج بعد قتل جي ايف آءِ آر گذريل رات بلڙي شاهہ ڪريم ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي جنهن ۾ قتل ٿيل حسين ملاح جي پيرسن والد جمعون ملاح جي فرياد تي ٽن جوابدارن ناظم ملاح ، حبيب جماري ۽ گلي جماري کي نامزد ڪيو ويو هو ، پوليس طرفان جوابدار گرفتار نہ ڪرڻ تي وارثن وري رات دير سان ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهہ ڪريم روڊ تي ڪپوري موري پوليس پوسٽ آڏو روڊ تي رڪاوٽون پيدا ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو آهي ، ڌرڻي ۾ متاثر خاندان جي امير ملاح ، انور ملاح ، برادري ملاح ، ملاح فورم جي ضلعي صدر منصور ملاح ، محرم ملاح ۽ ٻين الزام لڳايو آهي تہ بلڙي شاهہ ڪريم پوليس بااثر شخص جي مداخلت سبب سندس نالو ايف آءِ آر ۾ پيچ ڪرڻ کان لڪائي ڇڏيو هو جنهن ڪانپوءِ سمورن جوابدارن کي بااثر شخص پنهنجي اوطاق تي ويهاري ڇڏيو آهي پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ، جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ ڪين قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ضمانت ڪرائڻ جو موقعو ڏنو وڃي پيو جنهن جي ڪري مجبور ٿي وري احتجاجي ڌرڻو هنيو آهي ، گذريل رات وارثن کي اهو چئي ڌرڻو ختم ڪرايو ويو هو تہ قتل جي ايف آءِ آر جا سمورا جوابدار گرفتار ڪرايا ويندا ۽ سندن مرضي سان ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي پر ان جي ابتڙ ايف آءِ آر ۾ پيچ ڪندڙ بااثر شخص کي شامل نہ ڪيو ويو ۽ هاڻي جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي ، بلڙي شاهہ ڪريم جي ڊي ايس پي وزير علي شر ٻڌايو تہ اسان ايف آءِ آر بعد مک جوابدار ناظم ملاح جي گرفتاري ظاهر ڪئي آهي رهجي ويل ٻن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي جلد گرفتاريون عمل ۾ آنديون وينديون.

[redacted]

علامہ سيد شفقت عباس نقوي چيو تہ هيءَ دنيا فاني آهي، هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. پنهنجي حياتي ۾ جنهن سٺا ڪم ڪيا آهن ان کي آخرت ۾ انهن جو اجورو ضرور ملندو هن چيو تہ مرحوم زوار عاشق علي قلبوٽو پنجتن پاڪ جو حبدار هيو هو مجلسن ۽ عزاداري ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏوگڏ قصيده خواني پڻ ڪندو هو تہ رڳو ايترو پر ناظمي سميت هر دؤر ۾ شهرين سان ڏک سک ۾ گڏ رهي سندن خدمت ڪندڙ زوار عاشق علي قلبوٽو کي هميشہ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو سندس شهرين لاءِ ڪيل خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي. ان موقعي تي مولانا محمد علي ايمائي، مولانا غلام ڪاظم ايمائي، ذاڪر حسين شاهہ ۽ عبدالفتاح مغيري پڻ خطاب ڪيو آخر ۾ زوار عاشق حسين قلبوٽو جي بلند درجات ۽ ملڪي سلامتي جون دعائون گهريون ويون ۽ مؤمنين ۾ نياز امام حسين عليہ السلام تقسيم ڪيو ويو.

[redacted]

ٻاءِ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي عمرڪوٽ اسپتال آڻڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو نوجوان رياض سمون جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو روح راڙو پئجي ويو

[redacted]

جي مشهور فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. خبر موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي ضلعي قيادت ايم اين اي مير منور ٽالپر ايم اين اي پير آفتاب شاهہ جيلاني، صوبائي وزير سياحت ۽ ثقافت سيد ذوالفقار علي شاهہ، صوبائي وزير فلاح و بهبود مير طارق ٽالپر پاران پريس ڪلب اڳيان جلسو رکيو ويو جڏهن تہ جلسي ۾ ايم پي اي هري رام، نور احمد پرڳڙي، خيرالنساءَ مغل سميت وڏي وزير جي مشير جنيد بلند، پير عزت شاهہ جيلاني، لال چند اوڪراڻي،ميٽر عبدالرئوف غوري سميت مقامي پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ايم اين اي مير منور علي خان ۽ ٻين اڳواڻن پارٽي جي تاريخي ڪردار، جمهوريت لاءِ قربانين ۽ موجوده سياسي صورتحال بابت خطاب ڪيو.ان موقعي تي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي پرچم کي ڪرڻ ناهي ڏنو صدر آصف زرداري پاران 18هين ترميم جي صورت ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي آئين جو تحفظ ڪري تاريخ رقم ڪئي، آصف زرداري پاران بينظير ڪارڊ ذريعي ملڪ جي غريب عورتن کي مالي امداد پهچائڻ جو سلسلو شروع ڪيو اسان پاران اين ايف سي جي صورت ۾ سمورن صوبن کي پنهنجو حق ڏنو. هن چيو تہ ڀارت پاران ڪيل حملي جو پاڪستان جي فوج ڀرپور جوابي ڪاروائي ڪندي ڀارت جا 7 جهاز ڪيرائي پاڪستان جو نالو دنيا ۾ روشن ڪيو اسان حڪومت پاڪستان، پاڪستان آرمي سميت حڪومت پاڪستان جي خارجي پاليسين کي سلام پيش ڪيون ٿا، ڀارت کي شڪست ڏيڻ باوجود هو هن وقت بہ اسان جي ملڪ خلاف سازشون ڪري رهيا آهن، ڀارت ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي ذريعي سازشي ڪاروائيون ڪري رهيا آهن، اسان کي ڀارت ۽ افغانستان جي بارڊرن تي خطرو آهي، آئون پ پ پ جي چونڊيل نمائندن، ڪارڪنن سميت پاڪستان جي عوام کي اپيل ڪيان ٿو تہ سڀئي گڏجي پاڪستان مخالف قوتن جو مقابلو ڪرڻو آهي، هوڏانهن ضلعي قيادت پاران يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪٽڻ سميت آتشبازي ڪئي،جڏهن تہ محفل موسيقي پڻ منعقد ٿي جتي سنڌ جي مشهور فنڪارن طفيل سنجراڻي، فقير شوڪت علي سميت ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو،جلسي لاءِ پوليس پاران سخت انتظام ڪيا ويا، جلسي گاهہ جي داخلي رستن کي واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا جڏهن تہ 120 پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن کي مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ 1 اي ايس پي، 1 ڊي ايس پي، 3 ايس ايچ اوز سميت پوليس اهلڪارن ڊيوٽي ڏني

[redacted]

ڪي پ پ ايم پي اي ملڪ سڪندر خان جي ٽيم ۽ پوليس گڏيل ڪاروائي ڪندي گرفتار ڪري ورتو ٿاڻوبولاخان ڊاڪٽر چيلا رام جي گهر ۾ لڳل ڏاڙي جي ماسٽر مائينڊ کي پوليس سندس پاڙيسري ديوان جوابدار مڪيش ڪمار ڪلاڻي کي ڏاڙي لڳل سامان سميت گرفتار ڪري ورتو ٿاڻوبولاخان گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي سندس ٻين ساٿين جي لاءِ پوليس پاران گرفتارين جي لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري . ٿاڻوبولاخان پ پ ايم پي اي ملڪ سڪندر خان جي ڊاڪٽر چيلا رام جي گهر پهچي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ گذريل ڏينهن مون واعدو ڪيو هو تہ ڏاڙي ۾ ملوث جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر ڪيفر ڪردار تائين پهچائينداسين منهنجي ٽيم ۽ پوليس گڏجي ڊاڪٽر چيلا رام جي گهر ۾ ڏاڙو هڻندڙ ماسٽر مائينڊ ميڪش ڪلاڻي کي سوگهو ڪيو جنهن جي نشاندهي تي ڦر ڪيل روڪ رقم سونا زيور چانديءَ هٿ ڪيا آهن هن وڌيڪ چيو تہ ڊاڪٽر چيلا رام جي گهر ۾ لڳل ڏاڙي ۾ بلوچستان سان تعلق رکندڙ پڪتي برادري جي ماڻهن سميت ڪوهستان جا ڏوهاري پڻ شامل آهن .

[redacted]

ڪوراڻي شامل آهن جن وٽان شراب جون بوتلون برآمد ڪيون ويون آهن. ايس ايچ او مورو علي اڪبر ڪوڪر جو چوڻ آهي تہ منشيات خلاف ڪاروائيون تيز ڪيون ويون آهن جيڪو بہ وڪرو ڪرڻ يا واپرائڻ ۾ ملوث هوندو ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ سخت سزا ڏني ويندي.

[redacted]

وروهين جي چمار ۾ وفات ڪري ويو سندس جنازو نماز عيد گاهہ سينارجا بالا ۾ ادا ڪئي وئي جنازو نماز مولانا تقي محمد سومرو پڙهائي جنهن ۾ قاضي شفيق احمد پيرزادو سردار رياض حسين سهتو اڳوڻو يوسي چيئرمين سينارجا بالا رضا حسين سهتو ايڊووڪيٽ حبدار علي ڀٽو استاد نور محمد پيرزادو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيت المال خيرپور بلاول الدين پيرزادو ڊاڪٽر بشير احمد پيرزادو،استاد نياز حسين لنڊ،صحافين سنئير صحافي بائي پريس ڪلب سينارجا گلاب علي سهتو شاهد علي ڪٻر اطهر سهتوسميت استادن علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم کي آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن تہ سندس پوئين نذير احمد فهيم علي عدنان علي پيرزادو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

[redacted]

حاجي نور احمد خان پرڳڙي پڻ ساڻس گڏ هئا مير منور علي خان ٽالپر راڄا يامين ڪالوني، بلوچ پاڙي، نيو سٽي ۽ باءِ پاس روڊ تي بجلي، پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻين اهم عوامي سهولتن بابت منصوبا افتتاح ڪيا. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني، پ پ پ تعلقہ صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي، پ پ پ اڳواڻ حاجي الله رکيو دل، ٽائون وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد آرائين ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.پ پ پ ايم اين اي مير منور ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني پاران شهر ۾ ڪرايل ترقياتي ڪم قابل تعريف آهن، جيڪي سڌي طرح عوام لاءِ فائديمند ثابت ٿيا آهن. هن چيو تہ وڌيڪ منصوبا پڻ جلد شروع ڪيا ويندا تہ جيئن شهر جي عوام کي وڌيڪ سهولتون ملي سگهن. گذريل اليڪشن بابت ڳالهائيندي هن چيو تہ "اسان شهر ۾ گيس پڻ ڏني هئي ۽ ان کان اڳ پ پ پ هتي ڪلين سوئيپ ڪيو هو پر گذريل اليڪشن ۾ شهر جي عوام اسان کي هارائي ڏنو جيڪو سچي زندگي لاءِ ڏک ڏيندڙ واقعو آهي. عمران خان جي مبينا فوتگيءَ بابت هلندڙ سوشل ميڊيا خبرن تي جواب ڏيندي مير منور ٽالپر چيو تہ "مون کي عمران خان جي موت بابت ڪا خبر ناهي. الله پاڪ عمران خان کي حياتي ڏئي. اسان ڪڏهن بہ نٿا چاهيون تہ ڪو بہ سياسي مخالف مري وڃي. آصف زرداري بہ ڪيترائي سال جيل ۾ رهيو پر الله پاڪ ان کي حياتي ڏني ۽ اڄ هو پاڪستان جو صدر بڻيل آهي."

[redacted]

حڪومت سنڌ ۽ ڊي اي پي ڊي طرفان معذور ماڻهن ۾ ويل چيئر ورهائڻ جي اسڪيم تحت هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مهمان فقير امتياز علي لاشاري، محمد امين خاصخيلي، غلام مرتضيٰ ٻانهڙ، غلام مرتضيٰ ڪٻر سنڌ معذور ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر نبي بخش شر سول سوسائٽي جي ماڻهن ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب جو آغاز تلاوت قرآن پاڪ سان ڪيو ويو بعد ۾ سنڌ معذور ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر نبي بخش شر مهمانن کي اجرڪ اوڍائي پليڪار ڪيو.ان موقعي تي معذور ماڻهن ۾ ويل چيئر بلائينڊ اسٽڪ، والڪن ٽراءِ سائيڪل ۽ راشن جا بيگ ورهايا ويا. نبي بخش شر خطاب ڪندي چيو تہ معذور ماڻهن جي بهتري اسان جي ترجيح آهي، ۽ اسان هر ٽن مهينن تي اهڙا فلاحي پروگرام منعقد ڪري مدد جاري رکون ٿا.فقير امتياز علي لاشاري تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ ڊي اي پي ڊي ۽ حڪومت سنڌ طرفان معذور ماڻهن جي مڪمل سهائتا لاءِ سنڌ جي هر هنڌ پروگرام ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ معذور ماڻهن کي خوشحال رکڻ لاءِ هڪ جامع منصوبي تي عمل جاري آهي.پروگرام ۾ فلاحي طور ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر محمد حسين، سجاد نبي، شفقت حسين، محمد حيات، زاهد حسين، نجيب الرحمان، محمد ڪامل ڪٻر حبيب الله پيرزادو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

[redacted]

پارٽي لاءِ قربانين، خدمت ۽ عوامي جدوجهد جو سفر آهي. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ هزارين پارٽي ڪارڪنن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو تہ انهن جي قربانين جمهوريت کي هتي تائين پهچايو آهيغريب طبقن لاءِ سماجي تحفظ جو دائرو وڌايو ويندو مهانگائي گهٽائڻ لاءِ واضح معاشي روڊ ميپ تي عمل ڪيو ويندوهن چيو تہ ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻو آهي تہ معاشي انصاف ۽ شفافيت لازمي آهي.نفرتون ختم ڪرڻ ۽ اتحاد جي سياست لازمي آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ ملڪ کي هن وقت اتحاد، اعتماد ۽ گڏيل محنت جي ضرورت آهي دٻاءُ، انتقام ۽ تڪرارن واري سياست ملڪ کي پوئتي ڪري رهي آهي پيپلز پارٽي محبت ۽ سياسي برداشت تي يقين رکي ٿي هن چيو اسان جو پيغام نفرت نہ، محبت آهي. ورهاست نہ، گڏيل سفر آهي.پارٽي شهيدن ۽ ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪيو هوڏانهن صوبائي وزير جام خان شورو ۽ مشير حيدرآباد ڪاشف علي شورو جي اڳواڻي ۾ شورو هائوس حيدرآباد کان نڪتل ريلي ڊيالداس ڪلب پهتي جتي جلسو منعقد ڪيوويو صوبائي وزير جام خان شورو، مشير حيدرآباد ڪاشف علي شورو، وزيراعليٰ جي خاص مددگار عبدالجبار خان، ڊويزنل صدر عاجز ڌامراهہ، ڊويزنل ۽ ضلعي صدر ايم اين اي طارق شاهہ جاموٽ، جنرل سيڪريٽري وسيم راڄپوت، ڊپٽي مئير صغير احمد قريشي، ميمبر صوبائي اسيمبلي نزهت پٺاڻ، يوٿ صدر علي حيدر شاهہ ٽائون چيئرمينز پ پ پ جي يوم تاسيس جي جلسي ۾ شرڪت ڪئي جتي ڪيڪ بہ ڪٽيوويو اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽي جي سڀني شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي پارٽي جي استحڪام ۽ جمهوريت جي بقا لاءِ خراج تحسين پيش ڪيو.

[redacted]

سيڪريٽري مسرور راڄپر،ايم اين اي ذوالفقار علي ٻهڻ،ايم اين اي سيد ابرار علي شاهہ،ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو،ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهہ،ايم پي اي سيد حسن علي شاهہ،حاجي خالد مسعود چند،ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ،عبدالوحيد عباسي،فاروق پنهور،غضنفر راڄپر،پير رڪن الدين،عبيد ميمڻ،لالا توفيق چانڊيو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

[redacted]

انگ ۾ شرڪت ڪئي يوم تاسيس واري جلسي ۾ ضلعي صدر ظهير پتافي طرفان ڪراچي کان گهرايل 58 پائونڊ جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو جڏهن تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو لائيو خطاب پڻ ڏيکاريو ويو ان موقعي تي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي امداد خان پتافي . ضلعي صدر ظهير عباس پتافي . ايم اين اي ذوالفقار ستار بچاڻي . ضلع ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيرو ٽالپر . پ پ اڳواڻ ذوالقرنين ڪوڪر . ايم سي چيرمين سيد نمر حسن شاهہ رضوي . ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام محمد ڪنڀار . ٽائون چيئرمين خان محمد پتافي . تعلقہ صدر رمضان مري . تعلقہ صدر غلام قادر دل ، عبدالستار گرائو ،شهداد مري ، مير حسن مري ، شوڪت خاصخيلي ، جبران لغاري ، حاجي محمد علي درس نور محمد نظاماڻي ،راجو ٺاڪر ۽ ٻين جلسي کي خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي غريب مسڪين ۽ شهيدن جي پارٽي آهي جنهن کي ڪو بہ ختم نٿو ڪري سگهي هر دور ۾ پ پ پ خلاف سازشون ٿيون پر مخالفن کي هميشہ ناڪامي نصيب ٿي آهي چو تہ ملڪ جو عوام پ پ سان دلي محبت ڪري جنهن جو ثبوت اڄ هي عوامي سمنڊ ۽ هنن جا لڳندڙ زوردار نعرا ڏئي رهيا آهن هنن چيو تہ اڄ پاڪستان جي تاريخ جو تاريخ ساز ڏينهن آهي جڏهن ملڪ ۾ ڪا بہ عوامي پارٽي نہ هئي تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو هڪ جمهوري پارٽي ڏني جيڪا ڏينهن قيامت تائين زنده رهندي هن ملڪ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو ضياءالحق سان جهنگ وڙهي ڦاسي قبول ڪئي پر جهڪيو ڪونہ ۽ پ پ پ ڪارڪنن هميشہ پارٽي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن هنن وڌيڪ چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪي عوام کي هڪ پارٽي نہ پر هڪ عظيم تحفو ڏنو آهي شهيد بينظير ڀٽو جهڙي عظيم ليڊر ڏني ۽ هاڻ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي نانا ۽ پنهنجي ماءُ جي مشن تي هلندي ملڪي عوام جي حقن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيو آهي جنهن عالمي دنيا ۾ پاڻ مڃرايو آهي

[redacted]

تي فوت ٿي ويو اهڙو اطلاع ملڻ ڪاٺيوءَ مقامي پوليس ڪار ڊرائيور حضوربخش رند ڪار ۽ لاش کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي نوجوان کي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو وڌيڪ پوليس جاچ ڪري رهي آهي

[redacted]

وارث زخمي عورت کي سول اسپتال ڪٺائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي عورت کي طبي امداد ڏئي لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ زخمي عورت جي وارثن ٻڌايو تہ جوابدار ياسر ٽالاڻي 2 ڏينهن اڳ اسان جي گهر ۾ شراب جي نشي ۾ داخل ٿيو جنهن بعد اسين کيس ٻاهر ڪڍي پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس طرفان ڪاروائي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ اڄ وري هيبهر هن اسان جي گهر مٿان حملو اسان عورت کي گولين هڻي مرٽينگ ڪيو آهي، هن چيو تہ پوليس جوابدار کي گرفتار نہ ڪيو تہ اسين ڌرڻو هڻنداسين. هوڏانهن آخري اطلاعن تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي هئي ۽ نہ ئي ڪيس داخل ٿي سگهيو هو.

[redacted]

ٿي خاندان جا 2ماڻهون ماءُ مسمات شبانہ سينار ۽ سندس 5 سالن جي ڌيءَ دعا سينار چيپاڻجي موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن تہ حادثي جو شڪار خاندان جو مرد وارث واحد سينار زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو ويو اطلاع تي پوليس پهچي ايمبوليس وسيلي مورو اسپتال آندا جتي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش سندس وارثن حوالي ڪيا ويا تہ ڪهرام مچي ويو هر طرف روح راڙو پئجي ويوياد رهي تہ متاثره خاندان مورو مان درگاهہ نور شاهہ ننگي جي زيارت بعد پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا حادثو پيش آيو اطلاع تي ايس ايچ او قمرالدين چانڊيو محمد داڻود رند حادثي واري هنڌ پهچي ٽريڪٽر ٽرالي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

[redacted]

معطل رهي جنهن سبب گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون زخمين ۾ فيصل آباد واسي امتيان غلام عباس، عبدالرحيم ۽ ظفر شامل آهن، جڏهن تہ هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ايف ڊبليو او جي عملدارن هيٺ هيوي مشينري جي مدد سان حادثي جو شڪار گاڏين کي روڊ تان هٽائڻ جو ڪم جاري هئو جنهن سبب ٽريفڪ جي روانگي جلد بحال ڪري روڊ کولايو ويو

[redacted]

اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نہ سهندي پنهنجي زندگي جي جنگ هارائي ويٺو ۽ هو فوت ٿي ويو فوتي جو مڙهہ آبائي ڳوٺ منتقل ڪيو پيو وڃي....

[redacted]

زبير احمد جوڻيجو ليڊي ونگ جي صدر مسرت رفيق مهيسر ايم اين اي عرفان ظفر لغاري، اڳوڻو ايم اين اي عرفان ظفر لغاري، ضلع ڪائونسل چيئرمين محمد شاهہ، اڳوڻي ضلع ڪائونسل چيئرمين اشرف سولنگي، امداد حسين ڏاوچ، ڪامريڊ نظير قمبراڻي، روشن چانڊيو شهمير جهواڻ ۽ ٻين پيپلز پارٽيءَ جي تعلقا اڳواڻن وڏي تعداد ۾ جيالن ۽ عورت جياليين سان گڏ شرڪت ڪئي، پيپلز پارٽي ضلع قيادت جي طرفان جلسي کي خطاب ڪيو ويو جنهن دوران شام 4 کان 5 وڳي تائين پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جيالن سان آئيني ترميمن بابت وڊيو لنڪ ذريعي 20 فوٽ ڊگهي اسڪرين تي خصوصي خطاب ڪيو ان بعد پيپلزپارٽي ضلع قيادت طرفان 58 هين يوم تاسيس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو هر طرف جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج هئي.

[redacted]

اسپتال منتقل ڪيو ويو . جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي ٿيل ڦورن کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي . ان سلسلي ۾ پوليس ٻڌايو تہ پوليس گشت دوران اطلاع مليو تہ ڪجهہ هٿياربند ڏوهہ جي ارادي سان نائوشاهہ لنڪ روڊ تي بيٺل آهن . پوليس پارٽي پهچڻ تي هٿياربندن ۽ پوليس ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ بہ ڦورو زخمي ٿي پيا جن کي گرفتار ڪري سندن وٽان 2 عدد پسٽلز ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي . جڏهن تہ هڪ پوليس اهلڪار نظام سرگاني پڻ زخمي ٿيو آهي . جڏهن تہ زخمي ٿيل ڦورن جي سڃاڻپ لاکا روڊ واسي سجاد عرف ايٽو پٽ بچل ڏاهري ۽ علي رضا ولد هميرعلي ڏاهري طور ڪئي وئي . جڏهن تہ زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو مختلف ٿاڻن تي سنگين ڏوهن جي ڏوهن ۾ گهربل آهن . گرفتار ڦورن جو ڪرمنل رڪارڊ لاءِ سي آر او کان معلومات ورتي پيا .

[redacted]

وٽائس ڏاڙي ۾ لٽيل ڪجهہ سامان هٿ ڪري ورتو آهي ان موقعي تي ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي ايس ايچ او فرمان اگهيمر پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ مهاجر ڳوٺ واسي پريو ميگهواڙ جي گهر ۾ گهوڙي ڏاڙو هڻي ڦُر ڪندڙ 2 ڏوهاري راشد بنگلاڻي ۽ رجب بنگلاڻي کي گرفتار ڪري جاچ ڪرڻ بعد هڪ لک روپيا نقد چانديءَ جا ڪڙا 2 موبائل ۽ سامان هٿ ڪري ورتو آهي جڏهن تہ ان ڪيس ۾ ملوث 2 جوابدار گبول ۽ بنگلاڻي فرار آهن ۽ سون اڃان تائين برآمد نہ ٿي سگهيو آهي هن چيو تہ گرفتار ڏوهاري ڪوٽ غلام محمد جي ڄاڻايل وارادت سميت عمرڪوٽ ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي ڏاڙن ڦرن جي وارداتن ۾ ملوث آهن هن وڌيڪ چيو تہ ڪيس ۾ ملوث وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي تي گهر ڌڻي پريو ميگهواڙ جي فرياد تي ڏاڙي واقعي جو ڪيس داخل ڪيل آهي

[redacted]

۽ 220 واقع ٽائو بولا خان ۾ اهي، جنهن تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ موتمار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن. هن چيو تہ هو غريب هجڻ سبب بااثر ماڻهن جي دٻاءُ ۽ اثر رسوخ کي منهن ڏئي نٿو سگهي، جڏهن تہ پوليس کي شڪايت ڪرڻ باوجود ڪو بہ قدم نہ کنيو ويو آهي، جنهن سبب بيچيني وڌي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ وڌيڪ چيو تہ ڪيس ۾ سندس ڪٽنب کي بااثر ماڻهن مان جاني خطرو آهي ۽ ڪنهن بہ حادثي جي ذميوار بااثر ماڻهو ۽ مقامي انتظاميا تي هوندي. هن چيف سردار محمد عرفان پوتاڻي ۽ نبيل گبول کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي سندس زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

[redacted]

سنجي مالهي برڪت جان بجير الهہ بخش هنگورجو ۽ ٻين بہ شرڪت ڪئي ۽ مودي ۽ هندوستان خلاف سخت نعري بازي ڪندي پاڪ فوج زنده باد ۽ پاڪستان زنده باد جا ڀرپور نعرا پڻ هنيا ويا

[redacted]

عباس سولنگي شرڪت ڪئي. جڏهن تہ مرد ۽ عورت اميدوار وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن صدام سانڌائو سجاد چانڊيو عبدالغفار مغيري، فريد عباسي، مريم عباسي، شاهده پٽي، مسرت عباسي ۽ ٻين چيو سنڌ ڪابينا اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري چڪي آهي تہ 40 پلس مارڪن وارا سڀ پاس اميدوار ڀرتي ڪيا وڃن، جڏهن تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ بہ حڪم ڏئي ڇڏيو آهي تہ ٽن مهينن اندر ڀرتيون ڪيون وڃن. هنن سوال اٿاريو تہ پوءِ ٽن سالن کان ويٽنگ ۾ رکڻ، اوور ايج ڪرڻ ۽ نوڪري کان محروم رکي اسان کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ حڪومت پنج مهينن کان سندن پرامن احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهيون جڏهن تہ هن وقت بہ سنڌ جا هزارين اسڪول بند آهن ۽ 70 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. هنن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ جلد کان جلد آفر آرڊر جاري ڪري روزگار فراهم ڪيو وڃي ٻي 22 ۽ 23 ڊسمبر تي 48 ڪلاڪن لاءِ لاڙڪاڻو پريس ڪلب اڳيان بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي 25 ڊسمبر تي لاڙڪاڻو پريس ڪلب کان ڳڙهي خدابخش شهيدن جي مزار تائين پيادل مارچ ڪيو ويندو.

[redacted]

محمد عباسي سميت ٻين شرڪت ڪري سنڌي هو جمالو ۽ ثقافتي گيتن تي جهمريون هڻي ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو تقريب دوران يوگا جا مختلف سيشن ٿيا. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي ثقافت آهي جنهن جو زنده مثال 5 هزار سال قديمي تهذيب موهن جو دڙو آهي جتان جا رهواسي پنهنجي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن سان بي انتها پيار ڪندا هئا جيڪي مهمان نواز هئا. هنن چيو تہ سنڌ ڌرتي هميشہ پيار، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي، ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد پوري دنيا ۾ پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪري اهو پيغام ڏيڻ آهي تہ اسين سنڌي زنده ۽ باشعور قوم آهيون ۽ اسان کي پنهنجي ثقافت سان پيار آهي. ٻئي پاسي تقريب کان اڳ آيل مهمانن ۽ صحافين کي ناشتو پڻ ڪرايو ويو.

[redacted]

ٿا، هڪ اهڙو اڳواڻ جنهن جي نظر جرئت ۽ جمهوريت ۽ عوام سان وابستگي پاڪستان جي سياسي منظرنامي کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سياست کي محلاتن کان پاڪستان جي گهٽين تائين ۽ آخرڪار هر عام شهري جي دروازي تي آڻي اشرافيہ جي مضبوط ڪلچر کي ختم ڪيو هن "روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان" جي تاريخي نعري ذريعي ماڻهن جي عزت ۽ خود اعتمادي جو احساس بحال ڪيو جيڪو هر فرد جي بنيادي حقن جي علامت هو سندس اڳواڻي ۾ مزدور، عورتون، هاري نوڙي شاگرد سياسي ۽ سماجي طور تي بااختيار بڻيا، انهن کي آواز ڏنو جيڪي ڊگهي عرصي کان ٻڌڻ ۾ نہ آيا هئا، هن ملڪ جي ايٽمي پروگرام جي شروعات ۽ تاريخي صنعتي ۽ دفاعي ادارن جي قيام سان هڪ مضبوط ۽ خود انحصار پاڪستان جي بنياد رکي، جنهن ۾ هيوي ميڪينڪل ڪمپليڪس ٽيڪسلا، واهہ آرڊيننس فيڪٽرين ڪمرا ڪمپليڪس، پاڪستان اسٽيل ملز ۽ پورٽ قاسم شامل آهن اهي يادگار منصوبا آخرڪار پاڪستان جي قومي ترقي ۽ اقتصادي آزادي جا ٿنڀا بڻجي ويا. هن چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سڀ کان وڏي جمهوري ڪاميابي 1973 جي آئين جي متفقہ منظوري هئي جيڪو پاڪستان ۾ پارلياماني جمهوريت جو بنياد آهي. سندس مهارت واري سفارتڪاري هندستان کان 90 هزار پاڪستاني جنگي قيدي واپس آندا ۽ وزيراعظم اندرا گانڌي سان پرامن ڳالهين ذريعي پاڪستان جي علائقي جو 5,000 چورس ميل واپس آندو جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ بي مثال رياستي ڪاميابي آهي، هڪ سچو محب وطن ۽ هڪ بصيرت رکندڙ سياستدان، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو محروم طبقن لاءِ اميد جي ڪرڻ هو هن هڪ اهڙي پاڪستان جو خواب ڏٺو جتي موقعو انصاف، عزت نفس ۽ وقار هر شهري جو حق هجي سندس جدوجهد، قربانيون ۽ ڪاميابيون نسلن کي متاثر ڪنديون رهنديون ۽ جمهوريت، عوامي طاقت ۽ سماجي انصاف تي يقين رکندڙ سڀني لاءِ رهنمائي جو ذريعو رهنديون.اڄ جڏهن اسين سڀ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا پوئلڳ پيپلز پارٽي جي قيام جي 58 هين سالگرهہ ملهائي رهيا آهيون، اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دانشمي ورثي کي سلام پيش ڪريون ٿا، اهو اڳواڻ جنهن قوم جي تقدير بدلائي ۽ پاڪستان جي عوام جي سياسي شعور کي جاڳايو

[redacted]

محرابپور ۾ ٿاڻي جو ٿيل مرمتي ڪم جو افتتاح ڪرڻ ۽ رٿيل کلي ڪچهري دوران تقريب کي خطاب ۽ صحافين سان ڳالهائيندي ايس ايس پي روحل کوسو وڌيڪ چيو تہ ٿاڻن تي سٺا آفيسر ۽ اهلڪارن جي مقرري پهرين ترجيحي آهي تہ جيئن عوام کي سٺو ۽ ترت انصاف فراهم ٿي سگهي ۽ ڪنهن بہ مسڪين غريب سان ڪا زيادتي برداشت نہ ڪئي ويندي ايس ايس پي روحل کوسو وڌيڪ چيو تہ کلي ڪچهري جو مقصد عوام کي سندن دروازي تي انصاف فراهم ڪرڻ آهي هن چيو تہ ڏوهارين منشيات فروشن ۽ وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي جن جو مڪمل صفايو تڏهن ٿيندو جڏهن شهري پوليس سان سهڪار ڪندا هن چيو تہ شهرين پنهنجي آسپاس نظر رکن ۽ پنهنجن ٻارڙن کي وڌ کان وڌ سٺي تعليم سان نوازي ڪين هڪ سٺو آفيسر ڪن هن چيو تہ منهنجي آفيس جا دروازا هر وقت کليل آهن عوام بنا ڪنهن فرق جي مسئلا کڻي روبرو اچن جڏهن تہ کلي ڪچهري دوران محرابپور ۽ پسگردائي سميت تعلقي جي مختلف ٿاڻن جي حد جي رهواسين مختلف درپيش مسئلن جون شڪايتون ڪيون جنهن تي ايس ايس پي روحل کوسو موقعي تي احڪامات جاري ڪيا جڏهن تہ محرابپور سميت مختلف ٿاڻن جا ڊي ايس پيز ۽ ايس ايچ اوز پڻ شريڪ هئا.

[redacted]

صدر ڊاڪٽر نور علي شاهہ ،پ پ ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر ضلعي چيئرمين حاجي محمد بقا پلي، جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو چيئرمين ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ حاجي خالد سراج سومرو، انفارميشن سيڪريٽري گهنشام بجيس عباس علي رند ، مهر غلام مصطفيٰ چاڪر مري، ڪانجي مل ميگهواڙ منشار آريسر سميت ضلعي عهديدارن، ضلعي ڪائونسل ميمبرن، يوسي چيئرمينن ۽ عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پارٽي سان محبت ۽ وابستگي جو ڀرپور اظهار ڪري خطاب ڪندي چيو تہ اڄ پوري ملڪ ۾ پيپلزپارٽي جي 58هين يوم تاسيس شاندار نموني ملهائي لکين ماڻهون گڏ ٿي پارٽي سان پنهنجو عشق ۽ وابستگي جو ثبوت ڏئي رهيا آهن، پيپلزپارٽي هڪ خالص عوامي ۽ جمهوري پارٽي آهي، جنهن جون پاڙون هن ملڪ جي ماڻهن جي دلين ۾ کوتل آهن، ڪابہ طاقت، لالچ يا دٻاءُ جيالن کي پارٽي کان ڌار نٿي ڪري سگهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ 58 سال اڳ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پيپلزپارٽي جو بنياد رکيو ۽ شهيدن پنهنجي رت سان پارٽي کي زنده رکيو پيپلزپارٽي اڄ بہ عوام جي دلين ۾ ڌڙڪي ٿي ۽ هميشہ رهندي، هن پارٽي جو سفر هڪ اهڙو درياهہ آهي جيڪو سدائين وهندو رهندو ڪنهن جي اچڻ يا وڃڻ سان هن جي لهرن ۾ ڪابہ گهٽتائي نٿي اچي، اڳواڻن چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جو نظريو ۽ مشن اڄ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري اڳتي وڌائي رهيا آهن، ملڪ کي بحران مان آصف علي زرداري ڪڍيو ۽ پيپلزپارٽي اڄ بہ عوام جي اميدن ۽ اعتماد جو مرڪز بڻيل آهي، جلسو جوش، جذبي ۽ نعريبازي سان پڄاڻيءَ تي پهتو

[redacted]

شرڪت ڪئي، تقريب جي صدارت ضلعي صدر گل محمد جکراڻي ڪئي جڏهن تہ جنرل سيڪريٽري الطاف احمد کوسو انفارميشن سيڪريٽري رضا مراد جاکڙ ۽ ٻين اڳواڻن بہ شرڪت ڪري تقريب جي اهميت ۾ اضافو ڪيو تقريب دوران مقرر اڳواڻن پاڪستان پيپلزپارٽي جي ملڪ ۾ ڪيل سياسي جمهوري ۽ عوامي جدوجهد کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هنن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو محترمہ بينظير ڀٽو ۽ شهيد پارٽي جي ٻين شهيدن کي ياد ڪندي انهن جي لازوال قربانين کي سلام پيش ڪيو خطاب ڪندڙ اڳواڻن چيو تہ پيپلزپارٽي گذريل 58 سالن دوران هر ڏکئي مرحلي ۾ عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ مستقبل ۾ بہ جمهوريت جي مضبوطي عوامي حقن جي حفاظت ۽ سنڌ سميت سڄي ملڪ جي ترقي لاءِ جدوجهد جاري رکندي، تقريب جي آخر ۾ يوم تاسيس جو روايتي ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن تہ ڪارڪنن پاران پارٽي قيادت جي طويل سياسي خدمتن جي اعتراف ۾ زوردار نعرا هنيا ويا پوري تقريب جو ماحول جذبي ولولن ۽ پارٽي محبت سان ڀريل رهيو

[redacted]

ضروري آهي جاڪاڻ تہ هڪ نياڻي پڙهي تہ سڄو گهر پڙهيو سنڌ جي خوشحالي لاءِ عورتن ۽ نياڻين کي پڙهائڻ گهرجي، سنڌ جي ثقافت پراڻي تهذيب آهي جيڪا نہ وسارڻ گهرجي، هر قوم پنهنجي ثقافت ملهائيندي آهي ۽ اسان بہ 7 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهائينداسين، هنن وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي ثقافت نہ رڳو اجرڪ ٽوپي پٽڪو پر اخلاق لحاظ ۽ مهمان نوازي اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي ثقافت آهي اسان جي سنڌ ۾ ڪيڏا بہ ڦڏا فساد ۽ خونريزي ٿيندي آهي جنهن کي ٽارڻ لاءِ اسان ميڙ منٿ قافلو وٺي ويندا آهيون تہ اڳين ڌر ان ميڙ منٿ قافلي کي مان ڏئي سڀ ڳالهيون ختم ڪري فيصلو ڪرڻ لاءِ راضي ٿي پوندي آهي اها ب اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي ثقافت مهمان نوازي ۽ سڃاڻپ آهي ان ڪري اسان هن ڏينهن کي عيد جي خوشين جيان ملهائيندا آهيون ۽ هن دفعي بہ زبردست نموني ملهائيندا سين

[redacted]

عبدالحميد پنهور وائيس چيئرمين ممتاز جلباڻي پ پ اڳواڻ پير رحمائي ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ اڳوڻو ايم پي اي غلام قادر پليجو ايم پي اي رخسانہ شاهہ پ پ ٺٽي جي ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي سميت هزارين ڪارڪنن اڳواڻن نوڙي پيپلزيوٿ سپاف پيپلزهاري ڪميٽي سميت مختلف ذيلي تنظيمن جا عهديدار ڪارڪن ۽ جيالا شريڪ ٿيا يوم تاسيس جي جلسي ۾ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي لائيو خطاب ٻڌو ويو جڏهن تہ صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري پاران محسن هائوس تي جلسي ۾ پ پ جي يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽي آتشبازي پڻ ڪئي وئي.

[redacted]

اصولن تي قائم رهندي عوام جي خدمت ڪرڻ گهرجي ۽ شهيد ڀٽو خاندان جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻو آهي" بلاول ڀٽو جو خطاب ٻڌڻ لاءِ گولاڙجي ترائي، ڪوروواهہ، ڪوٽيو گهنون سيرا بن نئي ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺن مان ڪارڪن پهتا ڊي جي هال کي پارٽي جي جهنڊن، ترائن ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ آصف علي زرداري جي تصويرن سان سينگاريو ويو. جڏهن تہ اسٽيج تي مقامي اڳواڻن پڻ خطاب ڪندي چيو تہ "پارٽي جي بنياد مضبوط آهي ۽ هر ڪارڪن کي متحد رهي عوام جي خدمت ڪرڻي آهي" تقريب ۾ پ پ قيادت مان خاص طور تي ايم پي اي تاج محمد ملاح، صوبائي وزير اسماعيل راهو تنزيلا قمبراڻي، ڊاڪٽر دودو مهيري، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ضلعي ڪائونسل چيئرمين اصغر هاليپوٽو ۽ اسلم راهو شرڪت ڪئي. جلسي ۾ عورتن جي پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ٿي، جتي عورت ڪارڪنن پارٽي ترانا ڳايا ۽ پارٽي قيادت لاءِ نعرا هڻي پنهنجي وفاداري جو مظاهرو ڪيو. گولاڙجي ۾ يوم تاسيس جي تقريب پ پ ڪارڪنن جي نئين جذبي، پارٽي سان مضبوط وابستگي ۽ سياسي شعور جو شاندار منظر پيش ڪيو.

ڪنڌڪوٽ لڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل، جوابدار فرار

ڳوٺ رئيس بهادر خان چاچڙ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ محمد خان چاچڙ زخمي ٿي پيو

پوليس واقعي هنڌ پهچي زخمي کي ڪنڌڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو، جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌنو

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، ڪيس داخل نه ٿيو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوليمار جي علائقي الڪ هوٽل جي سامهون ڳوٺ رئيس بهادر خان چاچڙ ۾ هوٽل تان مزدوري ڪان لهي پنهنجي ٻچن لاءِ هٽ ۾ ڪير ڪٽي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس حوالي سان جلسو

ڊي سي چوڪ تي تقريب ۾ مختلف ذيلي تنظيمن جي اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا

شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ شهيد راڻي ملڪ جي بقا ۽ ترقي لاءِ جان قربان ڪئي: شير محمد مغيري

جيڪب آباد (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي جيڪب آباد جي ڊي سي چوڪ تي جلسو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پي پي پي جي مختلف ذيلي تنظيمن جي اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا، جڏهن ته پي پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري جي اڳواڻي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پ پ يوم تاسيس جي جلسي کي بلاول ڀٽو آنلائين خطاب ڪري رهيو آهي

ڪپرو ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿيڻ سبب پورهيت فوت

ڳوٺ مير حسن مري وٽ حادثي ۾ 40 ورهين جو راڄچند فوت ٿي ويو

پورهيت جو لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد گهر پهچڻ تي ڪهرام

ڪپرو (ن ع) ڪپرو ويجهو ڳوٺ ميرحسن مري ۾ ٻلال سان ڀريل ٽريڪٽر ٽالي ڪلٽي ٿي پئي ٽريڪٽر اندر ويٺل 40 ورهين جو راڄچند ولد نور ڪولهي فوت ٿي ويو فوتي جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽري ميرواهه لڳ ڳم ٿيل نوجوان جو لاش ڪنڊيارو پرسان روهڙي ڪئنال مان هٿ

ٽري ميرواهه(ن ع) ڳوٺ سيٺارجا بالا مان 14 ڏينهن اڳ ڳم ٿيل 15 سالا نوجوان ذاڪر ملاح جو لاش ڪنڊيارو پرسان روهڙي ڪئنال مان هٿ نوجوان جي وارثن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ ثقافتي سڏ تي ڳوٺ پير مهاڻن تي سگهڙ ڪچهري، ڏور بيت، پراون، ڳجهارتون ۽ سينگار پيش ڪيا ويا

سڪرنڊ (ن ع) سنڌي ميڊيا جي ثقافتي سڏ کي مان ڏيندي سنڌ جي نالي واري سگهڙ، مزاحيه ڪردار ۽ اوطاقي شخصيت علي شير لاڪو پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ پير

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ شهري اتحاد ، سول سوسائٽي جي پاران ثقافتي رنگن سان جاڳرتا ريلي

ريلي شهر جي مختلف چوڪن تان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جتي ريلي جلسي جي صورت اختيار ڪري ورتي

جلسي کي نور حسن ڪوڪر، مير سرفراز ٽالپر، زاهد ڪرلاڇي ، جمن ميرجت ، ايڊووڪيٽ منظر لغاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

7 ڊسمبر تي ملاڪڙا، مشاعرا، سگهڙ ۽ مچ ڪچهريون، اسڪولن ڪاليجن ۾ تقريبون منعقد ڪيون وينديون: مقرر

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ: ذوالفقار چانڊيو) ٽنڊو محمد خان ۾ شهري اتحاد ، سول سوسائٽي جي طرفان ثقافتي قومي عيد جي ڏهاڙي جي جاڳرتا لاءِ اسٽيشن روڊ کان شاندار ريلي ڪڍي وئي ، جيڪا شهر جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز:فوت ٿيل نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

هنگورجا ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس جي اميدوارن جو آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن شهباز ملڪ، رضوان ميراڻي، گلزار اوٺو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيڪڏهن جلد آرڊر نه مليا ته 27 ڊسمبر تي شهيد راڻي جي مزار آڏو تاريخي ڌرڻو هڻنداسين

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي 40 پلس جي اميدوارن پاران نوڪرين جا آرڊر نه ملڻ خلاف هنگورجا ۾ شهباز ملڪ رضوان ميراڻي گلزار اوٺو، اظهر اوٺو، قادر شيخ الفت ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد رورل هيلٿ سينٽر ۾ عملي، ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاج

شهري اتحاد نصيرآباد پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ ٻارنهين ڏينهن به جاري رکيو ويو

اسپتال جي تعمير، ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

نصيرآباد (ن ع) تعلقا اسپتال نصيرآباد جي عمارت جي تعمير ٻارنهن ورهين کان نامڪمل هئڻ رورل هيلٿ سينٽر ۾ عملي ڊاڪٽرن ۽ حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد نصيرآباد پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ ٻارنهين ڏينهن به جاري رهي، سردي باوجود شهرين، شاگردن،

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: نوجوان اتحاد پاران تَوا کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪرنڊي پوليس کي چاليهه سالا نامعلوم شخص جو لاش هٿ، وارثن جي ڳولا جاري

ڪرنڊي (ن ع) ڪرنڊي ريلوي ويجهو پوليس کي چاليهه سالا نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي جنهن جي سڃاڻپ ٿي نسگهي آهي پوليس پاران ڳولا جاري آهي

ٿاڻو بولا خان ويجهو سماجي تنظيم پاران عورتن ۽ ٻارڙن ۾ سردي کان بچاءَ جا گرم ڪپڙا ورهايا ويا

ٿاڻو بولا خان (ن ع)ٿاڻو بولا خان ويجهو ڳوٺ خان محمد پالاري ۾ الاميسات ويلفيئر ٽرسٽ پاران ڳوٺ جي مستحق ماڻهن عورتن ۽ ٻارڙن ۾ سردي کان بچاءَ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس، ڪارڪردگي جون رپورٽون پيش

ٺٽو (ڊ ر) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس ضلعي صدر رزاق چانڊيو جي صدارت هيٺ مڪلي تي ٿيو اجلاس ۾ تعلقن ۽ برادر محاذن جي ڪارڪردگي جون رپورٽون پيش ٿيون آئينده لاءِ اهم رٿابندي اجلاس ۾ اڳواڻن ڳالهائيندي چيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

فيض گنج لڳ واهه ڪي 25 و ڳهارو، سوين ايڪڙ فصلن ۽ گهر پاڻي هيٺ

ويهون واهه کي ڳوٺ جمون راڄپر وٽان آرڊي نمبر 62 وٽان 25 فوٽ ڳهارو لڳو

ڳهاري سبب پوکيل ڪڻڪ سرنهن، ڪمند، گاهه ۽ ليمن جي باغ پاڻي هيٺ اچي ويا

فيض گنج (ن ع) فيض گنج پرسان ويهون واهه ڪي 25 فٽ ڳهارو سوين ايڪڙ فصلن ۽ 30 گهر پاڻي هيٺ اچي ويا متاثرن جو احتجاج معاوضو ڀري ڏيڻ جو مطالبو ايريگيشن عملدارن پهچي چئين ڪلاڪن بعد ڳهارو بند ڪري ورتو رپورٽ موجب فيض گنج پرسان ويهون واهه کي ڳوٺ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ويجهو قتل ٿيل حسين ملاح جي وارثن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو، روڊ بلاڪ

وارثن بلڙي شاهه ڪريم روڊ تي پوليس پوسٽ آڏو روڊ تي رڪاوٽون رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ٽريفڪ معطل

پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ کين قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ضمانت ڪرائڻ جو موقعو ڏئي رهي آهي:مظاهرين

ايف آءِ آر ۾ ٻيچ ڪنڌڙ باثر شخص جو نالو شامل ناهي ڪيو ويو، هاڻي جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ کان لنوائي پئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ويجهو شڪارگاهه تي قتل ٿي ويل 45 سالا ڳوٺائي حسين ملاح جي وارثن طرفان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ٻي ڏينهن رات جو احتجاج ، ڌرڻو ، روڊ بلاڪ ، مڪ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ رٽائرڊ ملازمن جو سنڌ حڪومت خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين گروپ انشورنس ۽ بينيوولينٽ فنڊ نه ڏيڻ تي نعريبازي ڪئي

سنڌ حڪومت فوري مراعتون جاري ڪري بيچيني ختم ڪري: مظاهرين

ٽنڊوباگو(ت ر) ڳريوا سنڌ ضلع بدين جي صدر عبدالقادر چانڊيو جنرل سيڪيٽري بهادر ڪاليرو ۽ ضلع اڳواڻن محمد حنيف

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ ڦليپوٽا برادري جي معزز شخصيت ۽ اڳوڻي ناظم مرحوم زوار عاشق حسين ڦليپوٽو جي ڏهين ورسي ملهائي وئي

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ ڦليپوٽا برادري جي معزز شخصيت ۽ اڳوڻي ناظم مرحوم زوار عاشق حسين ڦليپوٽو جي ڏهين ورسي ملهائي وئي ان موقعي تي سندس روح کي ايصال ثواب بخشڻ لاءِ حيدر هائوس تي مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ باڊهه ۽ ڀرپاسي جي مؤمنين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مجلس کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ نوجوان سائيڪل تي ٻارن جا رانديڪا وڪرو ڪري رهيو آهي

موررو پوليس پاران ٻن جوابدارن کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

موررو (ن ع) موررو پوليس ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي سوگهو ڪري ورتو جن ۾ معشوق ولد الهه وسايو لاشاري ۽ شاهنواز ولد انور

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا بالا جي معزز شخصيت استاد خدا بخش پيرزادو 85 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو

ٽري ميرواهه(ن ع) ڳوٺ سيٺارجا بالا جي معزز شخصيت استاد خدا بخش پيرزادو 85

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ پ پاران يوم تاسيس جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ سيد قاسم نويد ، اعجاز حسين شاهه بخاري ، خرم ڪريم سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

پ پ ملڪ جي چئني صوبن ۾ عوامي حمايت حاصل ڪندڙ پارٽي آهي: بلاول ڀٽو جو ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ طرفان مير غلام علي پارڪ ۾ يوم تاسيس جي تقريب دوران پ پ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ پ پ جو يوم تاسيس جو جلسو منعقد

تقريب ۾ مهيش ملاڻي، شير محمد بلالاڻي، قاسم سراج ۽ ٻين جي شرڪت

مٺي (ڊ ر) مٺي ۾ به پ پ پاران يوم تاسيس جو جلسو صادق فقير چوڪ تي منعقد ڪيو ويو ۽ اسڪرين تي ڪليل اس

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران 58 هون يوم تاسيس تي جلسو منعقد

جلسي ۾ مير بابر لنڊ، ڄام اڪرام الله ڌاريجو سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن جي شرڪت

پ پ ئي اها واحد پارٽي آهي جيڪا عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي: بلاول ڀٽو جو ويڊيو ذريعي لنڪ خطاب

ميرپور ماٿيلو (ن ع) پ پ پ جو 58 هون يوم تاسيس جي موقعي تي گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ يوم تاسيس جي حوالي سان شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي گهوٽڪي ضلعي جي صدر ۽ وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: پ پ يوم تاسيس جي جلسي ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ پ پ ايم اين اي مير منور ٽالپر پاران ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح

ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني پاران شهر ۾ ڪرايل ترقياتي ڪم قابل تعريف آهن:منور ٽالپر

وڌيڪ منصوبا پڻ جلد شروع ڪيا ويندا ته جيئن شهر جي عوام کي وڌيڪ سهولتون ملي سگهن

مون کي عمران خان جي موت بابت ڪا خبر ناهي، اسان ڪڏهن به نٿا چاهيون ته ڪو به سياسي مخالف مري وڃي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) پ پ پ ايم اين اي مير منور علي خان ٽالپر ڪوٽ غلام محمد شهر جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي پ پ پ ايم پي اي رئيس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ميرپورخاص روڊ تي هڪ ڀٽي تي ڳُڙ تيار ڪيو پيو وڃي

SAVE SINDH MARCH

گولاڙچي : سنڌ بچايو مارچ گولاڙچي مان گذري رهيو آهي

سنڌين نيشنل ڪانگريس جو پيادل مارچ گولاڙچي پهتو، شاندار استقبال

سنڌ ۾ جبري گمشدگين جو خاتمو ۽ هارين لاءِ مناسب اگهه مقرر ڪيا وڃن:مظاهرين

سنڌ جي زمين، وسيلن، ماحول ۽ انساني حقن لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين

گولاڙچي(ت ر) سنڌين نيشنل ڪانگريس جو سنڌ بچايو پيادل مارچ عورتن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت، سجاول شهر کان سنڌين نيشنل ڪانگريس پاران شروع ڪيل پيادل مارچ بلوري ڪورواهه ڪڙيو گهنور کان ٿيندو گولاڙچي ٽائين پهتو جتي قافلي جو ڀرپور استقبال ڪيو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر ڪٽائي خلاف پنجين به بک هڙتال جاري

ڪئمپ تي شيعا علماءِ ڪائونسل اڳواڻ سيد ناظر عباس، ارباب احسان ۽ ٻيا پهتا

حڪمران ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ماڻهن کان روزگار کسي رهيا آهن:سيد ناظر عباس

ننگرپارڪر (ن ع) ڪارونجهر ڪٽائي خلاف ننگرپارڪر ۾ پنجين ڏينهن به بک هڙتال جاري بک هڙتالي ڪئمپ تي شيعا علماءِ ڪائونسل جي مرڪزي ايڊيشنل سيڪريٽري سيد ناظر عباس نقوي ،ارباب احسان ،علامه ذيشان علي حيدري المشهدي ۽ ٻيا پهتا بک هڙتالي ڪئمپ تي ميڊيا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪارونجهر صرف پٿرن جو ڍڳ
ناهي هي امرويلي ڪولهي
جو مور جو آهي
#SAVE
KAROONJHAR

ننگرپارڪر: ڪارونجهر جي بچاءَ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيٺارجا لڳ نوجوان ناري فوت، پوليس پاران خودڪشي ڪرڻ جو شڪ

ناري فرحانه دم جي مرض وگهي گمس اسپتال ۾ فوت ٿي آهي: وارث

پوليس لاش ضروري ڪٽائي پوسٽ مارٽم ڪيو آهي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا پرسان ڳوٺ ڏينگل خان ويسر ۾ 16 سالا ناري فرحانه ڌيءَ گل حسن ملاح پاران مبينه طور تي زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي اطلاع تي سيٺارجا پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ميرواهه اسپتال ڪٽائي وٺي جتي سنڌس جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو . پوليس موجب ناري جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز جيل ۾ هڪ ٻيو قيدي پنهنجي زندگي وڃائي ويٺو

قيدي امير علي لاشاري کي سيني ۾ سور پوڻ سبب سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

امير بخش کي حالت گهڻي خراب هجڻ ڪري اين آءِ سي وي ڊي نيو پئي ويو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو

نوشهروفيروز(ن ع)جيل يا موت جو گهر سهولتن جي کوٽ سبب هن هفتي نوشهروفيروز جيل ۾ هڪ ٻيو قيدي پنهنجي زندگي وڃائي ويٺو جيل اختيارين موجب نوشهروفيروز ضلعي جيل جي قيدي امير علي لاشاري کي اوچتو سيني ۾ سور پوڻ سبب سول اسپتال نوشهروفيروز منتقل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ وڌندڙ منشيات جي وڪري خلاف لاڙ سجاڳ تحريڪ جو احتجاج

ضلعي ۾ گٽڪو چرس، ۽ سفيد سميت خطرناڪ دوائن جو سرعام وڪرو پيو ٿي:مظاهرين

پوليس ڪارروائي ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي، منشيات جي لعنت جو خاتمو آندو وڃي

بدين (ڊ ر) بدين ۾ وڌندڙ منشيات جي وڪري خلاف لاڙ سجاڳ تحريڪ طرفان خليفه طارق ميمڻ، سيد زين شاهه شجاعت خواجه، ڪاشف قمراڻي ۽ ٻين اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته بدين ضلعي ۾ گٽڪو چرس، ٺري ۽ سفيد سميت خطرناڪ دوائن جي کليل وڪرو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

يوسي نصير لغاري ۾ بند پيل اسڪول کولرائڻ لاءِ چار ڪلوميٽر پيادل مارچ

سوين ڳوٺاڻن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي مارچ ڪري سخت نعريبازي ڪئي

چونڊيل نمائندن توڙي تعليم جي اعليٰ عملدارن کي دانهون ڏنيون آهن:مظاهرين

ٻارن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي، فوري طور تي اسڪول کولي استاد مقرر ڪيا وڃن

گلاب لغاري (ن ع) چمبڙ تعلقي جي يوسي نصير لغاري جي ڳوٺ مولوي پير محمد چانڊيو ڳوٺ احمد علي لغاري ۽ ڳوٺ پير حسين شاهه جيلاني جي بند ڪيل پرائمري اسڪولن کي کولرائڻ ۽ انهن ۾ استادن جي مقرري لاءِ رياض سنڌي، مير حسن چانڊيو ۽ عبدالحميد چانڊيو جي اڳواڻي ۾ سوين

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: ٻارڙا اسڪول ۾ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

موررو ۾ آءِ بي پاس اميدوارن جي سان اظهار يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين عبدالله ڪوسو، عارف سولنگي، عطاءُ الله بروهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

161ڏينهن کان ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندڙ استادن کي آرڊر ڏنا وڃن: مظاهرين

موررو (ن ع) سنڌ جي مختلف ضلعن مان تعلق رکندڙ IBAپاس 40+ PST/JEST ويٽنگ استادن کي 161 ڏينهن کان ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پنهنجي ميرٽ جي حق ۽ جائز مقررين لاءِ پرامن ڌرڻو جاري آهي جنهن سان اظهار يڪجهتي لاءِ موررو ۾ پر امن احتجاج ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ موٽرسائيڪل ۽ سوزوڪي ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، ڀاءُ زخمي

چور وٽ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان رياض اڪبر سمون ٽڙي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي فوتي جي ڀاءُ رياض ۽ لاش کي اسپتال آندو، لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

عمرڪوٽ (ڊ ر)عمرڪوٽ لڳ چور وٽ رات دير سان موٽرسائيڪل ۽ سوزوڪي وچ ۾ زوردار ٽڪر سبب نوجوان رياض اڪبر سمون فوت ٿي ويو ۽ سندس

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ نوجوانن ۽ نياڻين لاءِ انفارميشن ٽيڪنالاجي ٽراءِ ڪوڊ سينٽر جو بنياد رکيو ويو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر توڙي اس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ پ پ جي 58هين يوم تاسيس تقريب، ڪيڪ ڪٽي آتشبازي ڪئي وئي

پريس ڪلب اڳيان جلسي ۾ مير منور ٽالپر، پير آفتاب شاهه ۽ ٻين ڪيڪ ڪٽيو ويو

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ويڊيو لنڪ ذريعي ڪارڪنن کي خطاب ڪيو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ)پ پ پ جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي مقامي قيادت پاران پريس ڪلب اڳيان جلسو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب، اڳواڻن پاران يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪٽڻ سميت آتشبازي ڪئي، محفل موسيقي پڻ منعقد ٿي جتي سنڌ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٿاڻي بولاخان پوليس پاران ڌاڙي جي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽر چيلا رام جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي جي ماسٽر مائينڊ مڪيش کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدار جي نشاندهي تي سندس ٻين ساٿين جي گرفتارين لاءِ ڇاپا هڻي رهيا آهيون

ٿاڻوبولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان جي پٽائي ۽ پاڙي ۾ ڪي ڏينهن اڳ ڊاڪٽر چيلا رام جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي ۾ ملوث مک جوابدار

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽري ميرواهه ۾ حڪومتِ سنڌ ۽ ڊي اي پي ڊي پاران معذورن ۾ ويل چيئر تقسيم ڪيون ويون

ٽري ميرواهه (ن ع) ٽري ميرواهه ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

صوبن کي پنهنجو مڪمل حق ملڻ گهرجي؛ حيدرآباد ۾ يوم تاسيس جو جلسو

اسان آئين جي مضبوطي ۽ ملڪ جي ترقي خوشحالي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون

ملڪ ۾ آئيني عدالت جوقائم ٿيڻ جمهوريت جي ڪاميابي آهي: بلاول ڀٽو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ حيدرآباد سميت سڄي ملڪ ۾ ٿيندڙ جلسن کي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خطاب ڪندي چيوته پيپلز پارٽي جي تاريخي جدوجهد، جمهوريت جي بقا، معاشي استحڪام، نوجوانن لاءِ پنهنجي خطاب جي شروعات ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 58 سال پيپلز

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ پ پ پاران يوم تاسيس جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

تقريب ۾ سهيل اختر عباسي، مسرور راڄپر، ذوالفقار ڀهڻ سيد ابرار شاهه ۽ ٻين جي شرڪت

وڏي اسڪرين ذريعي لائيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪارڪنن کي خطاب ڪيو

نوشهروفيروز(ڊ ر)يوم تاسيس جي حوالي سان نوشهروفيروز جي پبلڪ پارڪ ۾ هڪ وڏي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ هڪ وڏي اسڪرين ذريعي لائيو بلاول ڀٽو زرداري جي تقرير ٻڌي وئي بعد ۾ تقريب کي نوشهروفيروز جي ضلعي قيادت پ پ ضلعي صدر سهيل اختر عباسي،جنرل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پ پ غريب مسڪين ۽ شهيدن جي پارٽي آهي، جنهن کي ڪو به ختم نٿو ڪري سگهي:امداد پتافي

هر دور ۾ پ پ پ خلاف سازشون ٿيون پر مخالفن کي هميشه ناڪامي نصيب ٿي آهي:ستار ٻڇاڻي

ملڪ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو ضياءالحق سان جهنگ وڙهي ڦاسي قبول ڪئي پر جهڪيو ڪون:پپو ٽالپر

پيپلز پارٽي جو 58هون يوم تاسيس پيپلز سيڪريٽريٽ پتافي هائوس تي ملهايو ويو، 58 پائونڊ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جو 58هون يوم تاسيس پيپلز سيڪريٽريٽ پتافي هائوس تي ملهايو ويو يوم تاسيس جي جلسي ۾ ضلعي جي ٽنهي تعلقن مان هزارين پ پ پ جيالن ۽ ڪارڪنن وڏي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: پ پ جلسي ۾ اڳواڻ ۽ ڪارڪن شاريڪ آهن

ڳاڙهي ويجهو ڪار جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳاڙهو (ن ع) ڳاڙهي ويجهو دانداري ڳوٺ جو 24 سالا نوجوان صدام حسين ماڇي ڪنهن ڪم سانگي ڪيٽي بندر جي موجدائي ڳوٺ وٽ رڪشي مان لهو ته پويان ايندڙ الٽو ڪار جي ٽڪر سبب ٿلهي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو: فوت ٿيل نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

جيڪب آباد ۾ جوابدار گهر تي ڪاهه ڪري عورت کي زخمي ڪري ڇڏيو

جان محمد ٽالاڻي ڪالوني ۾ جوابدار ياسر ٽالاڻي هدايتان لغاري کي زخمي ڪيو

زخمي عورت کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان نازڪ حالت ۾ لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد جان محمد ٽالاڻي ڪالوني ۾ معمولي ڳالهه تان ياسر ٽالاڻي گهر ۾ داخل ٿي مسمات هدايتان لغاري زال مولا بخش لغاري کي گولين هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن بعد جوابدار فرار ٿي ويو، فائرنگ دوران وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو جنهن بعد

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

موررو ويجهو موٽرسائيڪل ڦٽو ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر سبب ماءُ معصوم ٻارڙي سميت فوت

سونهري فارم شهر ۾ پيش آيل حادثي ۾ مسمات شبانه سيلار ۽ سندس 5 ورهين جي ڌي دعا ڇپائجي فوت ٿي ويون

اطلاع تي پوليس پهچي ٽريڪٽر ٽرالي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي فوتين جا مڙهه تعلقي اسپتال منتقل ڪيا

قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

موررو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) موررو پرسان سونهري فارم شهر ۾ موٽرسائيڪل ڦٽو ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي جو خوفناڪ ٽڪر جنهن جي نتيجي تعلقہ دوڙ جي ديهه 8 نصرت ڳوٺ راهب سيلار واسي هڪ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ويجهو ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ ٻن گاڏين ۾ زوردار ٽڪر، 4 زخمي

دادا پائي وٽ حادثي ۾ زخمين کي ريسڪيو ٽيمن طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

حادثي سبب ٻن ڪلاڪن تائين ٽريفڪ معطل، گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون

نوري آباد(ن ع)نوري آباد ويجهو موٽروي روڊ تي دادا پائي وٽ ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ ٻن گاڏين ۾ زوردار ٽڪر ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي فوري طور تي ريسڪيو ٽيمن طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويوحادثي سبب روڊ تي ٻن ڪلاڪن تائين ٽريفڪ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ويجهو ٽنڀي تان ڪري زخمي ٿيل خانگي لائين مين فوت ٿي ويو

بابل قاضي 6 ڏينهن اڳ 11 هزار وولٽيج جي ٽنڀي تان ڪري سخت زخمي ٿيو هو

رحيم يار خان اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي پنهنجي زندگي جي جنگ هارائي ويٺو

خانپور مهر (ن ع) خانپورمهر لڳ ڳوٺ رحمت خان گبول ۾ بابل قاضي بجلي جا جمپر ڳاهڻ لاءِ ٽنڀي تي چڙهيو ته اوچتو ڪري پيو جنهن سبب هو شديد زخمي ٿي پيو ڳوٺاڻن کيس بيهوشي جي حالت ۾ خانپورمهر جي تعلقي اسپتال پهچايو ويو، جتان نازڪ حالت سبب رحيم يار خان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي پوليس پاران مقابلي بعد ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي ويجهو ٺاروشاهه لنڪ روڊ تي ڳوٺ ميو سيال لڳ ڏينهن ڏٺي جو پوليس جو مبينا پوليس مقابلو . پوليس مقابلي ۾ ٻه ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا . جڏهن ته ٻيا ڦورو فرار . زخمي ڦورن کي علاج لاءِ پرياسٽي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: مبينا مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جوابدار

دادو ۾ پيپلزپارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي جلسو منعقد

پير مجيب الحق، صالح شاهه جيلاني، زبير احمد جوڻيجو، مسرت مهيسر ۽ ٻين جي شرڪت

بلاول ڀٽو جو وڊيو لنڪ ذريعي خطاب، قيادت پاران يوم تاسيس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

دادو(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال دادو جي پارڪ ۾ عوامي جلسو منعقد ڪيو ويو، پيپلز پارٽي ضلع دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، ايم پي اي جوهي سيد صالح شاهه جيلاني، ايم پي اي ڪي اين شاهه

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

دادو: پ پ يوم تاسيس جي جلسو ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

ڪوٽ غلام محمد لڳ مهينو اڳ ڌاڙو هڻندڙ ڌوهاري گرفتار، ڪجهه سامان هٿ

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي حد مهاجر ڳوٺ ديهه 324 ۾ هڪ مهينو ۽ ڏينهن اڳ پريو ميگهواڙ جي گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي ڌاڙو هڻي سونا زيور روڪ رقم ڦر ڪندڙ ٻن هٿياربندن کي پوليس گرفتار ڪري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

اڏيرو لال واسي جو زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

اڏيرولال (ن ع) اڏيرو لال اسٽيشن جي رهواسي انور علي چنو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته بااثر ماڻهن حاجي علي داد گبول اڪبر خان گبول ۽ ٻين ڪافي سالن کان سندس ذاتي زرعي زمين، سروي نمبر 296، 297، 299

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس مارڪون کڻندڙ اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن صدام ساندائو سجاد چانڊيو عبدالغفار مغيري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٽن سالن کان ويٽنگ ۾ آهيون، جلد آفر آرڊر جاري ڪري روزگار فراهم ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس مارڪون کڻندڙ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف لاڙڪاڻو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو، جنهن ۾ اظهار يڪجهتي طور هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻو جي صدر ناليواري وڪيل اطهر

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ دي ونڊرفل يوگا بختاور پارڪ پاران ثقافتي ڏهاڙي حوالي سان تقريب

تقريب ۾ شعيب شيخ، ڊاڪٽر سڪندر شيخ، ڊاڪٽر جهانگير اعوان ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سنڌ ڌرتي هميشه پيار، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي 7 ڊسمبر کي ڀرپور نموني ملهائينداسين: مقرر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دي ونڊرفل يوگا بختاور پارڪ طرفان ثقافتي ڏهاڙو ملهائي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شعيب احمد شيخ، ڊاڪٽر سڪندر شيخ، ڊاڪٽر جهانگير اعوان، ڊاڪٽر احمد علي چانڊيو محمد يوسف گهانگهرو مصرور ناريجو حسين علي عمراڻي گل

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ پ پ جو ڀارتي وزير خلاف احتجاجي مظاهرو ريلي

مٺي (ڊ ر) پ پ پ ٿرپارڪر پاران ضلع جنرل سيڪريٽري سشيل ڪمار ملاڻي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب مٺي اڳيان ڀارتي وزير دفاع راج ناٿ سنگهه جي ڏنل بيان خلاف هڪ ڀرپور احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف پ پ پ اڳواڻن

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شخص ريڙهي تي سلاد وڪرو ڪري رهيو آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو محروم طبقن لاءِ اميد جي ڪرڻ هو: صفدر علي عباسي

ذوالفقار ڀٽو جا پوئلڳ سندس بي مثال ورثي کي خراج تحسين پيش ڪن ٿا: ناهيد خان

شهيد سياست کي محلاتن کان عام شهري جي دروازي تي آڻي اشرافيه جي ڪاڄر کي ختم ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ورڪرز جي صدر صفدر علي عباسي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي مددگار ناهيد خان چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا پوئلڳ سندس بي مثال ورثي کي خراج تحسين پيش ڪن

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

محرابپور سميت ضلعي اندر پوليس پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن: ايس ايس پي نوشهروفيروز

محرابپور (ت ر) ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو چيو آهي ته ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال اڳ کان بهتر آهي محرابپور سميت ضلعي اندر پوليس پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن ۽ روڊ رستن تي پوليس جا جوان هر وقت ڪوشان آهن

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

محرابپور: ايس ايس پي روحل ڪوسو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پنوعاقل ويجهو ڪار ۽ مزدا ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي

سانگي لڳ قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ اسلم محمد فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي انور ڪلهوڙو ۽ لاش کي سکر سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل- سانگي لڳ قومي شاهراهه تي سي پيڪ پل هيٺان ڪار ڪي مزدا گاڏي جو ٽڪر ٽڪر لڳڻ سبب پنوعاقل واسي اسلم محمدي فوت، انور ڪلهوڙو زخمي ٿيو ٻنهي ڄڻن کي سکر سول اسپتال نيو ويو

عمرڪوٽ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران 58 هين يوم تاسيس حوالي سان جلسو

جلسي ۾ ڊاڪٽر نور علي شاهه ، نواب تيمور ٽالپر، حاجي محمد بقا پلي ۽ ٻين جي شرڪت

ڪابه طاقت، لالچ يا دٻاءُ جيالن کي پارٽي کان ڌار نٿي ڪري سگهي: بلاول ڀٽو جو لائيو خطاب

عمرڪوٽ(ن ع) پي پي ضلعي عمرڪوٽ پاران پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي سلسلي ۾ عمرڪوٽ ۾ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڏي اسڪرين ذريعي لائيو خطاب ڪيو ، تقريب جي پڇاڙي تي يوم تاسيس جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو جلسي ۾ ضلعي

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ پ پ جو 58 هون يوم تاسيس جي تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي شرڪت

پيپلزپارٽي گذريل 58 سالن دوران هر ڏکئي مرحلي ۾ عوام سان گڏ بيٺي آهي:اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ پاڪستان پيپلزپارٽي ڪشمور پاران پارٽي جو 58هون يوم تاسيس شاندار نموني جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو هن حوالي سان هڪ وڏي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن سميت ڪارڪنن نوجوانن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ پيپلزپارٽي جو يوم تاسيس جي حوالي سان جلسو منعقد

علي حسن زرداري، رياض شاهه شيرازي، عاشق زرداري، عبدالحميد پنهور ۽ ٻين جي شرڪت

محسن هائوس تي جلسي ۾ پ پ جي يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽي آتشبازي ڪئي وئي

ٺٽو (ڊ ر) پيپلزپارٽي جي يوم تاسيس جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ محسن هائوس تي وڏو جلسو منعقد ڪيو ويو صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري جي ميزباني هيٺ منعقد ڪرايل يوم تاسيس جي جلسي ۾ صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري سان گڏ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي پ پ اڳواڻ عاشق زرداري ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو يوم تاسيس وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

تقريب ۾ ڪارڪنن، عهديدارن ۽ عورت ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

بلاول ڀٽو جو ويڊيو لنڪ ذريعي ڪارڪنن کي عوامي خدمت ۽ شهيد خاندان جي جدوجهد جاري رکڻ جو پيغام

گولاڙچي(ت ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جو يوم تاسيس اڄ سڄي سنڌ سميت ملڪ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي گولاڙچي ۾ ڊي جي هال ۾ منعقد تقريب ۾ علائقي جي مختلف علائقن مان ڪارڪن ۽ عهديدار وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي ڪارڪنن کي چيو ته "اسان کي هميشه پارٽي جي

بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ اسٽال تان ناريون ڪتاب پسند ڪري رهيون آهن

سنڌ جي مهمان نوازي وڏي ثقافت آهي اسان ثقافتي ڏينهن کي عيد جي خوشين جيان ملهائيندا آهيون: حاجن خان پنڊ

دولت پور صفن (ن ع) سنڌ جي ثقافت ڳچ عرصو پراڻي آهي سنڌ جي مهمان نوازي وڏي ثقافت آهي اسان ايڪتا کي عيد جي خوشين جيان ملهائيندا آهيون رئيس حاجن خان پنڊ ۽ رئيس روشن خان پنڊ جو پيغام نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي ٽيم سان ڳالهائيندي ڳوٺ اسماعيل پنڊ جي نيڪ مرد رئيس حاجن خان پنڊ رئيس روشن خان پنڊ وڌيڪ چيو ته هن جديد دور ۾ پنهنجي ٻارن کي وڌ کان وڌ تعليم ڏيارڻ گهرجي ۽ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

بوزداروڍا: چورن پاران بجلي جو ٽرانسفارمر چوري لاهي قيمتي سامان ڪيئي خالي پيل ڪوڪو

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.